مادري وطن سنڌ جي داستان

Suk

شڪارپور ۽ ڪراچيءَ جي ڪهاڻي

شڪارپور جو مشهور چوُنڪ- لکي در

ڪلفٽن بيچ - ڪراچي

شڪارپوري پوشاڪ

ونگر (گيٽ وي) لکي در

پرشوتم سُکيجا

آرپڻ

آدرڻيہ ماتا پتا ۽ مربي ڀاءُ کي

پوڄ پتا شري گڏيشداس ميهلداس سُکيجا

ديهانت 2 فيبروري 1998

پوڄ ماتا شريمتي ڪلاوتي گڏيشداس سُکيجا

ديهانت 12 آڪٽوبر 1961

ڀاءُ شري ڪشن گڏيشداس سُکيجا

ديهانت 26 اپريل 1989

پوڄ ماتا ڪلاوتيءَ کي ڪلا ڪري ڪوٺيندا هئا پوڄ پتا گڏيشداس شڪارپور جي مشهور ڪلاٿ مرچنٽس گوپالداس سُترام فرم ۾ سروس هئن. ڪم جي سلسلي پتا صاحب جو شڪارپور، سکر، ڪراچي ۽ بامبي ۾ رهڻ هوندو هو ۽ ننڍو ڀاءُ ڪشن پنهنجي ڪٽنب سميت آميريڪا ۾ رهندو هو. پنجاهہ سالن جي عمر ۾ هن فاني دنيا مان لڏي وڃي پرلوڪ پڌاريو

ياد ۾

پرشوتم گڏيشداس سُکيجا

سُکيجا ڪٽنب پريوار

مادري وطن سنڌ جي داستان

شڪارپور ۽ ڪراچيءَ جي ڪهاڻي

ليکڪ

پرشوتم سُکيجا

English School
17 NOV 201
LIBRARY

ॐ
جئي سنڌ
سدائين سکيا ستابا ھجن سنڌي
پاڪستان
بلوچستان
ضلع جيڪب آباد
ضلع لاڙڪاڻو
ضلع سکر
ڪشنگڙھ
لونگيوالا
ڪوتوالا
شاھ ڳڙھ
جيسلمير
جينيو
ڀارت
ضلع نواب شاھ
ضلع سانگھر
ضلع دادو
ضلع حيدرآباد
ضلع ٿرپارڪر
ضلع بدين
ضلع ٺٽو
بارمير
مناباو
عربي سمنڊ
ڀارت
ڪڇ جو رڻ

BRFL

BOMBAY RAYON FASHIONS LTD.

WHOLESALE SUPPLIERS OF
100% COTTON CASUAL SHIRTINGS

Shankar Tex

GAJANAND TEXTILES GT MUMBAI

Jinitex®
FANCY SHIRTINGS

Gajanand textiles

Singapuri Bldg., 1st Floor, R. No. 14,
Champa Gally X Lane,
Kalbadevi, Mumbai - 400002.
Off.: 2243 0052 / 2240 4946 / 6634 2394 Godown : 6634 2395
Fax : 2240 1762 E-mail : jinitex@hotmail.com

In Memoriam

Brother
Late
Shri Arjoon H. Punwani

Passed Away :
3rd June 2009



Brother
Late
Shri Santu H. Punwani

Passed Away :
7th June 2010

Fondly Remembered by

Narain Hiranand Punwani
&
Family Members
Tel.: 26460098 M : 9833562890

Pure Veg Only

Family Picnic Point

NIRMAL LAKE RESORT

At the Banks of Tansa Lake

Musical Rain Dance, Swimming Pool

**Righ Place for Social Group,
Society Picnic, Kitty Party, Birthday Party,
Marraige Anniversary,**

Beautifully Covered Conference hall with 200 People Capacity with Sound System available free

One day Picnic Time 9am to 6pm

**Special Discount
For Social And Big Groups**

Owner : MULCHANDANI 9869244011/9757262636 Morning Only

Hon. Advisor : BIHARI SHAHRI : 9819162465

BOOKING CONTACT : Deepak : 9967271383
Narayan : 9923159122

A/C NON A/C ROOMS AVAILABLE

Address: Virar (Khaniwade) Toll Naka,
Highway Touch, Bhalivali Goan, Virar (East)

Falak Farm house • • • • Khushboo Nursery

With Best Compliments From

INDUS SYSTEMS & SERVICES PVT. LTD.

AN ESTABLISHED I.T. COMPANY

BUSINESS PARTNERS OF
IBM, LENOVO AND HP
FOR DESKTOPS, LAPTOPS,
SERVERS AND PERIPHERALS

121, KUBER COMPLEX, NEW LINK ROAD,
ANDHERI (W), MUMBAI - 400 053.
TEL.: 26743252 / 53 / 54

With Best Compliments From

D.G. SUKHIJA
9892143299

R.D. SUKHIJA
9967256722

RAMESH ENTERPRISE

Wholesale Dealers in :
HANDKERCHIEFS & HOSIERY

74/76, V.V. Chandan Street, Shop No. 2,
Vadgadi, Masjid Bunder, Mumbai - 400003.
Tel.: (O) 23451242, 23451243

5-6(128

ڪتاب جو نالو: مادري وطن سنڌ جي داستان
شڪارپور ۽ ڪراچيءَ جي ڪهاڻي.
ليکڪ......: پرشوتم-جي-سُکيجا
اَئڊريس ...: C-75 Rohit Apts.
3rd Cross Lane
Lokhandwala Complex
Andheri (W) Mumbai 400 053
Tel : 2632 7406

ڇپائيندڙ ...: بهاري شهري
A 202 Seashell Apts.
3rd Cross Lane
Lokhandwala Complex
Andheri (W) Mumbai 400 053
M : 9819162465
Res : 26366729

ڇپيندڙ **IMPRESSIONS**
212, Allied Industrial Estate
Mahim, Mumbai - 400 016
Tel. No.: 66662315 M : 9820883807

لي آئوٽ: رام لالچنداڻي.
ڪور ڊزائين: آنند لالچنداڻي.
ڊي-ٽي-پي: شويا لالچنداڻي.
ڇاپو.....: پهريون.
سال.... : Feb. 2011
قيمت....: Rs. 150/-
ڪاپيون.: 500

انڊس انڊ فائونڊيشن جي ڪجهه مالي سهايتا سان ڇپايل. مان سندن جا شڪرانا بجا آڻيان ٿو.

This book is partly financed by the IndusInd Foundation, New Delhi

ليکڪ جا سڀ حق واسطا قائم.

ليکڪ وٽان

اول تہ مان شڪر گذار آهيان جهوليلعل سائين جو ۽ پروفيسر رام
جواڻي لٽرري ۽ ڪلچر سينٽر سيتا سنڌو پون جو، جتي سالن کان شري
ڪر چاولا ۽ پيڻ پارو چاولا ميلا لڳائي سنڌين کي گڏ ڪري ،سنڌيت
و شان پيا ٽا وڌائين.جيترو وقت بہ جڏهن مان پروگرام تي هوندو آهيان،
ن موج ۾ هوندو آهي. اُنهن پروگرامن تي وڃڻ کان پوءِ ئيمونکي سنڌي
اهتيہ جي ڪتابن پڙهڻ جو شونق لڳو تڏهن خوش نصيبا ''منهنجي
هر شڪارپور سنڌ جي باري ۾ لکيل ڪتاب پڙهڻ لاءِ مليو ۽ ان
ڪتاب جي ليکڪ لوڪرام ڏوڏيجا سان گڏ منهنجو من بہ اُڏامندو
امندو وڃي شڪارپور پهتو. جتي مون پنهنجي حياتيءَ جا پندرهان
ال گذاريا هئا. اُهي سڀ بزاريون، دڪان، جايون ۽ رستا گهمڻ لڳس تہ هن
س جي دل ۾ بہ پريرٽا اتپن ٿي تہ جيتري قدر ممڪن ٿي سگهي،
واد هٿ ڪري مان پڻ ان زماني جا پنهنجا شخصي آزمودا لکان. هيترا
ارا سال گذري چڪا آهن سنڌ وڃڻ جو موقعو ڪونہ مليو آهي ۽ هاڻي
ن پيڙهيءَ ۾ وڃڻ ئي محال آهي.

سنڌ ۾ دنيوي پدارٿ تہ نہ هئا پر اتُان جي ماڻهن ۾ سک شردا. اُمنگہ ۽
ننائون خوب سمايل هيون. هن ليک لکڻ مهل انهن سڀني ڳالهين ۽ نظارن پسڻ
جو مونکي انيوُ ٿيو جيڪي ورهيہ اڳہ مون ڏٺا هئا. شڪارپور ۾ هوندا هئاسين
ہ نماشام جو گهر کان ٽورو ئي پري نِڪر جي ٽانوَ ۾ رذل سائو ساڳہ ۽ واڳڻ
جو بَرٿو ملندو هو يا پڪوڙائيءَ کان پڪوڙا ۽ پاٽيءَ ۾ پيل بصرن جي ڪتائڻ
ٽي رات جي ماني کائبي هئي ۽ صباح جو ڏهيءَ وارو ڏهيءَ مٿان مکڻ رکي
يندو هو يا دِمَن واري کان دال مڱن جو سنو چشڪيدار دونو پرائي تازين
ارڪن سان نيرن ڪبي هئي. اهو سڀ اڄ تائين چٽيءَ طرح ياد اٿم.
ڪارپور جو مشهور لکي در ۽ سنڌ واهہ، ڏياري ۽ هوليءَ جا موَج پريا
ڏينهن، رنگہ بہ رنگي خوشنما گلن ڦلن وارا باغ بغيچا، ڪٽ واري دربار ۽ بيا
ڪيترائي مندر ۽ ٽڪاڻا، چانڊوڪيون راتيون ۽ بهراڻا وسرڻ جهڙا ناهن.

اتان جي پڳتن جي پڳت جا دلڪش چرچا ۽ توٽڪا، پڳتي ۽ گيان نگري
هئي شڪارپور. هند ۾ شڪارپور جهڙو ٻيو ڪوئي شهر نہ ڏٺم.

فهرست

سلسلي وار	صفحو
1. ليکڪ وٽان	I
2. مهاڳ : شري ٺاڪر چاولا	IV
3. ڪُجھ مان به چوان : ڊاڪٽر اَرجن سڪايل	VI
4. ڀاڱو پهريون :	
شهر شڪارپور سنڌ جي داستان	1
5. ڀاڱو ٻيون :	
ڪراچيءَ جي ڪهاڻي	59
ڪراچي جيئن مون ڏٺي - هيرو ھنگوراڻي	86
6. ڀاڱو ٽيون :	
ا. سنڌو نديءَ لکپت بندر (ڪڇ)	100
ب. وشال ڀارت واري سنڌين جي سنڌ	101
ٻ. سنڌ ۾ روزمره جي زندگي	102
پ. مذاقي پيشڪش	103
ڀ. ديش جو ورهاڱو	104
ت. ڪنور تون سنڌ هئين	106
ٿ. جھوليلال آهي ورڻ ديوتا درياه شاه جو روپ	109
ٽ. سهيوگي ڪتاب	110

شڪارپور ۽ ڪراچيءَ جي ڪهاڻي"
ڪتاب پاٺڪن اڳيان پيش ڪرڻ جي خوشي حاصل ٿي اٿم. پاٺڪن
ي رُچيءَ لاءِ ڪتاب ۾ اُتان جي نظارن جا ڪي اسڪيچز بہ ڏنا اَٿم.
زماني جا مشهور گيت پڻ شامل ڪيا اٿم جن جي ٻڌڻ سان خاص خوشي
اصل ٿيندي هئي.

دل سندي جذبات کي
لفظ اٿم ڪونہ
جنهن سان ڪريان اظهار

مان شري ٺاڪر چاولا جو قرب وساري ڪين سگهندس ۽ هميشه احسانمند
هندس جو منهنجي هن ڪتاب لاءِ اعليٰ ترين مهاڳ لکي ڏنو اٿس.

مان شري اَرجن سڪايل صاحب جو تهدل شڪرگذار آهيان جو طبيعت ناخوش
وندي بہ هن صاحب سڄو ڪتاب نظر مان ڪڍيو ۽ بہ اکر پيش ڪيا اٿن.

مان اَحسانمند آهيان چترڪار ميگهراج تلريجا ۽ هيري هنگوراڻي صاحبن
جو جن ٻنهي منهنجي ڪلپنا ۽ پسنديءَ موجب سنڌ جي نظارن تي اَهڙا
نا اسڪيچز ٺاهي ڏنا ۽ هن ڪتاب کي شاندار بڻائي ڇڏيو.

مان دلي شڪرانا بجا آڻيان ٿو شري هيري هنگوراڻي صاحب جا هن صاحب
جي صلاح مصلت کان سواءِ هي ڪتاب ڇپائڻ جو ڪم ڏکيو ٿئي ها.

مان شري رام لعلچنداڻي، شوبا لالچنداڻي ۽ آنند لالچنداڻي صاحبن جي
هرباني ٿو مڃان جن جي محنت کان سواءِ منهنجو هي ڪتاب هن
خوبصورت نموني پيش ٿيڻ ممڪن نہ هو.

مان انهن سيني پريتوانن ۽ سڄڻن جو بيحد ٿورائتو آهيان جن جي
سهڪار سان ئي مان اهڙو سنو ڪتاب ڇپائي سگهيو آهيان.

خاص ڪري هندواسي اخبار ۽ ٻين سنڌي ڪتابن ۾ آيل ليک جن
ونکي وڌيڪ متاثر ڪيو سي سڀ ڳالهيون گڏ ڪري مون هي پنهنجو
ضمون لکيو آهي اُميد تہ هن ڪتاب کي پڙهندڙن جو پيار ملندو.

ڌنيواد.

ممبئي.

پرشوتم سُکيجا
M : 9867512576

سنڌ ۽ هند ۾ اَسانجي وڏڙن ۽ سنڌي ساهتڪارن ۽ سنگيتڪارن جيڪي گلزاريون لڳايون آهن ۽ سڳنڌ ڦهلائي آهي سا وڃڻ جي ناهي فقط ضرورت آهي نئين ٽهيءَ جي نوجوانن ۾ سنڌي ڪلچر ۽ ساهتيہ لاءِ چاهہ پيدا ڪرڻ جي. جيستائين جنهن کي پنهنجي اتهاس جي ڄاڻ ناهي تيستائين هوُ ٻار ليکبو . سنڌي سماج کي گهرجي تہ جيڪي نوجوان سنڌي ڪلچر ۽ سنڌي سکڻ ۾ رُچي ٿا رکن تن کي (Incentives) لالچ ڏيئي ۽ سرهائي ظاهر ڪري (Felicitation) پيسي ڏوڪر جي مدد ڪري بہ انهن ۾ سنڌي ساهتيہ لاءِ چاهہ وڌائين تہ پوءِ هوُ بہ ايترو سارو گڏ ڪيل سنڌي ساهتيہ لٽريچر پڙهڻ جو مزو ماڻي سگهندا.

پوشيہ ۾ شل ائين ٿئي جو سنڌ ۽ هند کي هڪ ملڪ ڪري ليکن ۽ ماڻهن ۾ ميل ميلاپ جو جذبو جاڳي ۽ سنڌي پنهنجي اباڻي وطن سنڌ ديش ۾ اچي وڃي سگهن ۽ ڪا بندش نہ هجي.

ديش جي ورهاڱي کان اڳہ ڪراچيءَ ۾ ڇا تہ رؤنق هوندي هئي ۽ اوائلي دؤر ۾ هڪ ننڍي مهاڻن جي بستيءَ کي ڪيئن هندو واپارين اچي وسايو جو پوءِ هڪ شاندار ڪراچي بندرگاهہ ليکجڻ ۾ آيو. ڪراچيءَ جي ويجهو پراچين ديوي مندر ماتا هنگلاج ياترا جو بہ سمورو اَحوال لکيو اٿم. اهي سڀ ڳالهيون توهان ڪراچيءَ جي ليکہ ۾ پڙهندا.

مان شڪرگذار آهيان شري ارجن سڪايل صاحب جو بهاري شهري ۽ گوپال نڪر جو انهين صاحبن منهنجي هن ليکہ کي ساراهيو ۽ ڪتاب ڇپائڻ لاءِ اتساهت ڪيو.

مضمون لکڻ لاءِ ضروري آهي تہ گهر جو ماحول سٺو هجي. مان شڪرگذار آهيان پنهنجي ڌرمپتنيءَ جو جنهن منهنجي لکڻ تي ڪڏهن اعتراض ڪين اٿاريو فقط وقتي ائين چوندي هئي تہ انهتر ۾ اَچي پهتا آهيو سڄو ڏينهن وينا ٿا لکو. اَلائي ڪهڙا اڪ ڪارا ڪندا.

مان ڪو اديب نہ آهيان لکڻ لاءِ جيڪو ڏانءُ ۽ هلاڪت گهرجي سا مون ۾ ناهي پنهنجي وت آهر بخشيل ٻڌي ۽ ٻل سان جيڪي زبان تي آيو سو ويهي لکيو اٿم.

''مادري وطن سنڌ جي داستان-

شڪارپور سان گڏو گڏ هن ادي ڪراچي شهر لاءِ به لکيو آهي.

ڪراچي جي ڏي جي سنڌ ڪاليج جنهن ۾ پروفيسر رام پنجواڻي سنڌي
ائيندا هئا. ۽ مان به ميٺارام هاسٽل جي پاسي ۾ رهندو هوس. پڙهندي گر
ر، برنس گارڊن، 'هندواسي' جي پريس ۽ منهنجو شهاڻي هاءِ اسڪول اکين
قرڻ لڳا. وري رام باغ جي آسي پاسي وارا نظارا. شانتي نڪيتن جتي دادا
پنجواڻي شاهه جي بيتن بابت ٻڌائيندا هئا. رام باغ جنهن کي هاڻي آرام باغ ٿا
ڪونين. ان جي پرسان ڊاڪٽر ميرچنداڻي جي وڏي اسپتال هوندي هئي.
هنجي بابا کي جڏهن دل جي تڪليف ٿي هئي مان ڪيس ڊاڪٽر ميرچنداڻي
ٿ ئي ڪٺائي ويو هوس. اهو دل جو جهٽڪو ڪراچي اسٽيشن کان موٽندي
ن لڳو هو. چاڪاڻ ته هو پنهنجي دوست کي، جيڪو ڳوٺ مان ٿي ڪراچي
و، ترين مان لاهڻ ويو هو. پر ان بدران ترين ۾ ئي ڪيس قتل ڪيو ويو هو،
ا لاءِ ته هو پهاچ وارو هندو هو.

هن ادي کي ڪراچيءَ جي به چڱي ياد ٿي لڳي، اتي جا رستا، هاءِ ڪورٽ
ي عاليشان بلڊنگ برنس گارڊن جي سونهن چٽي آهي. ايتري قدر جو اهو به
ڪر ڪيو آهي ته ڪراچي ۾ موٽرون صرف ڪروڙپتين وٽ ئي هيون
في ڪن لکاپتين وٽ وڪٽوريا ٽانگا يا گاڏيون هونديون هيون، جنهن ۾ شام
و اهي شاهوڪار وڏن ۽ صاف رستن تي سئر ڪرڻ ويندا هئا. اسان وٽ به
ڙي وڪٽوريا گاڏي هئي، جنهن کي هلائڻ واري جو نالو جيتو هو، ان رام باغ
ي پرسان ڪٽوريا گاڏين جا ڪاڄهه تبيلا نهيل هوندا هئا. جتي گاڏي هلائڻ
ارو به رهندو هو ته گاڏي به رکندو هو.

چا لاءِ ته مان ڪراچي ۾ جائو هوس ۽ ورهاڱي ٿيڻ تائين اتي ئي رهيو
وس. ان ڪري هن جيڪي ڪراچيءَ بابت لکيو آهي اهو منهنجي ذهن ۾
دگيرين جي تصور سان نهڪي ٿو اچي ۽ هڪ دفعو وري اتي ٿيل واقعن تي
ديون ڪهاڻيون لکڻ لاءِ لالچ اُيري آهي. نيو چالي، النري مئدان، پرسرام جا
ولڳپا ۽ خالڪي جا مرچن جا پڪوڙا، گاڏي کاتي جا مسلمان داداگير، بندررو ڊ
ڪسٽينشن جو ماحول ياد اچي ويو آهي ۽ اهي ڏنگايون جن کي مون اڃان
اهر نه ڪيو آهي.

اميد آهي ته پانڪ هن ادي جي يادگيرين کي شاباس ڏيندا.

ٺاڪر چاولا

مهاڳ

ڪيترن سالن کان هن سڄڻ کي مان سيتا سنڌو پون ۾ هلندڙ ڪلچرل پروگرام ۾ ڏسندو رهيو آهيان. مشڪل سان ڪو پروگرام گسايو هوندائين. هن نمستي ڪرڻ کان وڌيڪ ڪڏهن به نه ڳالهايو هوندو.

اچانڪ هڪ ڏينهن پروگرام کان پوءِ هن چيو ”مان ليکڪ ته ناهيان نه ئي ڪجهه ڪڏهن لکيو اٿم پر سيتا سنڌو پون ۾ دادا رام پنجواڻي لئبرريءَ مان ڪي ڪتاب پڙهڻ جو شونق ٿيم ۽ اوهانجو شڪارپور بابت ڪتاب پڙهڻ سان منهنجي اندر ۾ اُڌما اٿيا آهن ۽ منهنجي يادگيري جي ٽيپ بلڪل واپس ري وائينڊ ٿي وئي اهي. ائين ٿو لڳي مان شڪارپور شهر جي گهٽين ۾ گهمي رهيو اهيان هن ڪجهه صفحا لکيل مون کي ڏيکاريا مون کي لڳو هن کي برابر شڪارپور جي پوري پوري ڄاڻ آهي.

شڪارپور ۾ هر سال هوليءَ جو هانڊو ٿيندو هو ۽ ڪيترا ئي وڏا وڏا ڪلاڪار به هندستان مان سنگيت جي محفل مچائڻ لاءِ گهرايا ويندا هئا ۽ اتي جي سئيو جي مٺائي ۽ بصر جي ڪٽاڻ واه جو ٿڌي هئي. ضرور ان جو به ذڪر ڪندا.

پل هن کان اڳ ڪڏهن هن ڪو ڪتاب نه لکيو آهي پر ڪيس همٿ ڏيارڻ لاءِ مون خود ٿي ڪيس اندس انڊ فائونڊيشن مان ڪجهه رقم وٺي ڏيڻ جو رخ ڏيکاريو جو جئن هو پل ڇپائڻ لاءِ ڪتاب لکي.

پرشوتم سڪيڄا جي لکڻي جي بمبئي کي نه ڏسٺو آهي ۽ نه ئي وري هنجي جملن جو گرامر ڏسٺو آهي. هنجي دلي ڀاءُ کي جاچيو ته. بلڪل هنجي ايمانداري ظاهر ٿي پوندي.

مهني کن کان پوءِ هن مواد ڏيکاريو هن نه ڪٽ واري دربار کي وساريو آهي نه ئي وري هوليءَ جي هانڊي کي شڪارپور جي پهلوانن کي به ياد ڪيو آهي ته سنڌي پڪتن کي پڻ.

جڏهن سوامي پرمانند بابت پڙهيو جو پڻ شڪارپور جو ۽ سنڌن ستسنگ ڪار ممبئي ۾ اسان لاڳيتو ٢٠ سال ٻڌو. دل کي خوب ذڪر وٺيو. هن کان ئي شڪارپور جي ٻئي ويدانتي شاعر 'سامي' جا سلوڪ ٻڌا هئا ۽ انهن سلوڪن جي معنيٰ.

لکيل ’ٽنڊي آدم‘ جو اتهاس نٿرمل چوٽراڻيءَ جو ڏيپارجن جي
ريڪٽري ۾ ٻيا ٻہ ٽي ڪتاب بہ ياد اچن ٿا.
ياءُ پرشوتم سُکيجا جو هيءُ ڪتاب ٻين سيني جي ڀيٽ ۾ گوءِ ڪٽي ويو
ي. سندس سهڻي ۾ سڪ واري ٻولي اهڙي تہ مني آهي، جهڙيون
ڪارپور جي استرين جي ٻي مثل سونهن ۽ سندرتا ۾ ’منهنجا لال‘ ’منهنجا
‘ واري ٻولي.

شري بهاري شهري هن نئين ليکڪ کي سندس ڪتاب سميت مون
ن وٽي آيو هو ۽ ڪيس هر طرح همٿايو اٿائين.

شري پرشوتم سوچيندو رهيو تہ سنڌي پانڪ گهٽجي ويا آهن تنهن
ٻري ڪتاب تي ڪيل محنت ۽ خرچ اجايو تہ نہ ويندو؟ ٻن سالن بعد
ڏهن هو مون وٽ آيو تہ مون کيس چيو هي سهڻو ڪتاب تنهنجي جنم
ميءَ لاءِ جڻ تہ شرڌا جا ڦول آهن ۽ ڪتاب دستاويزي ۽ اتهاسڪ (تواريخي)
تميت وارو آهي تنهن ڪري ضرور شايع ٿيڻ کپي

نئين ليکڪ هوندي بہ سندس ڪتاب ۾ قلم جي قوت ۽ ٻوليءَ جو ٻل
خوبي ظاهر ٿين ٿا ۽ بلڪل ساراهہ جوڳا آهن.

ارجن سڪايل

-ت:-

ڪراچيءَ جي ٻاري ۾مان هن ڪان بہ وڏو بيان لکي سگهان ها، پر ياءُ ناڪر
اولا مهاڳ ۾ اُن جو ذڪر ڪري ڇڏيو آهي.

'ڪجهہ مان بہ چوان'

شري پرشوتم سُکيجا جو شڪارپور شهر بابت لکيل ڪتاب منهنجي اکين اڳيان خوبصورت سوغات بڻجي آيو.

ليکڪ جي حبُ الو طني ۽ جنم ڀومي ۽ سان انتها پيار ۽ جذبات ڏسي منهنجون اکيون ڀرجي آيون. اُن وقت مونکي قابوليّ والا فلم ۾ پياري اداڪار شري بلراج ساهنيءَ جو ڳايل گيت اچي ياد پيو.

آءِ ميري پياري وطن-

اءِ ميري بڇڙي چمن-

تجهہ پي مئن قربان-

شڪارپور جي شهر سان منهنجو بہ گهرو سنبنڌ رهيو. بغداد ۽ بصري جا موتي، تبيت پرڳڻي جو عنبر، نيپال جي ڪستوري ۽ هماچل پرديش جو شلاجيت منهنجي يوناني حُڪمت جي دوائن ٺاهڻ ۾ ڪم ايندا آهن. سي سڀ شيون سنڌ جي ڪراچي، حيدراباد سميت، ٻئي ڪنهن بہ شهر ۾ اصلي ۽ خالص ڪٿي بہ ملي نہ سگهنديون هيون. شڪارپور جا سُپتيا واپاري پاڻ وٽ رکندا هئا، جي مان اُنهن جواهرين وٽان وٺي ايندو هوس يا پارسل ذريعي گهرائيندو هوس.

جيئن ڪراچيءَ جو حلوو مشهور هو تيئن شڪارپور جون مناپون، خاص ڪري پستن بادامين ڪاجن ۽ اکروٽن جون مناپون، چئي ڪٽي بس ڪر. اهي مناپون سنڌ ۾ تہ ڇا پر هندستان ۾ ۽ اوله ايشا جي ملڪن ۾ گهڻي شونق سان کاڌيون وينديون هيون.

اڄ بہ اُنهن مناپن کي ياد ڪري وات پيو پاڻي پاڻي ٿئي.

سنڌ واه، سينگاريل گهوڙا ۽ بگيون، ليڪدر جون ڪلفيون، شڪارپور جي ڍڪ بزار، ڪٽ واري دربار ۽ ڳاڙهيءَ پڳڙيءَ وارا ڀائيبند، سيٺيون ۽ شاهوڪار اکين اڳيان پيا ڦرن. خبر ناهي ڇو اها شڪارپور واري ڳاڙهي پڳڙي سنڌ جي جدا جدا حصن ۾ رهندڙ ڀڳت، موٺڻ، پرسي، صوبي ۽ شمن گُڏيءَ سميت ڇو پائيندا هئا.

شڪارپور تي هڪ ڪتاب سنڌي ديوناگيريءَ ۾ شري لوڪرام ڏوڏيجا جو ملي ٿو. لکميچند روپچنداڻي جو لکيل 'سکر سونهارو'؛ ارجن سڪايل

شڪارپور جو سنڌ واهه



سوادي واڳڻ جو ڀرتو ۽ ٺڪر جي تني تي پڪل لذيذ دانگيءَ جي روٽي.
شڪارپور سنڌ واهه ڪناري خاص هوٽل

ڏوبي گهاٽ

شڪارپوري سيٺ جو هڪ خانگي باغ

ونگر (گيٽ وي) لکي در

شڪارپور جو مشهور چوُنڪ لکي در



شرد پورٹما ڏينهن ناچ جو نظارو

لال لوئي (اگني پوڄا)

ڀاڱو ڀهريون :
شهر شڪارپور سنڌ جي داستان :

"سنڌ جو اڳوڻو شان عجب هو،
راحت هئي جڻ راضي رب هو،
اڳ واري اَج الفت ناهي،
ملڪ ۾ ساڳي محبت ناهي."

ديش جي ورهاڱي کان اڳ واري سنڌ ناچ سون هئي. ماڻهو ڀلا. ڪاڏي جا ڀنڊار. ڇا تہ زمانو هو. ان وقت کي ياد ڪري ماستر چندر اهو ترانو لکيو هو. مونکي پڻ ان زماني واري شڪارپور ياد پوندي آهي. شهاڻو شهر - ماڻهو مُربي - هر طرف گهاٽن وڻن جي سيتل ڇايا روح کي راحت بخشيندي هئي. شڪارپور سنڌو نديءَ کان اُتر اولهہ طرف فقط ڀاويهہ ميلن جي مفاصلي تي آهي. سنڌوءَ جو سيتل جل ڪٽي، ٽي واهہ شڪارپور مان لنگهندا هئا. تن مان سنڌ واهہ ۽ ٻيو بيگاري واهہ مشهور هئا.

Shikarpur was Like An oasis in the desert

سال جا چار پنج مهنا سنڌ واهہ تي ڇا تہ ٻهہ ٻهہ لڳي پيئي هوندي هئي. آني ٻن ۾ ڪاني ڍءُ ڪري سڄو ڏينهن موڄ ۾ رهبو هو. غريب، شاهوڪار، هندو توڙي مسلمان سنڌ واهہ جي وهندڙ سيتل پاڻيءَ جي ڌارا ۾ لاٽ پوندي هڪ جهڙو پيو لڳندو هو. سنڌ واهہ جي ڪناري تي سيٺين جا بنگلا نهيل هوندا هئا. اتي وٽڪار بہ واهہ جي هوندي هئي.

هندو هئا. ڊبل روٽي پاءُ کي ڪولي ديگري ۾ گرم رس مان ٻوڙي ٻه نه، فقط ڇهائي دڪاندار ڏيندا هئا شام جو پيسي ۾ مست ناشتو ٿي پوندو هو. باقي ڇوهر نانوائي ۽ جي هوٽل جو ڪاڏو سنو ڏهُ ڪري دل گهريا مال کاءُ ته ٻه بل ايندو هو چار يا پنج آنا. راڌي چاپن واري جو دڪان مشهور هئو، ماڻهو آڱريون چٽي اٿندا هئا. موتيءَ جي ڪلفي تنهن جي سواد جو ڇا بيان ڪجي! سدا بهار ڪلفي، باداميون پستا جام پيا هوندا هئا. هڪ پاءُ تور ڏيڊ آني، کاءُ ته فرحت اچي ويندي هئي. (هڪ رپئي ۾ 64 پيسا يا 32 ٽڪا يا 16 آنا هئا.) ناڪرداس لکيمل لمليٽانيءَ جو دڪان مشهور هئو. مٺي بوتل هڪ آني ۽ کاري ٽڪي، پيءُ ته ڪنن مان دونهان پيان نڪرن. گلاب روز، اسٽرابيري، موتيو، ومتو ۽ جهنجهليٽ (پيٽ سور لاءِ سنڌ پيل بوتل) ٽڏيون ٿيل کير جون بوتلون باداميون ۽ ڦوٽا پيل پيءُ ته نيڻ ٺري پون. شڪارپور جي پاٽيءَ ۾ ڪرامت هئي جو اُتي جهڙا لمليٽ ٻين شهرن ۾ ڪين ٿين. شام جو لکيدر تي ڇهربهر وارا ٻه گهٽائي هوندا هئا. مٺا گوگرون، کٽامٺا ڦاروان، مانهين جون ڪچوريون ۽ دال ماکٽي، پُرڪٽا مصاليدار پڪوڙا، نرم ڪوئرا بيهه، دال مگ دِمَن وارا ۽ ڇولا ڊبل هوڪا پيا ايندا ”ساڄڻ کائي وٺ، چپ چٽيندو وڃ.“ ڪلفي فلودي مٿان وجهندا هئا ڪُٽيل برف ۽ قسمين قسمين شربتن جي لاڙ. کاءُ ته فرحت اچي وڃي. مطلب ته کاڌي جا مال اُهي ٻه وري لکيدر جا! ڇئي بس ڪر. هر قسم جو وکر هو ۽ هر قسم جو هوڪو. لکيدر تي شام جو گلن وارا گلاب ۽ رابيل جون ڪنڍيون ٺاهي رکندا هئا. گلن ۾ اهڙي ته مٺي خوشبوءِ جو پري کان ٻه سرهاڻ پيئي اچي، شونقين ماڻهو گلاب ۽ رابيل جي ڪنڍي ٻانهي ۾ يا ٻانهن تي ويڙهي چڙهيندا هئا. رات جو رابيل ۽ گلاب جا گل پلنگ پرسان رکي سمهه ته مٺي ننڊ ڪنيون

بيگاري واهہ تي پتين اندر زالن لاءِ خاص گهاٽ نهيل هئا. باقي سنڌ واهہ عام پبلڪ جي وندر جو ڪيندر هو. گهاٽ تي ميلو متو پيو هوندو هو. ڪاڌي پيتي جا دڪان، گهاٽن وٽن هيٺان ڪٽولن تي ماڻهو ويٺا ڪائيندا پيئندا ۽ ڳالهيون ڪندا هئا. سنڌ واهہ تي نڪر جي برتن ۾ رڌل سائو ساڳہ دانگيءَ جي روٽي ۽ واڱڻن جو برٿو سوادي ملندو هو. اتي جا ماڻهو سوادي ڪاڌو ناهڻ ۾ ماهر هئا. خاص ڪري چؤماسي ۾ تہ ساڄي شهر جا ماڻهو فئمليءَ سميت اچي گهاٽ تي محفل ڪندا هئا. گرمين ۾ تہ شڪارپور جي سونهن سميٽجي سنڌ واهہ تي ايندي هئي. ڪٿي جهولا، ڪٿي رانديون، ڪٿي گانا ٻجانا، ڪٿي ڪسرت تہ ڪٿي ستسنگہ پيو ٿيندو هو. لٽا لاهي دڪاندار جي حوالي ڪيا ويندا هئا. سنڌ واهہ ۾ شنان ڪرڻ ڪانپوءِ بدن ۾ تازگي اچي ويندي هئي. ڪڏهن انگريز آفيسر گشت تي اچي تہ سپيئي اٿي اوڏانهن ڊوڙندا صاحبان، صاحبان، صاحب جي صاحب جي، ڪري پيا انگريز آفيسر سان ڳالهائيندا. شڪارپور جي لکي در جي رونق بہ نرالي هئي. شام ٿي تہ شڪارپورين جي ڊوڙ لکيدر ڏي. لکيدر هئو بہ لکيدر. هر قسم جي وَٿِ هُتي حاضر. اڳہ شڪارپور جي قلعي کي چئني پاسن کان وڏا اَٺ دروازا هئا. انهن مان لکي در خاص هئو. لکيدر ٻاهران وڏي ميدان جي وچ ۾ هو گهنٽا گهر ۽ چئني طرف هئا رستا، جايون ۽ ڪاڌي پيتي جا دڪان، ميدان مان شهر اندر اچڻ لاءِ وڏي ونگہ نهيل هوندي هئي. باقي اسٽيشن، شاهي باغ، سنڌ واهہ وڃڻ لاءِ هئا. گهوڙي گاڏين وارا، گهوڙن کي ريشمي رومال، ربينان، رابيلن جي مالهائن سان سينگاري گراهڪن کي چڪيندا هئا. ''**هل يار اسٽيشن ڏي پيي آني سواري**.'' لکيدر تي ڪاڌي پيتي جا مال بہ ڏاڍا سوادي هوندا هئا. هر چيز لذيذ. ڪاءُ تہ مزو پيو اچي. دڪانن جا مالڪ اڪثر

و سنڀچار ٿيندو هو. شڪارپور جو شاهي باغ سچ پچ شاهي باغ هو. باغ
يانت يانت جا گل هوندا هئا. اَڇا، ساوا، ڳاڙها، نيرا ۽ پيلا گلاب جا گل،
ن ۾ جدا جدا مست سرهاڻ. قسمين قسمين ٻوٽا، بخملي چٻڙ وارا ٻارا،
غ ۾ وٽڪار بہ واھہ جي هوندي هئي. اتي جڏهن گلن جي نمائش
ندي هئي تہ ڏسڻ لاءِ گهڻي خلق باغ ۾ ايندي هئي. ميلو لڳي ويندو
و. شڪارپور جي آس پاس ڪيترائي خانگي باغ بہ هوندا هئا جتي
ٺهو فئمليءَ سميت وڃي پِڪنِڪ ڪندا هئا. مست گلڪاريءَ جي
چ ۾ هوندا هئا تلاءَ ۽ حوض، باغ ۾ آڏر ۾ نيسر جي پاڻيءَ جي جهرني
ڻان ويهي سنان ڪر تہ لنگهہ نري پوندا هئا. باغائي ٻارن کي وٽن مان
زا ميوا آٽي ڏيندا هئا. مانٽ پيسا ڏين يا نہ ڏين تہ بہ دل ۾ ڪونہ ڪندا
ا. باغ جا مالڪ اڪثر هندو سيٺيون هئا سندن جي باغ ۾ ماڻهو اچن تہ
ع نہ هئي پاڻ خوش ٿيندا هئا تہ اسان جا ماڻهو باغ ۾ اچي سکہ ٿا ڪين
ٻار بہ مزا ٿا ڪن.

وڃي. چبوتري تي مٺاين جا وڏا دڪان هئا مٺائي ٺاهڻ سون ڪاٽڻ سان دل پيئي خوش ٿيندي هئي. ياڄي مارڪيٽ ۾ گهڻن نين قسمن جون منداٿيون ياڄيون ۽ ميوا هوندا هئا. ماڻهو اُهي وٺي مُربا ۽ آچار ٺاهي رکندا هئا. گدرا ۽ سنڌ جا سَردا اهڙا ته مٺا جهڙي ماکي. هڪ هنداڻي جي تور پندرهن سيرن کان به وڌيڪ هوندي هئي ۽ ڪاٽڻ ۾ به مٺا. لکي در وٽ عام ماڻهن جي وندر لاءِ باغ هئو ''گڻيش باغ.'' پندرهين آگسٽ سنه 1947 ڏينهن انگريزن جي حڪومت کان ديش آزاد ٿيو ته لکي در جي ڪئپيٽال سنيما ۾ سڀ شوز بنا ٽڪيٽ ڪيا ويا. ان ڏينهن ڪئپيٽال سنيما ۾ ڏاڍي ڀيڙ هئي. مان پڻ فري ۾ پڪچر ڏسي آيس. شهر جا ڇيل ڇبيلا نوجوان ۽ عام ماڻهو به لکيدر تي ايندا هئا. پر چيف منسٽر الله بخش جهڙا مشهور ماڻهو به ڏسبا هئا. ٺنهنڪانسواءِ پهلوان - ايندڙ ويندڙ زائفن کي ڏسي پنهنجن مڇين کي پيا مروٽا ڏيندا هئا. مٿي تي ڪاٺين جي پڙيءَ واري جوان ڇتياڻي به لنگهي ته شودا هاءِ هاءِ پيا ڪندا هئا. مطلب ته لکيدر جي عجائب خاني ۾ سوادي مال، وچتر جيوَ ۽ سائينءَ جي اِها عجيب جوڙ ڏسي دل پيئي ماءِ ماءِ ڪري.

لکيدر کان ونگه پار ڪري اندر شهر ڏانهن اچبو ته چبوتري ڪانپوءِ شروع ٿيندي. شڪارپور جي يادگار ڍڪ بزار- سڄي بزار ساڳه جي ڪاٺ جي جڙاوت سان ڍڪيل هئي. انهيءَ ڪري سخت گرم مند ۾ به ٿڌي هوندي هئي. ڏياريءَ جي ڏينهن تي ڍڪ بزار جي رونق جو ڇا بيان ڪجي شيشي جي رنگه به رنگي هانڊين ۾ ميڻ بتيون پيئون ٻرنديون هيون. سڄي بزار ٻهه ٻهه ڪندي هئي. شڪارپور جي وڏي ۾ وڏي ڪشش َهئي اُتان جا باغ ۽ کوهه. کوهن جو پاڻي مٺو، سيتل ۽ امرت سمان. سِنان ڪرڻ سان نئين شڪتيءَ

■ پنهنجن پراون ۾ ڀيد نہ هو،
ڪنهن جو ڪنهن سان وروڌ نہ هو
وير نہ هو، متڀيد نہ هو.
سخي سياڻا سنت هئا
درويش ٻي اَنت هئا

■ سنڌو ندي وهندي هئي
روتي روزي سَسِتي هئي
الهڙ-گهرن ۾ مستي هئي
سنڌو ندي وهندي هئي.

اُتان جون اهي سيئي ڳالهيون ياد ڪري هڪڙي سڄڻ ڪويتا لکي آهي.

- ڪير مکڻ ڏڌ، لسيون جام،
کائيندا هئاسين پِستا بادام،
مشڪل سان ڪو ٿيندو هو بيمار

- ڏڏڙي ڏوڪا ڍنگريون ۽ ٻوريون،
توُت ڦاروان ڪسيون ۽ ڪارڪان،
اَڄ بہ تِن جي تن ۾ تار،

- هڪ ڪمائي ڪٽنب پيو کائي،
تہ بہ ٿوري رقم پيو ڦاهي،
هت هرڪو هڻ هڻ ڪري چمار،

- ڪشادا ڪمرا، اڱڻ، اوطاقون،
مهمان رهندا هئا راتين جون راتيون،
تہ بہ ڪونہ ڪڏهن ڪو ٿيندو هو بيزار.

- سادي رهڻي سادي پوشاڪ،
ڪين هئا سوڙها ڪرتا، لُنڊا فِراڪ،
هت فئشن تہ ڇاهي! اُفٽ مار

- ياءُ ياءُ ڪي ڪٽي وٺندو هو،
هر ڪنهن جو اِهو فرض هوندو هو،
هت نہ لهي ٿو ڪو ڪنهنجي سار،
ملڻ بہ ٿيو آ هت دشوار

ولين هيڪاري صفائي ڪري ڇڏي هوندس. هاڻي سپ هڪ ٽڪريءَ
ي ڊگهه ٿيا پيا آهن. ڪراچيءَ وارو سمنڊ اڄ تائين هتي جا پَٽ پيو
سائي ۽ منهوڙي جي ڦرنڊڙ بٽيءَ جو دهو به هن پاسي پيو پوي.

شڪارپور پراچين شهر آهي. عيسوي سن 78 ۾ ساتواهن راڄ ڪل
، وڪرمادتيه جي پوٽي، گوتمي پتر شاليواهن لڙايون ڪري سنڌو
يش فتح ڪيو ۽ سيستان (افغانستان) کان آيل ساڪا قوم کي بولان
ڪ پار ڌڪي ڪڍيو ته مهاراج سڪاري شاليواهن جي پدتيءَ سان
شهور رهيو. (سڪاري- سڪن جو دشمن) تڏهن شاليواهن سڪ
سنبت جي شروعات ٿي. سنڌس ڏاڏي وڪرمادتيه جو سنبت عيسوي
سن کان 57 سال اڳ آهي "وڪرمادتيه بيو"، يعنيٰ سڪاري شاليواهن
وڌيڪ پراڪرمي ثابت ٿيو. حملاورن جي مقابلي لاءِ هن به وڏا
مضبوط قلعا جوڙايا، هڪ پهاڙي ايريا ۾ شاليڪوٽ (هاڻي ڪوئيٽا) ۽
بيو سرحدي زمين تي شڪارڪوٽ (هاڻي شڪارپور). هن پاسي
خطرناڪ زلزلا ٿيا ته زمين جي جاگرافي بدلجي ويئي، مِثلن "موئن
جو دڙو"، ته شهرشڪارپور به ڦٽي پيو ۽ ويران جهنگل ٿي رهيو.

اِتهاس ۾ آيل آهي ته عربي ساگر ويجهو، جتي سنڌو ندي به
شاخون ٿي ڪري وهي ٿي، اتي پاتال بندر هئو ۽ پراڻ نالي وهڪرو
ڪڇ جي نارائڻ سرووَر ۾ چوڙ ڪندو هو. ڦليلي واهه، ريڻ واهه،
اوپر نار ۽ اولهه نار به درياهه هئا. مهابارت جي زماني ۾ ڪڇ جو رڻ
پَٽ به نه هئو ۽ اُتي سرسوتي، مَهراڻ، شتدروُ، وپاشا ۽ هاڪرو نديون
اچي عربي ساگر ۾ چوڙ ڪنديون هيون. ڏهين صديءَ تائين به مهراڻ
ندي هئي ۽ ستلج جو پاڻي ڪٽي روهڙيءَ کان الوڙجي ٽڪريءَ هيٺان
وهي، ڪڇ ۾ ويندي هئي. به سَوَ سال اڳ سنڌو ندي به ڪڇ پرديش
جي علاقي مان لنگهي، لکپت بندر پرسان ساگر سان ملندي هئي. وقت

شڪارپور شهر جي اَهميت جو ڪارڻ

شڪار پور شهر جي اَهميت جو ڪارڻ اُتان جي جاگرافيائي بيهڪ آهي. هي شهر انُهيءَ سڙڪ تي آهي، جيڪا ڪوئيٽا پرسان بولان لڪ کان سنڌو درياهہ تائين پهچي ٿي. پوءِ اُهو رستو درياهہ ٽپي، روهڙيءَ پرسان اروڙ تائين ويندو هو، جتان هڪ رستو مٿي ملتان ويندو هو ۽ ٻيو هيٺ ڀنڀور (ديول بندر) تائين ويندو هو. ڪنهن سمي ملتان شهر سنڌو ديش جي راڄڌاني هئو ۽ ڀارت جو مکيہ تيرٿ آستان هو. ملتان ويجهو پنج نديون بياس، سَتلج، راوِي، چناب ۽ جهيلم، گڏ ٿي سنڌوءَ سان ٿيون ملن. اُتي ڀڳوان سورج جي نِمت عاليشان مندر ٺهيل هئو. جڏهن سون، هيرن ۽ رُبين سان جڙيل سورج ڀڳوان جي مورتيءَ تي صبح جا ڪرڻا پوندا هئا، تہ سڄو مندر سورج جي پرڪاش سان چمڪي پوندو هو. پرشيا مان سُندريون اچي مندر ۾ نرتيہ ڪنديون هيون. پرشيا ملڪ جا پارسي لوڪ اگني ديوتا جا پوڄاري آهن. مندر جي سنڀال ۽ سينگار اُتان جا ماٺهو ڪندا هئا. سنڌ جي راجا ڏاهر ڪانپوءِ سنڌ ۾ حملاور ايندا رهيا تہ شهر ملتان لڙاين جو ميدان بڻجي پيو. اِتهاس ۾ آيل آهي تہ عيسوي سنہ 1048 ۾ چنگيزخان سنڌ تي حملو ڪيو تہ سنڌ جي وير سردار راجا جشراج حملاورن جو پيڇو ڪري ملتان ۾ چنگيزخان کي قتل ڪيو هو. تواريخ نويس جي ذڪر موجب اڳي راجا ڀنيوراءِ جو وَسايل شهر ڀنڀور، سهڻي قلعي اندر عاليشان عمارتن وارو، سنڌو نديءَ جي ڇوڙ وٽ بندرگاهہ هئو. عيسوي سنہ 711 ۾ عربن پهريائين اهو قلعو هٿ ڪيو هو. قلعي اندر من موهيندڙ هاڪارو مندر هو، جو ديول بندر سان مشهور ٿيو ۽ ان وقت جو سنو بندرگاهہ هئو، جو نالو اڄ تائين قائم آهي. ڀوُڪمپ جي لوڏن ڪري سنڌو ندي شهر کان پري ٿي وهڻ لڳي، پوءِ سمنڊ جي

للجندا رهيا آهن. ڪڏهن دهلي سلطنت تہ ڪڏهن افغان بادشاهہ،
ڪڏهن ڪلهوڙن جي نوابي تہ ڪڏهن ميرن جي صاحبي. حڪمرانن
ي شڪارپور مان آمدني بہ گهٽي ٿيندي هئي. بدلي ۾ واپارين کي
زادي ۽ سهولتيون ملنديون هيون. شهر ۾ گڙبڙ ٿيڻ نہ ڏيندا هئا.
ن 1824 ۾ پنجاب جي مهاراجا رَنجيت سنگهہ کي بہ ويچار ٿيو
ہ شڪارپور هٿ ڪجي. شهر فتح ڪرڻ لاءِ سيناپتي وينتوُ
اءِ جي اڳوانيءَ هيٺ لشڪر موڪليائين. جڏهن اِها خبر شڪارپور
جي. اَفغان نواب منصورخان کي ملي تہ شهر ڇڏي ڪابل ڀڄي
ريو. پر جئن تہ شڪارپور انگريزن کي پڻ کپندي هئي ۽ راجا
رنجيت سنگهہ جو انگريزن سان دوستانو ناتو هئو. تہ لشڪر کي
واپس گهرائي ورتائين. تڏهن سند جا مير شهر هٿ ڪري ويهي
رهيا. جڏهن انگريزن ميرن کان شڪارپور جي گهر ڪئي ۽ ميرن
جي آناڪاريءَ تي انگريزن سن 1843 ۾ ميرن سان لڙائيءَ ۾
سڄي سند فتح ڪري ورتي ۽ سند ۾ انگريزن جو راج برپا ٿيو،
جو هندن لاءِ سٺو بدلاءُ هئو.

شڪارپور اُتر سند جو واپاري ڪيندر هو. انگريزي راج کانپوءِ بہ
ستر سالن تائين شڪارپور ۾ ريل ڪانہ هئي چئني پاسن کان سؤداگر
پنهنجي مال سان قافلا پرائي شڪارپور اچي ڪتا ٿيندا هئا. شهر
باهران قلعو قافلو هڪ قسم جو گيسٽ هائوس ۽ گودانون هئو. اتي
هميشهہ واپارين جي ڀيڙ لڳي پيئي هوندي هئي. سُڪو ميوو، اناج،
ريشم، سٽ، جواهرات جا سؤدا پيا ٿيندا هئا. شهر اَندر بہ ڪيترائي
واپاري سينٽر هئا. ڍڪ بزار، ريشم بزار، سٽ بزار، ڪورين جو
پاڙو، ناناڪي گهٽي، عاج، چمڙو، پتل ۽ تامي جي سامان جو واپار
بہ گهڻو هوندو هو ۽ ٻين ديشن ۾ مال ويندو هو. شڪارپور مان مال تيار

۾ وقت هن پاسي ڪي خطرناڪ زلزلا ٿيا جو زمين جي جاگرافي بدلجي ويئي.

عيسوي سن 1541 ۾ دهليءَ جو بادشاهه همايون، شيرشاهه سان لڙائيءَ ۾ شڪست کائي ڀڄي سنڌ ۾ آيو ۽ عُمر ڪوٽ جي سوڍو راجپوت راڻا پرساد سنگهه وٽ پناهه ورتي. اتي سنه 1542 ۾ هن کي پٽ ڄائو اَڪبر، جو پوءِ هندستان جو ناميارو مغل شهنشاه بڻيو. ننڍي هوندي اڪبر ڦليلي واهه ۽ سنڌو نديءَ ويجهو فتح باغ ۽ جوَڻ ڳوٺ ۾ رهيو هو. فتح باغ ڦل ڦول ۽ ميون ڪري مشهور هو ۽ جوَڻ شهر ۾ ڪپه جي پوک سٺي ٿيندي هئي. سنڌ ۾ چوڻي آهي ”نار نصرپور- نرت نوراني - ڦر فتح باغ هلي ڏسون جوَڻ، جتي ڪپه جو واپار.“ ڪنهن پڇيو ته اَدا - توهان جي ڳوٺ جو نالو نوراني ڪيئن پيو ڇي: اها ته خبر ناهي پر هتان جي ماڻهن جون اکيون نرت يعني سهڻيون ٿينديون آهن.

جنم ڀوميءَ جي مٽيءَ جو اثر ته انسان ۾ رهي ٿو. اڪبر صوفياڻي سڀاءُ جو حاڪم هو. هندن ۽ مسلمانن سان هڪ جهڙو ناتو هوس. ملڪ جي ڪاروبار ۾ هندن جو ساٿ مليس. چون ٿا ته اڪبر جي دربار جو هاڪارو وزير 'بيربل' به فتح باغ جو ويٺل هو. عيسوي سن 1617 ۾ مغل بادشاهه جهانگير جي وقت، بکرجي نواب شڪارپور دائود پوٽن کي جاگير - طور ڏني. پر پوءِ دهلي سلطنت شڪارپور جي نوابي سنڌ جي حڪمرانن ڪلهوڙن کي ڏيئي ڇڏي ته ميان يار محمد ڪلهوڙي شهر کي وسايو. تڏهن جيڪي هندو آکيون عربن جي ڪاهن وقت سنڌ مان لڏي ويل هيون، تِن واپس اچي شهر ۾ واپاري ڪوٺيون وڌيون پوءِ دنيا جي ڪيترن ئي وڏن شهرن سان شڪارپورين جا واپاري ناتا جڙندا رهيا. شڪارپور شهر جا حڪمران

ئا ئي شهر جا شاهوڪار ٻاڙهيون پڳان پائي، ڏاڍي مان شان سان
ينگاريل وڪٽوريا بگين ۾ ويهي شهر جو چڪر هڻڻ نڪرندا
ئا، سنڌ واهه جي ڪناري تي نهيل بنگلن ۾ وڃي آرام ڪندا هئا يا
ه پنهنجي خانگي باغ ۾ وڃي محفل لڳائيندا هئا. شڪارپور ۾ ڪلا
سنگيت جي پروگرامن لاءِ هڪ وڏو هال هئو ان کي چوندا هئا
'هانبو''. اُتي ڪتان جا ڪلاڪار ۽ سنگيتڪار ايندا هئا.
ڪڏهن سيٺ جي گهر شادي ٿئي ته هفتو به پاڙيوارن لاءِ به محفل
ڳي ويندي هئي. شادي معنيٰ شادمانا پاڙيوارن کي به گهر ۾ ماني ناهڻ
جي ضرورت نه پوندي هئي. اتي سوشل ۽ سوشليزم سوسائٽي هئي.
ادي،َ جا سڳن ساٿ - کل نهڪرو ميلو متو پيو هوندو هو، ڪنهن
ي به جهل پل نه هوندي هئي. ماڻهن جي وندر لاءِ ان وقت جون
شهور ڊانسرس جو ناچ ڏسڻ لاءِ ملندو هو. يا ته ڪنهن جادوگر کي گ
هرائيندا هئا جو اچي اهڙا ته عجيب ڪارناما ڏيکاريندو هو جو سيئي
حيرت ۾ اچي ويندا هئاسين. سال جا جيڪي به ڏڻ وار ٿيندا آهن ته
شڪارپور ۾ ماڻهو ڏاڍي اَتساهه سان ۽ ڏام ڏوم سان ملهائيندا هئا.

ٿي ويندو هو. سکر- اُتان سنڌو درياهه رستي پهچندو هو ڪوٽريءَ- اُتان ريل رستي ويندو هو ڪراچيءَ ۽ سمنڊ رستي ٻين ملڪن ڏانهن. اهَڙي نموني شڪارپور مان نڪتل مال دنيا جي ڪيترن ئي شهرن ۾ ويندو هو. وچ ايشيا جي مسلم ملڪن سان ته خاص واپار هوندو هو. ڪابل، قنڌار، بلغ، بخارا، سمرقند، تاشقند، ايران، بصره، بغداد ۽ دور، دراز ملڪ - جاوا، سماترا، سينگاپور، سيلان، برما ۽ هانگ ڪانگ. دکن ڀارت جي ڪيترن شهرن ۾ شڪارپورين جون پيڍيون هونديون هيون جتي ڀلاوٽا ڪم ڪندا هئا. اڳي نه هيون بئنڪون نڪي هئا ڊماند ڊرافت. ٻين ملڪن سان واپار ڪرڻ لاءِ ڪپي فارين ايڪسچينج، ته شڪارپوري سينيون هنڊي لکي ٻين ملڪن ۾ موڪليندا هئا. اهُي هنڊيون هڪ قسم جو ڊماند ڊرافٽ وانگر هيون. سيٺ جي هٿ لکيل اکرن جي چٽ تي ان ملڪ جو ناڻو ماڻهن کي ملندو هئو. شڪارپور ۾ واپاري ڏنڌي جو حساب عربي سنڌيءَ ۾ نه، پر هٽ واڻڪي لپيءَ ۾ لکندا هئا. هٽ واڻڪي لپي سکڻ ۽ لکڻ ۾ سؤلي هوندي آهي ان ۾ ماترائون ڪونه ٿين، البت لکڻ وارو سؤلائي سان پڙهي ويندو آهي. شڪارپور ۾ جڏهن ٻار ساماڻجي ويهين پنجويهين سالن جو مرد ٿئي ته شهورت ۽ ناڻو ڪمائڻ لاءِ ٻين ملڪن ڏانهن هليا ويندا هئا. انهن کي اهائي سکيا ملندي هئي ته **واپار لاءِ ڪا جڳهه پري ناهي ۽ مٺو ڳالهائڻ وارن لاءِ ڪو پرائو ناهي.** شڪارپورين جون بئنڪون ۽ ڀلاوٽا ته گهڻن ئي شهرن ۾ هئا. پنڌرهن ويهن سالن ڪانپوءِ جڏهن واپس شڪارپور ايندا هئا ته پائيبند سنت ورڪي سڌبا هئا ۽ باقي زندگي شان ۽ شوڪت سان گذارڻ پسند ڪندا هئا. ڪي لوڪ ڪلياڻ جي ڪمن ۾ دان ڏيندا هئا ته ڪي سنتن ۽ سادن جي سنگت ۾ رهندا هئا ته ڪي وري سنگيت ۽ ڪلاڪارن جي صحبت ۾ رهڻ پسند ڪندا هئا. **ڪاڏي پيتي ۽ گهمڻ گهتڻ جا شونق ته شڪارپورين ۾**

ڇي درياھ شاھ جي آرتي ڪري، چانور ۽ کير چاڙھي ٻھراڻو
ياھ ۾ پرواھ ڪندا ھئا. پوءِ مھراج پلئه پارائي ارداس ڪندو :-

”دولھ سائين دادلا،
تون درياھ شاھ دلير،
پائي پاند ٻڌي ۾،
آيم دولھ تنھنجي در،
خطائون خانوندرا،
اچي ما تون معاف ڪر،
اھڙي نظر ڌر
جو عيب نہ رھيم ھڪڙو،
اُتر کان ٿي آيرو،
منھنجو سوڌو ساول شاھ،
وڻ ٽڻ سڀ ساوا ٿيا،
سائو ٿيم ڳاھ،
سوالي تنھنجي در تي،
اچ پائي آيو پير،
سائين اسان جو ميڙ
مالڪ تون مسڪينن جو“

سنڌ جي ريگستان ۾ جل ئي جنتا جو جيئاپو آھي. تنھن ڪري
رڻ ديوتا جا ڳنگان سڪ ۽ شرڌا سان پوڄا ڪرڻ سڀاويڪ ھئو.

1834 ۾ ھڪ انگريز سئلاني شڪارپور شھر جو احوال ڏيندي لکيو
مي تہ مان گھوڙي تي سوار ٿي سنڌو درياھ کان شڪارپور ويس. واٽ

ڏڻ وار

ڪتيءَ جي مهني ۾ شرد- پورنما ڏينهن حويلين ۾ يا نوانن تي زالون پاڻ ۾ ملي گول گول ٽپرا ڏيئي اهڙي ته نزاڪت ۽ اسٽائيل سان ناچ ڪنديون هيون جو ڪيا بات هئه ،تاريون وڄائي، هٿ ۽ ٻانهون هلائي مست ناچ ڪنديون هيون. سندس ناچ ۾ نرالي خوبي هوندي هئي.

لال لوئيءَ ڏينهن رات جو پاڙي ۾ يا حويليءَ ۾ ٻاهه جا پنيت ٻاري دير رات تائين پاڙيوار گڏجي ڳالهيون ڪندا هئا. آکاڻيون، چرچا، راڳ ويٺا ڳائيندا هئا. زالون اگني ديوتا کي ريوڙين، گجرن ۽ ڦُلن جي آهوتي ڏينديون رهنديون هيون. لال لوئيءَ جي ڏينهن کان پوءِ ڏيري ڏيري ٿڌ گهٽجڻ لڳندي آهي ڇو ته ڌرتي سورج جي ويجهو اچڻ لڳندي آهي.

شڪارپور ۾ درياهه شاهه جا پوڄاري آکاڙ مهني جي 20 تاريخ کان چاليهه ڏينهن روز سنڌ واهه تي ويندا هئا. انهن ڏينهن تي سنڌ واهه جي رستي تي بزار لڳي ويندي هئي. زالون ۽ مرد سنان ڪري لعل جا پنجڙا ڳائيندا هئا.

"لعل مونکي چادر ڏي چلواري

جيڪا سونين بندلين واري،

لعل مونکي چادر ڏجاءِ چلواري"

مطلب ته وَرڻ ديوتا کي چانورن ڇپٽي ڏيئي فائدو گهٽو گهرندا هئا. چاليهي ڏينهن ڀراٽو ڪپي واٽ تي ڏام ڏوم سان ڇياڄ وجهندا ويندا هئا تال ۽ ناچ واهه جو ڏسڻ جهڙو هوندو هئو. سنڌ واهه تي

آرتي - اَمر اُڏيري لال جي

- جئہ جهولڻ ديوا - سوامي جئہ جهولڻ ديوا،
اَمرلال تنهنجي آرتي - جهوليلال تنهنجي آرتي،
جئہ جهولڻ ديوا - سوامي جئہ جهولڻ ديوا،
- ورڻ ديوتا جو تون اوتار - تون جوتين وارو ڀڳوان،
تنهنجي ٻاجهہ ڪيا اتم - ٻڏندڙ ٻيڙا پار. جئہ جهولڻ......
- هستي مستيءَ وارو تون اوتار - درشني تنهنجي آهي وشال،
جل ۾ جوتيءَ وارا لال - اوم جئہ جهولڻ ديوا......
اَمر لال پرميشور پيارا - ساري جڳہ جا سرجڻ هارا،
جل گنگا - جل جمنا - جل سندوُ
تون گهٽ گهٽ جو واسي،
تنهنجي مهر ميا سان - ڦل ڦول ميوا سبزيون -
اَن اپار ٿين.
تنهنجي مهما اَپرم پار - لالڻ تون جڳہ جو آڌار،
ڍولڻ تون جڳہ جو آڌار.
جئہ جهولڻ ديوا - سوامي جئہ جهولڻ ديوا،
- جيڪي اچن تنهنجي پناري -
ڪارج اُنهن جا تون ٿو سنوارين
پوجا ڪن ٿا پريمي - پوجا ڪن ٿا پريمي -
صدق رکي شيوا.
جئہ جهولڻ ديوا - سوامي جئہ جهولڻ ديوا،
- اَمرلال جي آرتي - جيڪو پياسي ڳائي
لالڻ ان جا ڏکڙا - هڪ لحضي منجهہ لاهي
جئہ جهولڻ ديوا - سوامي جئہ جهولڻ ديوا.

تي گهاٽن وٽن جي ڇانو هئي ۽ رستو پڪين سرن جو ٺهيل هيو. شڪارپور ۾ مون ميلي تي پهريون دفعو هندو زالن کي بنا پردي ڏٺو.

''نرت نشيلا نيڻ،

نزاڪت ۽ موهيندڙ منهن''

ولايتي زالن جي مقابلي مونکي وڌيڪ وڻندڙ لڳو. ٻئي هنڌ گول ميڙ جي وچ ۾ هڪ پيرسن مرد وينو تمبورو وڄائي ۽ ٻه ننڍڙيون سندريون ناچ ۽ گانن سان هڪ ٻئي سان سُر ۾ سُر ملائي مٺي آواز سان ماڻهن کي پيئون وندرائن. ''واهه واهه'' جي آوازن سان ماڻهو وچايل ڪپڙي تي سڪا اڇلائيندا پي رهيا. ڪتاب ۾ وڌيڪ لکيو اٿائين ته جيتوڻيڪ شڪارپور جا حاڪم اسلام ڌرم جا آهن ته به هندو پنهنجا ڌارمڪ ڏڻ وار بنا روڪ ۽ آزاديءَ سان ڌاڍي ڌام ڌوم ۽ اتساهه سان ملهائيندا آهن.

■ امان ڪيلو ....
ڏي مونکي ڪيلو ....
ڪپي ٿو ڪيلو ....
امان ڪيلو.......

وري ٽيون نوجوان اسٽيج تي اچي ڳائڻ شروع ڪندو

■ **اِف آءِ ور اي ينگ گرل، اِف آءِ وَر ٿُہ مَئري**
رادر مئري اي ڊرائيور دئن اينَي اَدر جاني
فار هي ول ڊرائيو، آءِ شل ڊرائيو
وئي بوٿ شل ڊرائيو ٽگيدر
ويڪ اپ ٿہ مڊ آف نائيٽ
ڊرائيونگہ ائڊ ڊرائيونگہ ٽگيدر
تہ لال چري چوندس
اف آءِ ور اي ينگہ گرل، اِف آءِ ور ٿُہ مَئري
رادر مئري اي ڊاڪٽر دئن اينَي ادر جاني
فار هي ول انجيڪٽ آءِ شل هَئو انجيڪشن

پوءِ تہ سيپئي ايترا تہ واڪا ڪندا ۽ سيٽيون جا آواز پيا ايندا ها جو گانو ٻڌڻ ۾ ئي نہ ايندو هو. مذاقي گانن ۽ چرچن ڪانسواءِ ديش ڀڳتيءَ جا گيت بہ هوندا هئا.

■ هلندو هل تون اڳتي اڳتي ڀارت جي سنتان
هلندو هل تون اُتي جتي آ آندي ۾ طوفان
جبل ٽڪر ۾ نهرون ايندڙون ايندا ڪي بيابان
سهج سراسر ٻرڪ نہ ٻولج ڪولج ڪين زبان
هلندو هل تون اڳتي اڳتي

شڪارپور ۾ هولي ۽ ڏياريءَ جي ڏينهن جو ڏاڍو انتظار رهندو هو مهنن جا مهنا اڳ ۾ ئي تياريون چالو ٿي وينديون هيون. سڄي ڀارت مان نامي گرامي ڪلاڪار ايندا هئا ۽ سنگيت، ناچ گاني جي محفل جا پروگرام هوليءَ کان اڳ چالو ٿي ويندا هئا. ان وقت شڪارپورين کي به پنهنجي ڪلا ڏيکارڻ جو موقعو ملندو هو. آغا صوفي شڪارپور جي نعمت ۽ خوشي هو. جڏهن پنهنجي سريلي آواز ۾ ڳائيندو هو ته ٻڌندڙ مستي ۽ موج ۾ پرجي ''واهه واهه'' جي ڌوم مچائيندا هئا هن جو لکيل ''دنيا درنگي'' ۽ ''ڪاليج جو زمانو'' مزاقي ڊرامي تي تاڙين جا ٺهڪا پيا پوندا هئا.

رات جو اسٽيج تي هڪ نوجوان تنهن کي ڪوٺيندا هئا ''چمن گڏي'' مٺي آواز سان ڳائيندو.

■مان پيمن آ پنگه وارو
مونکي سمجهن ٿا ڳوٺاٺو
اڄ نئين سال ۾ نئينءَ زال سان آ آ آ
پوءِ ڊنبا ڊنبا ڊا پوءِ ڊنبا ڊنبا ڊا
مون ته پنگه ۾ اِڪر ملائي
پوءِ لڪشمي ڊوڙندي آئي
اڄ نئين سال ۾ نئينءَ زال سان آ آ آ
پوءِ ڊنبا ڊنبا ڊا پوءِ ڊنبا ڊنبا ڊا

وري ٻيو نوجوان اسٽيج تي ايندو ان کي ڪوٺن ''لال چُري'' ۽ انگريزي طرز تي راڪ ۽ رول گانو شروع ڪندو

جل جمنا......
ڪئي وينتي هڪ نہ مڃيائين
زوريءَ گهاگهر منهنجي کسيائين
گهايل! شيام ڪنور نمان
جل جمنا.....

■ من موهن مرلي والا
ري من موهن مرلي والا
راس رچاوت من ڪو لياوت
شيام بهاري بنسي والا
من موهن مرلي والا:

شاستريہ سنگيت ۾ راڳہ جي هڪ ست کي شڌ راڳن جي تانن پلٽن
ن پيش ڪري محفل ۾ رس ۽ مزو مچائيندا هئا تہ حاضرين جنتا
ڪند ڌوڻي سر تي تال ڏيئي راڳيندڙن کي داد ڏيندا هئا. ڪي
ئيئا شڪارپور ۾ رهي شاستريہ سنگيت سيکاري پنهنجو گذران
ڪندا هئا. ڪلاسيڪل ميوزڪ ۾ گهڻو رياض ڪرڻو هوندو آهي.
اص ڪري گهرو واتاورڻ ۾ شاستريہ سنگيت جو رياض ڪرڻ
ن نتيجو سٺو نہ نڪرندو هو.

نيِ- نيِ - پَ- ڌ- ني- ڌا-ڌا - گِر- گِر- ٽا-ٽا جو رياض
ڪندو هو تہ پاڙي ۾ ممڻ مچي پوندو هو. وڏن جي ننڊ حرام
ندي هئي. ٻارڙا چرڪ پري اٿندا هئا.
جڏهن اُستاد تِر تِر- گِر گِر جو ترانو شروع ڪندو هو تہ ڄڻ
ڪا مال گاڏي شنتنگہ ڪندي پيئي اچي. پرسان گڏهہ مٿي ڊوئي.
هيا هئا پهريائين تہ سُر سان سُر ملائي هينگان ڏيڻ شروع ڪيائون
ر پوءِ اِتوُن هٺي اُٿي ڀڳا. گاين بہ کير ڏيڻ کان نابري واري.

پارت جي سنتان

ان وقت جي فلاسافيڪل ۽ ڌارمڪ ڀڄنن ۾ ايشور اپاسنا ۽ نصيحت سمايل هوندي هئي.

■ هي ايشور شان توڙي ليلان
من موھ ليئا
هم سڀ تيري پرنسار
رهي هلمل وينتي ڪرت تمهين بار بار
امن چمن چت بسي نرنڪار
گاوت گڻ نيارا
هي ايشور

شاستريہ سنگيت ڪلا ۾ شڪارپور پارت جي راڄڌاني هئي. شاهي باغ پرسان هال هئو ان کي چوندا هئا ''هانبو'' اتي هوليءَ جي پُرب تي پارت جا نامي گرامي گوئيا ۽ سنڌ جا راڳيندڙ عاشق علي، جيوٽي بائي ماستر چندر، مبارڪ خان وغيره اچي جڏهن شڌ راڳن جا تانا پلٽا هڻندا هئا تہ سڄي ماڻدي ۾ ''واھ واھ'' پئجي ويندي هئي.

راڳہ : سکي موري، روم جهوم -
روم جهوم،
بادل برسي بجلي چمڪي-
بجلي چمڪي سکي موري روم جهوم
روم جهوم

■ جل‌جمنا - پرڻ وڃان ڪيئن روڪي راھ بيٺو آ سراري

- تيري پوجن کو ڀڳوان
  بنا من مندر عاليشان
  سانجهہ سويري ميري ڀڳونت،
  روز ڪرون تيري پوجا
  موهني مورت، سوهني صورت
  شيام بهاري بنسي والا
  بنا من مندر عاليشان-
  تيري پوجن.....

- چلي پون سي چال، جڳہ ۾ چلي پون سي چال
  اس نگري ڪي ڊگر ڊگر ۾ لاکون هئہ جنجال
  گرمي سردي، سردي گرمي اِڪ سانچي ۾ ڍال
  جڳہ ۾ چلي پون سي چال....

- تيري مندر ڪا هوُ ديپڪ -جل رها
  ڪيا تون ميري اس حال سي- انجان هئہ
  تيرائي تو يي جنسار هئہ -جو مئہ چل رها
  تيري مندر ڪا هوُ ديپڪ -جل رها

- دنيا رنگہ رنگيلي بابا دنيا رنگ رنگيلي
  يي دنيا اڪ سندر بگيئا شويا اسڪي نياري هئہ
  اڏبت پناچي قول منوهر
  ڪلي ڪلي چٽڪيلي بابا
  دنيا رنگ رنگيلي

اسان جي گهر پرسان هري ولڀ ٽاڪيز هئي اتي جڏهن بہ ڪا ڌرمي فلم ''پرت ميلاپ، راجا پرٿري يا سنڌي فلم راجا راءِ ڏياچ'' ڏيکاريندا هئا تہ ماڻهو فئمليءَ سميت فلم ڏسڻ ويندا هئا. باقي ميلن جي ڏينهن تي استيج تي لائيو شوز (LIVE SHOWS) ٿي گهٽا هوندا هئا تہ ماڻهو مورتون ڏسي چا ڪندا ؟ هوليءَ جي

جڏهن ڪُتن جي ڪَنن تي رَنيڻ جو گوگاءُ پيو ته پئنڪندا پئنڪندا اندر هلي آيا. اهو ڏيکاري ٿو ته سنگيت جو پرڀاءُ ماڻهن پکين ۽ پسن تي به پوي ٿو.

شڪارپور ۾ چانهه جو دڪان فقط لکي در تي هئو. چانهه ڪان وڌيڪ ته پاڻي ڪير تان ملائي لاهي وڪڻندو هو ۽ فُل واليوم سان ريڊيو هلائي گانا ٻڌندو هو. اُن وقت جي گانن ٻڌڻ ۾ موج به ڏاڍي ايندي هئي. اشوڪ ڪمار جي فلم ''قسمت'' مون ته گهڻائي دفعا ڏٺي هئي. ان فلم ۾ گانا به سٺا هُئا.

- ڌيري ڌيري آ ري، بادل ڌيري ڌيري جا
  ميرا بلبل سو رها هئه، شور غل نه مچا، ڌيري ڌيري.....
  نيند ۾ سوئي هئين هئه، شربتي آکين بند ڪر پاڪين،
  جا تجهي ميري قسم، ميري قسم تون جا
  ميرا بلبل سو رها هئه، شورغل نه مچا
  ڌيري ڌيري.....
- او گاني والي،
  ڌيري گانا گيت تون اپنا
  ٽوٽ جائي‌نا،
  ڪسي ڪي انکه ڪا سپنا،
  ميرا بلبل سو رها هئه شور غل نه مچا
  ڌيري ڌيري.....

ان وقت جا گانا به ته ڪلاسڪ هئا.

- پنڇي بانورا چاند سي پريت لڳائي
  چاند سي پريت لڳائي- پنڇي بانورا
  ڇايا ديکه ندي ۾ موکه ڦولا نهين سمائي
  وو هرجائي تارون ڪي سنگه، اپني راس رچائي
  چاند سي پريت لڳائي-پنڇي بانورا

شڪارپور ۾ ڪيترائي ساليانا ميلا لڳندا هئا خاص ڪري چاليهين
ي ڏينهن تي زبردست ميلو لڳندو هو. واٽ تي صندلن ۽ ڪتولن
شين جي بزار لڳي ويندي هئي، انهن ڏينهن تي سڀ جنس جا
هو جوڳي، ٺوڳي، پير فقير، چور چڪار، ڳنڍي چور، درا دلال،
ڪنجريون ۽ قوال، جوٺا ساز، لنگها، کدرا، غريب، شاهوڪار ۽
اريءَ جي خلق به ڏاڍي گهٽي ايندي هئي. جا ڏي ڏس، تاڏي
ڙ گهمسان. گوڙبگوڙ ۾. ڪنهن جي ڳنڍ ڪپي ته ڪنهنجو
ر گم. جي ڦير ڪياري ته نه ليي ٽپر، نه ليي ٽاري عقل حيران،
ڪٿي بازيگرن جي بازي ڏني ٿئي دل راضي ته ڪٿي چنوڏولن جا
ينگهاٽ. هڪڙا پيا لهن ته ٻيا پيا چڙهن. ٻار ته ٻارن کي پر وڏا ٻڍا
رهين پڳن وارا چنوڏولن ۽ چيڪلن جا مزا پيا ماڻين. زالن ۾
ريون نينيون ته ٺهيو پر ڳاڙهي پَري رَئي واريون پوڙهيون به
نوڏولن ۾ چڙهي پيئون لڏن. ڪي خير خواهه درياهه شاهه کي
لاح به ڏيندا هئا.

''درياهه شاهه دادلا،

توسان لچ لچايون ڪن،

اَکو پائي پيسي جو،

لير پيا لڪ گهرن،

تن کي پيسو ڏج نه پاند ۾،

متان خرچي چڏين کوٻلا.

درياهه تنهنجي در تي، واريءَ سندا ڍير،

هڪ کڏون، ٻيا کوٻرا ٽيون اؤکا اٿئي گهير

بوڙي پنهنجي ٻاجهه سان، جا ڏي پاٺي ڪري پير

ڏسي اهڙا انڌير، وجني ٽا مريد شوالي ڏي.''

ڏينهن تي چانبوڪيون راتيون هونديون آهن، ڪي سکر سنڌو درياهہ تي وچي چانڊني رات جو ٻيڙيءَ ۾ محفل ڪندا هئا. اُتان جو نظارو ڏسڻ جو ناهي. مهراج پرسرام شڪل جو ناهوڪو انڪٽر مڪريءَ وانگر لڳندو هو. سنگيت جي ڄاڻ تہ هئس ئي پر جڏهن زالاٽا ڪپڙا پائي ڳائيندو هو تہ پنهنجيءَ اَدا ۽ نخري سان دليون گهائي ڇڏيندو هو. آواز پيا ايندا ها ''دلبر يار.'' ''اج اصل ماري ڇڏيئہ'' ''هاءِ ري منڙي - توتان قربان وڃان''

ڦاڳڻ مهني جي پورنما (فل مُون) ۽ ڏوڙيو هوليءَ جا اهي ٻہ ڏينهن تہ ڌمال لڳي ويندي هئي. نوجوان ٽولا ناهي نچندا، ڳائيندا سڄو شهر پيا چاڪاريندا هئا. ماٿهو رنگہ ٻہ رنگي پاڻيءَ سان بالٽيون ڀري مٿان پيٽيندا هئا، بدلي ۾ گاريون ٻہ ملندن تہ ٻہ دل ۾ ڪونہ ڪندا هئا، ڇي ''اڄوڪي ڏينهن پلي گاريون ڏين ''ٻارهن مهنن جي ٻاڦ ڪڍي پنهنجين دلين کي هلڪو ٿا ڪن.'' انهن ڏينهن تي دڪاندار ۽ ٺڪاڻن وارا ٿاڌل ناهي رکندا هئا، سيسائن سان گڏ مفت ۾ ٿاڌل ٻہ پيئڻ لاءِ ملندي هئي. ڏورئي ڏينهن صبح سان پاڙي وارا گهر ويندا هوليءَ جي واڌائي ڏيڻ حال احوال ٻہ معلوم ڪندا تہ وات ٻہ منو ڪندا هئا. پوءِ ٿيندو هو مٽن مائٽن جو اچڻ، گلال ۽ گلن جي سواگت سان ڪاڌي پيتي جون شيون هونديون هيون. هوليءَ تي ڊنگري ۽ بيهن جي ڀاڄي تہ ضرور ٺهندي هئي. **ڪاڌو اهڙو تہ سوادي هوندو هو جو هتي فاءِ اسٽار هوٽل وارو ٻہ ٺاهي نہ سگهندو.** شڪارپور ۾ وٽڪار ٻہ ڏاڍي هوندي هئي، خاص ڪري هوليءَ جي ڏينهن تي ڪن وٽن ۾ وڏا ڳاڙها گل نڪرندا هئا. نظارو ڏاڍو سهٽو پيو لڳندو هو. اُتي پوليس واري جي ڊريس پڻ ائين هئي، ڊارڪ گرين پوشاڪ ۽ مٿي تي ڳاڙهو لال پٽڪو.

سنڌي ڀڳت

ميلي جي ڏينهن تي ڪيترائي ڀڳت شڪارپور ۾ ايندا هئا. ڀڳت جي خوبي اِها آهي ته سنڌي ڀڳت جي شروعات هڪ دلڪش آکاڻيءَ سان ڪندا آهن ۽ پنهنجي سريلي آواز ذريعي منش جوُڻ سڦلي ڪرڻ جو رستو ڏيکاريندا آهن. سماج ۾ ڪُريتن ۽ ظلمن تي ٽَنوليءَ ڀريا بيت ٻڌائي، اَنياءُ کي پٽڻ جي پريرڻا ڏيندا آهن. ڀڄن، ڏوهيرا، ڪافيون، غزل، کلائيندڙ وتڪا، آکاڻيءَ ۾ آکاڻيءَ ذريعي دل کي راحت ۽ سکيا ملندي آهي. ڇم جُهمر ۽ ناچ به ڪري ڏيکاريندا آهن. درويشن ۽ سنتن جا ڪلام ۽ سلوڪ پيا ٻڌائيندا رهندا آهن. چرچا ۽ نقل ڪري کلائي لائي خلق کي کيرو ڪري ڇڏيندا آهن. ٻڌندڙ به ڀڳتن جي حوصلي فزائي ڪندا رهندا آهن. ”واهه ڀڳت واهه“ ”ڊولڻ! هيل ته اَصل ڄائي ڇڏيئه.“ ڀڳتن ۾ ڀائي ڪنوررام سيني جو سَرمور هو. جڏهن چيرپائي اَڇي پِڙَ تي بيهندو هو ته ماڻهو تاڙيون وڄائي ڪنور ڀڳت جي جئه جا نعرا هڻندا هئا. اَچڻ سان هٿ جوڙي، پَلئه پائي، ڌڻيءَ در وينتي ڪندو هو. ”او منهنجا مالڪ! هندو مسلمانن جو خير ڪج - اَڙين ۽ اَڏينن جو اَجهو ٿيج.“ پوءِ چوندو : ”هندو ڀائرو - پريم سان چئو- ”هري رام- مومن ڀائرو - اَدا - پريت سان قلمو پڙهو“. پوءِ پرارٿنا شروع ڪندو :

”نالي الکه جي ٻيڙو تار منهنجو،
نِڌر آهيان مان نِماڻي، ماکي آڌار تنهنجو،
نالي الکه جي ٻيڙو تار منهنجو.“

ڀائي ڪنوررام ناچندو هو ته ڄڻ وڏ ڦڙو مينهن پيو وسندو هو. سندس آواز ۽ آلاپ ۾ اهڙو ته رَس ۽ ميٺاج هو جو پٿر دل به موم ٿي

پر درياهہ شاهہ مشڪندو وهندو رهندو هو. اهڙن مريدن ڪي گوشمالي ڪرڻ لاءِ پنجين ڇهين سال ٻوڏ بہ ڪندو هو.

شڪارپور ۾ دسهڙي ڪان ئي ڏياري شروع ٿي ويندي هئي. راجا رامچند، لڇمڻ ۽ هنومان جي ويس ۾ سينگاريل رٿ جي سواري نڪري سڄي شهر ۾ گهمندي رهندي هئي. دان ۾ پيسا جمع ٿيندا رهندا هئا، راوڻ، ڪميڪرڻ ۽ ميگهنات جي پتلن کي ڏسڻ لاءِ شام جو سيئي ميدان تي جمع ٿيندا هئا. دسهڙي ڏسڻ جي رونق سکر ۾ وڌيڪ هوندي هئي. ساڌ ٻيلي سامهون سنڌوءَ جي ڪناري تنهين راڪاسن جا وڏا شاهي پتلا ٺاهي بيهاريندا هئا. شري رام جي اگني ٻاڻن جي وسڪاري سان جڏهن پتلن کي باهہ لڳندي هئي ۽ ڦٽاڪن جي آواز سان ''جئہ شري رام'' جا نعرا بہ هوا ۾ گونججي اٿندا هئا، تڏهن نظارو ڏسڻ جهڙو هوندو هو.

مانگهہ مهني جي تيرس، چوڏس، اُماس ۽ پوهہ مهني جي ايڪم اهي چار ئي ڏينهن فانوسن ۽ ڏيئن جي روشنيءَ سان سڄو شهر چمڪي پوندو هو. شري گڻيش ۽ لڪشميءَ جي پوجا ڪان پوءِ گهر جا سيئي ڀاتي جوئر جي ڪانن تي ڪپڙو ويرهي تيل ۾ ٻوڙي مشال ٻاري گهر جي ٻاهران پاٽيءَ جي نل يا کوهہ پرسان رکي ايندا هئا ۽ چوندا ويندا هئا ''ڏڻ ڏياري، ننڍي وڏي ٻاري''.

صوفين جو سماگم

سنڌ ۾ صوفي سياءُ جا درويش بہ گھڻا ھئا. شڪارپور ۾ بہ
ھندو ۽ مسلمان گڏ ٿي نيم سان قلندري رھاڻ لاءِ ويھندا ھئا. رھاڻ بہ
اصل چوٽ جي ٿيندي ھئي، صوفين لاءِ روپ ۽ نام ھڪ ڳالھہ آھي
صوفيزئم ڪو ڌرم ڪونھي پر مڃتا آھي تہ سڀئي انسان ايشور
جو روپ آھيون، سنساري چڪر پورو ڪري وري وڃي سائينءَ
ساڻ ملڻو آھي. شاھہ، سچل، سامي، بيدل، بيڪس، روحل، درياخان
۽ ٻين درويشن جي ڪلامن جيڌوم مچي ويندي ھئي. آغا صوفي
سيني جو پيارو مشھور شاعر، ناٽڪ نويس ۽ ڳائيندڙ ھو. شڪارپور
۾ پنھنجو طبي دواخانو ھوندو ھوس. ھن ۾ شاعريءَ جي امڙي تہ
ڏات ھئي جو خط بہ گيتن ۾ لکندو ھو. طبابت جو سڄو ڪتاب بہ
دوھرن ۽ بيتن ۾ لکيو ھئائين. آغا صوفي شڪارپور جي خوشي ھو.
ھن جون ڳالھيون ٻڌي اڌ بيماري تہ ائين ئي لھي ويندي ھئي دوا
جي چٽ بہ شاعريءَ ۾ لکندو ھو.

نمونو :

”مرچ ڪارا ۽ ڪٿي جيرو چٽو
ٻيڻ ماکيءَ سان گڏي چاتو ڪيو
پوءِ چٽايو ان منجھان بيمار کي
تو چٽائي کنگھہ جي آزار کي.“

سائين پرمانند ھر ڇنڇر رات جو صوفين جي اوطاق
تي ويندو ھو. سنگت ٽولو ٺاھي يڪتارا ۽ دلن تي ڳائيندا ھئا. روح
رھاڻ شروع ٿيندي.

کنھن چيو-

صوفي صافون صاف،

پوندا هئا ۽ ماڻهن جي اکين مان آنند جا آنسون ٽمڻ لڳندا هئا. سندس نزاڪت وارو ناچندر روپ ۽ سريلو آواز دماغ ۾ پيو ڦرندو هو. ڏُني لڳائي پاڻ کي ۽ ٻڌندڙن کي پرماتما جي پريم ساگر ۾ ٽٻيون ڏيئاريندو هو يا ايشور کان پڇندو :

''ڪيئن ريجهايان، توکي ڪيئن پرچايان،
ڏس ڪو ڏانءُ. ڏس ڪو ڏانءُ
يا ٿيان هندو- پوڄان بتخانا،
گنگا جمنا ڪاشي شنانا،
جڻيو پايان - ڪين تلڪ لڳايان،
ڏس ڪو ڏانءُ ڏس ڪو ڏانءُ
يا ٿيان مومن -پاڪ نمازي،
جنهن ۾ جانب -تون ٿئين راضي،
جاءِ جوڙايان- ڪين سِرڙو نوايان،
ڏس ڪو ڏَانءُ. ڏس ڪو ڏانءُ
يا ٿيان ناچون -پايان پيشوازي،
ڍڪڙ ڍمچر ساز آوازي،
ڦيرڙيون پايان، ڪين چير چمڪايان،
ڏس ڪو ڏانءُ. ڏس ڪو ڏانءُ
آءٌ تہ پيارل - ڪريون پرچائو،
ساڻ ساڄڻ جي سرچائو،
لائق ناهيان- تہ بہ تُنهنجڙي آهيان،
ڏس ڪو ڏانءُ. ڏس ڪو ڏانءُ.

ماڻهو سڌ ٻڌ ڀلائي ڇڏيندا هئا. ڀڳت هلندي مالڪ جي نانءُ جو پاند وجهندو هو تہ هزارين رپيا ڪنا ٿي ويندا هئس. هوُ اُهي رپيا، اُتي جو اُتي غريبن، وڌوائن ۽ ڌرم جي ڪمن ۾ لڳائي ڇڏيندو هو. پاڻ اُن خلق جي ڏنل پيسي مان پائي بہ نہ کڻندو هو. ڳوٺ ۾ هنکي پنهنجو ٻڪالڪو دڪان هئو.

''جو دسرٿ گھر آيو رام،
ميٽيائين راوڻ جو ايمان،
گھر گھر ليلان ڪئي جنھن ڪان،
ارجن ڪي ڏنائين يڌ ۾ گيان ،
پرمانند حيران آدم ٿي ھت آيو پاڻ.

سائيڄن جون ڪافيون سريلي ۽ بلند آواز ۾ ٻڌي، الاهي
ستيءَ جي مٿہ دماغ ۾ چڙهي ويندي هئن. مسلمان جي سائينءَ ۾
ڏي شرڌا هوندي هئي جو کين ڪوئيندا هئا-
''فقير بادشاه''
ميان مصرور ڏاڍي قرب وارو شخص هو. هن جي اوطاق تي هندو
مسلمان ڪٺا ٿيندا هئا صوفي ڪلامن جي ڪاڇهري لڳي ويندي
ئي. هنڄي دلي ۽ يڪتاري واريءَ محفل ۾ گيان، ويراڳ ۽ عشق
جي موتين ماٽڪن سان پريل ڪلامن ٻڌڻ ۾ ڏاڍو مزو ايندو هو.
ھڙن لاهوتي ساڄڻن ڪري ٿي اُتي حياتيءَ ۾ لطف هوندو هو.
ندس جوئي ويراڳ جو هڪ ڪلام آهي.

''فاني جهان آهي،
تنهن ۾ قيام ڪهڙو،
ڪوئي ڏسي تہ ان ۾،
رهيو مدام ڪهڙو،
هيءُ ماڳ تنهنڄو ناهي
''مصرور'' - ڏس تون سوچي،
جنهن ۾ بقا نہ آهي،
سو تان مڪام ڪهڙو.''
صوفي محفل جو هڪ ٻيو ترانو آهي.

جيڪي خيالن سان الله جڳائن ٿا
ته سائينءَ جي مک مان ازخود آواز آيندو.
''صوفي صافون صاف،
جيڪي رمز سان رام ريجهائن ٿا
غيب جي اندر غوطو ماري
اُهي تن جي تپت ٻجهائن ٿا
درد دنيا جي کون ٿي آجو
اُهي مڪتيون موُجان ماڻن ٿا
پر جڏهن کو چوندو پاڇ بوتي جو ٻهانو.جيڪو خاڪ جو ڍير آهي
ته جواب ملندس
رکيم روزا، پڙهيم نمازان،
پهه ته ساڄڻ تنهنجو ڪونه پيو،
تو ۾ آهي سو سر سارو،
جنهن جا تون پنڌ پڇين ٿو،
مرد ٿيءُ ميٽاڃ من مون،
وهم ٻانهپ وارو،
ڪڍي خيال خوديءَ جو سارو،
ڪر - وحدت تي ڪو وارو.''

مطلب ته ويدانت ۽ وحدت جون ڳالهيون پيئون هلنديون هيون ڪنهن چيو
الله ڳجهارت ڳجهه سندي
آدم تي هت آيو آهه
ته سائين چوندس:

شڪارپوري پائيبند

شڪارپوري ڏيساور تي رهي، ڏنتي واپار مان ناڻو ڪمائي ڏهن واپس ايندا هئا ته سنڌ ورڪي پائيبند سڏبا هئا. باقي زندگي ان شوڪت ۽ عيش آرام واري هوندي هئن. وقت گذارڻ لاءِ ڪو مين تڪر يا ننڍو وڏو دڪان کولي هلائيندا هئا. پر گهڻا ته ناڻو ياج تي چاڙهي پاڻ آرام جي زندگي گذاريندا هئا. ڏڻ وارِ، شادي رادي هنجي ته دل کولي خرچ ڪندا. لوڪ ڪلياڻ جو ڪاريه نجي ته به دل کولي دان ۾ پيسا ڏيندا. گهمڻ ڦرڻ، ڪلا سنگيت ته ڪي ساڌ سنگت ۾ رهڻ پسند ڪندا هئا. گهڻو وقت پرديش ۾ رهڻ ڪري ٻين کان نرالا، چڱا، قداور، جاننا، سهڻا ۽ خوشحال ڏسبا هئا. سبح جو هَٽ کوليندي جل جا ڇنڊا وجهي چوندو **''صبح جا سائين، ٻيڙا ٻنين لائين، برڪت ئي برڪت وجهجانءِ.''** پائيبند حسابن ۾ افلاطون، دماغ وارا، چالاڪ، ڏنتي واپار جي رمزن ۽ رڪيبن کان واقف. شڪارپوري پائيبندن ۾ جيڪو وروڌياس (Paradox آهي تهڙو ٻين ۾ مشڪل ملندو. اُڌار دل ته وري ڪنجوس، ڪومل ته وري ڪٺور، پر اُپڪاري ته وري مطلبي، رهنوار ۾ سوڌا ته وري ڏنگا، بهادر ته وري گيدي، پنهنجي فائدي پٽاندر ڪهڙو جواب ڏجي سو اڳواٽ تيار. ڪو ماڻهو قرباٽ ڪري، مڙسي ڏيکاريندو. خبر تڏهن پوندس جڏهن ڪيس هارائي شڪست کائيندو. ته به ساچو پائيبند پچر نه ڇڏيندس ته متان وري تڪليف ڏني يڪدم وجي دشمن جي دل تي ڇنڊا وجهندو. چي **''ماکون غلطي ٿي ويئي. اسان جي ٻاڻ ۾ هيڏي محبت! الائي ڪهڙو اچي گرهه ويتو جو پائيپيءَ ۾ فرق پنجي ويو. ماٺي گذري سا گذري ٻاڻ ۾ اڳلو ئي سڪ**

''نا مئہ هندو، نامئہ ترک
نامئہ پنڊت قاضي ري ......
نامئہ سيد شيخ مسلا......
نامئہ پيا نمازي ري.....
وشنداس جب آپ پڇاڻا
سرو رنگہ ۾ راضي ري.....''

جو ڪو ماڻهو بروبر ڪم نہ ڪري تہ سيٺ چتنداس اڪثر غصي ۾ چوندس ''پيتوُ لگن'' ''تون تہ پيٽيان ڪو وڏو پوُڪ آ- اڙي گڏه! ڪوبہ ڪم بروبر نٿو ڪري سگهين- پيٽيان ڪو ميڄالو ڏار ڪم جو هنر سکہ، تون تہ نوڪريءَ جي لائق ئي ناهين.'' هڪ دفعي ٻاهران آيل گراهڪ، مسٽر چترويديءَ، پائي دولهہ مل کان ''پيتو لگن'' جو ارٿ پڇيو. تہ هن بہ گنڀير منهن ڪري معنيٰ ٻڌايس.

''مانيور! آپڪي پيٽ سي همين مانُ مِلا''

ٿوري دير کان پوءِ جڏهن سيٺ چتنداس آيو تہ مسٽر چترويدي اُٿي ان جو سنمان ڪيو. آئيئي سيٺجي! ''پيتوُ لگن''

۾ پريم ملندو رهي.'' پر گهڻا پائيبند شهاڻا سنجيدا سخاوت جا ڏٺي هئا سرل سڀاءُ، نمرتا، پريم، مٺو ڳالهائڻ، اُڱرو اَڱر وات تي نہ آڻيندا هئا. ٻين جي سک لاءِ اُدارتا سان خرچ ڪندا تڏهن تہ شڪارپور ۾ ايترا سارا ڌرمائون ڪيندر تڪاڻا ۽ آشرم هئا. هوُ سمجهندا هئا تہ :

''ڌرم کَ ٺي سک ملندو آهي،
ڌن سان ڌرم ڪري سگهبو آهي،
ڌن واپار سان ايندو آهي،
واپار سؤراج ۾ ڪري سگهبو آهي،
سؤراج سداچار سان ٿيندو آهي.''

ڪم ڪيڻ جا ٻہ افلاطون.''پيارا ويهہ تہ سهين، ڪجهہ ڪائي پئي تہ وڃ، ڪا شيءِ چيز گهرائي وٺان. اڙي چوڙا- وڏو گلاس صفا ڪري سيٽ لاءِ ٿڌي مٺ مان پاڻي تہ ڀري اَچ- رامو نوڪر! الائي دير ڇو ڪئي آهي- چگو ڀلا سٺ ڏيئي ڪوهہ تان ٻہ چار ڏول ڀري مٺ ۾ تہ وجهہ.''

هٽ وٺي ڪنهن سان جهيڙو نہ ڪندو داداگيري ٻہ ڏيکاريندو پر جي ڏسندو تہ اڳلو چڙهندو ٿو اچي تہ اتان ڪسڪي ويندو.

''نَرڪجي نڪاءُ ڪجي، اڳلو نہ ڀڄي، تہ پاڻ ڀڄجي''

شرم پرچاڻ لاءِ چوندو **''مڙيو سوجڙيو''**

سندن انهيءَ پاليسيءَ تي، جاهل ۽ خوني قومن جي وچ ۾ اڪيلي سر رهي انهن مان ناٽو ڏُهي اچڻ همٿ جو لاثاني مثال آهي. دڪان

انهن سيني آستانن تي ڪتي ميلا ڪتي راس ليلائون تہ ڪتي ڀڳت جا پروگرام ٿيندا هئا. دوارڪاديش جو وڏو مندر هو مندر ۾ جيڪا نرسنگهہ ڀڳوان جي مورتي هئي سا مهنت ڀائي شيامداس ڪي شڪارپور جي زمين مان ملي هئي. ان مان اهو بہ ثابت ٿو ٿئي تہ شڪارپور پراچين شهر آهي. جڳل پياري ٿان- شِري اڏيري لعل جو مندر ۾ هميشه اکنڊ جوت پيئي ٻرندي هئي اُتي هر سال چيٽي چنڊ ۽ ويساکيءَ جو ميلو لڳندو هئو.

ڌرمي آستان

برهماند جي رچنا، قدرت جا ڪرشما، ڌرمي شاسترن ۾ لکيل ڳالهيون، من ٻڌي ۽ پاڻ سڃاڻڻ جا راز ڄاڻڻ لاءِ پنڊتن، گياني ڌياني، مهاتمائون، ڌرماچاريہ، ساڌو سنتن کي نينڊ ڏيئي شڪارپور ۾ گهرائيندا هئا. انهن جي رهڻ ڪرڻ لاءِ شهر ۾ ڪيترائي آستان ٽڪاڻا ۽ آشرم هئا جتي ڪٿا ڪيرتن ستسنگ ۽ ڏڻ وار تي ميلا لڳندا هئا. ٽنڊي پاٺيءَ جا مٺ، ڀڳڙن ۽ رانهن جون سيسائون، ڀنڊارو ۽ لنگر ٿيندو رهندو هو. مطلب تہ شڪارپور ۾ ڪاڏي لاءِ ڪنهن کي فقير تي پنڻ جي ضرورت ڪانہ ٿيندي هئي، شايد اِن ڪري شڪارپور ۾ ڪوبہ هندو فقير تي پنندو نہ هو. شنڪر پارتي آشرم- ساڌن جو مندر- آئرن وارو آشرم- بالڪرام جي مڙهي ۽ گهاٽن وٽن هيٺان ايڪانت ۾ ساڌو ويهي يوگہ ابياس ڪندا هئا. وڏي عمر وارا ساڌو جهار وجهي ۽ منتر پڙهي ڪيتريون بيماريون ڇُٽائيندا هئا. نيين‌پور ۾ سناتن ڌرم سڀا ۾ لئبرري هئي. اُتي سنسڪرت سيکاريندا هئا. ناٿ سمپرداي مَٺُ، ساڌ آشرم اُداسين جي ڪنن ۾ ڪاٺ جا ڪنڊل پيل هوندا هئا. اتي يوگ ساڌنائون ٿينديون هيون. منٽي سنگت- پياري سنگت ۾ ساميءَ جي سلوڪن جو ڪيرتن گيان اُپديش ٿيندو هو. شري پرمانند پنڊار جو مهنت شري پرمانند مهراج يوگي ۽ مها پرش هئا مطلب تہ شڪارپور ۾ ڌرم ۽ تياڳہ جا سنسڪار گهڻا هوندا هئا. چبوتري وٽ ديويءَ جو مندر ۽ گهراٽي ڳ هر ۾ جوڳہ مايا جي مندر ۾ نؤراترا ۽ ايڪاٽن تي ميلو لڳندو هو. لکي در وٽ دوارڪاناٿ جي مندر ۾ سانوڻ جي مهني ۾ جهولا ۽ جنما اشٽميءَ جو تؤهار ملهائيندا هئا، سنڌ واهہ جي رستي تي شوالو- سيتارام مندر- هنومان مندر- مٿراناٿ جو مندر اهڙي، نموني

ڪٽ واري دربار

سترهين صديءَ ۾، ڏهين پاتشاهي شري گرو گوبند سنگهہ هندو ڌرم جي رکشا لاءِ بادشاهہ اورنگزيب سان جنگيون جوٽي رهيا هئا تہ شڪارپور مان ڪيترائي نوجوان وڃي گروءَ جي لشڪر ۾ شامل ٿيا هئا. لڙائيءَ لاءِ ناڻي جي پيتا ۽ سامان موڪليندا هئا ۽ ڪيترن شڪارپورين سک ڌرم بہ اختيار ڪيو. شڪارپور ۾ بابا
يال سنگهہ جي پرچار سان گهر گهر ۾ سکمني ۽ جپ صاحب جو
پاٺ ڪرڻ شروع ٿيو هو. ننڍي بزار ۾ ''اَڪال پونگو'' نالي دربار
۾ شري گرو گوبند سنگهہ وٽان مليل هٿيار آڻي رکيا هئائين. شري
ڪنعيالعل ياٽيا، برهم گياني ۽ سڌ پرش هئا ۽ وڃي گروءَ جي
لشڪر ۾ شامل ٿيا. گُرن نالو رکيس ڀائي گروداس. برڌ - اوستا ۾
جڏهن واپس شڪارپور آيا تہ ڪٽ تي ويهي گرن جون ڳالهيون
ٻڌائيندا هئا ۽ گيان اپديش ڪندا هئا. جڏهن اتي دربار نهي تہ
ڪٽ واري دربار جي نالي سان مشهور ٿي. ڪٽ واري دربار شڪارپور
جو مکيہ ڌرمي آستان هئو. شهر ۾ ڪابہ آپدا پوندي هئي تہ نگرواسي
ڪٽ واري دربار ۾ اچي تدارڪ ڪندا هئا. ماڻهو ڪورٽ نہ وڃي،
ڪٽ واري دربار، جي مهنت جي فيصلي کي قبول ڪندا هئا. ڪٽ
واري دربار جا مهنت بابا رامداس سڌ پرش هئا، پرمارٿ جا ڪم
ڏاڍي اتساهہ سان ڪندا رهندا هئا. هندو مسلمان ۾ فرق نہ سمجهندا
هئا. هر روز دربار ۾ لنگر ٿيندو هو. بابا رامداس کي ماڻهو سچدانند
ڪوٺيندا هئا. ڪيترا سلوڪ لکيا هئائون جيڪي اڪثر ماڻهو

پهلوان

شڪارپور ۾ پهلوانن جون ڪيتريون ئي ڪسرت شالائون هونديون هيون. ڪيترا پهلوان پهلوانيءَ جي ڪمن ۾ سونا ٻلا ۽ انعام کٽي شڪارپور جو شان مٿي ڪري ايندا هئا. پهلوانيءَ سان گڏ هندو-تنظيم ياونا جاڳرت ڪرڻ جي شڪشيا بہ کين ملندي هئي. انهن پهلوانن ڪري ئي اتان جي گنڊن کي فساد ڪرڻ يا ميلي ۾ من مستي ڪرڻ جي جريت نہ ٿيندي هئي. هڪ دفعي 'ڪوڏي ڪوڏي' راند ۾ هندن، مسلمانن جي مشهور پارٽيءَ کي شڪست ڏني تہ شهر ۾ ممڻ مچڻ جو انديشو هو. تڏهن نگرواسين ۽ سرڪار شهر ۾ شانتي قائم رکڻ لاءِ رزرو پوليس کي گهرايو هو. ڪن مسلمانن کٽ واري دربار جي مهنت بابا رامداس کي ڪلهاڙيءَ سان اوچتو حملو ڪري کيس زخمي ڪري ڇڏيو. جڏهن اها خبر شهر ۾ ڦهلي تہ هندو پهلوانن ۾ اهڙو تہ تاءُ هئو جو بدلي ۾ ڪيترن مسلمانن جون سسيون ڪٽجي وڃن ها. پر بابا رامداس ماٺهن کي درشن ڏيئي پهلوانن کي شانت رهڻ لاءِ چيو.

■درشن دو گھنشيام ناٿ موري اکيئان پياسي ري
درشن دو گھنشيام......
مندر مندر مورت تيري،ڦر پي نہ ديکون صورت تيري
آنکہ مچولي ڇورو اب تو من کي واسي ري
درشن دو گھنشيام.........

■ گروءَ جي گود ۾ گرمکہ
جي گذاريندين تہ خوش رهندين
گروءَ جي گيان جو ديپڪ
جي دل ۾ جڳائيندين تہ خوش رهندين

سيٺ چتنداس گوڪلداس ڇاٻڙيا وچ ايشيا جي ملڪن
ان واپار ۾ خوب ناڻوڪمايو. انگريز سرڪار سيٺ مان ايترو تہ
وش هئي جو هن جي پاس پورٽ ۾ لکيل هئو تہ سيٺ چتنداس
نگريز سرڪار جو وي. آءِ. پي. آهي. کيس ڪنهن بہ ملڪ ۾
ڇڻ وڃڻ تي روڪ نہ ڪئي وڃي ۽ جيڪا بہ مدد کپيس سا ڏني
جي. تن ڏينهن ۾ سالن جا سال دنيا جي وڏن شهرن ۾ گهمندو
هيو. شڪارپور ۾ ڪپڙي جو دڪان هوس ۽ روز ڪٽ واريءَ
دربار ۾ ايندو هو. ڪنهن پڇيس تہ ڀائو! ''توهان تہ دنيا جا گهٽائي
نهر ڏٺا آهن توهان کي ڪهڙو شهر سٺو لڳو'' خبر اٿو تہ جواب
چا ڏنائين.

''شڪارپور شهر جهڙو ميناج ۽ مزو ٻئي ڪنهن بہ شهر ۾
ڪونهي.''

درٻار ۾ اچي ڳائيندا هئا.

''سيتل هوءِ براجو جڳ ۾
سڪل ڪليش نوارو،
ڪڻ ڪڻ رام سروپ سنيارو،
من ڪي مئل اُتارو،
اُٺت ٻئنت سووت جاڳت
سواسو سُئاس چتارو
ڪايا مندر کوج نهارو
چيتن رام اُجارو''

درٻار ۾ چونڪيءَ تي هي ڀڄن اڪثر ٻڌندا هئاسين.

■ ''هل داتا جي درٻار ۾ چو ڦاٿو آهين گهر ٻار ۾
تنهنجو موهہ آهي مايا ڄار ۾
هل داتا جيدرٻار ۾
جتي صبوح سان آشاوار ٿئي
جنهن جي ٻڌڻ سان ٻيڙو پار ٿئي ، آنند جو احساس ٿئي
هل داتا جيدرٻار ۾
جتي سانجهيءَ جو رهراس ٿئي،
دکہ درد سڀ ناس ٿئي
ءِ ورتي لڳي ڪرتار سان
هل داتا جي درٻار ۾ ''

■ڀڄن بنا ٻانوري توني هيرا جنم گوايا
ڪيي نہ آيا سنت شرن ۾ڪيي نہ هري گڻ گايا
يي جڳہ مايا ڪا موهي مورکہ ني سميہ گوايا
ڀڄن بنا..........

يو آهي. هي مانداڻ ڪنهن منديو آهي. شاه صاحب ٻڌايو :

لهرن لڪ لباس، پاڻي پسڻ هڪڙو

سچل چيو :

''اکيان ڪول، تماشا ديکه

صاحب صورت ساري هئه

هيڏون هوڏون اهوئي دلبر

چئہ طرف چوڌاري هئہ

ڪتي بلبل، ڪتي گل ڦل

ڪتي باغ بهاري هئہ

ڪتي مومن ڪتي ڪافر

ڪتي آپ پساري هئہ

ڪتي مست موالي ڦرندا

ڪتي چؤرنگ چاري هئہ

ڪتي تخت تڪبر ڪرندا

ڪتي پاڪ پيناري هئہ

ڪتي چنڊ ستاري اُجوَل

ڪتي سج سهاري هئہ

ڪتي هر ڪائي ٻولي ٻولي،

ڪتي گونگہ گزاري هئہ

آپ هي اندر آپ هي ٻاهر،

آپي اوُ سڀ ڏيکاري هئہ

هرڪا شڪل انُهين دي آهي

اين اهي اَنواري هئہ.''

ساميءَ ٻڌايو :

آبھوا ۽ جيون

شڪارپور ۾ ڪو بيمار ٿئي ته گھڻو ڪري آيرويدڪ يا يوناني حڪيم وٽ وڃي علاج ڪندا هئا. ڊاڪٽري دوائون يا آپريشن نه ڪرائيندا هئا پيڙهيءَ به پيڙهيءَ آزمايل نسخا ننڍن ڪي وڏن کان ملندا ايندا هئا ۽ گھرو ٽڪي سٽيءَ سان ئي ڪيتريون بيماريون ڇٽي وينديون هيون. شڪارپور ۾ سياري ۾ سخت سردي پوندي هئي ۽ اونهاري ۾ هوليءَ کان ٿورو پوءِ گرم جھولا لڳڻ شروع ٿيندا هئا جون- جولاءِ ۾ ته ڏينهن جو ۱۰-۱۱ کان ۵ تائين ٻاهر اُس ۾ نڪري نه سگھبو هو. ڪڏ تي آسمان هيٺان سمھبو هو ته به مونجھه ٿيندي هئي. ڪنهن وقت ڪو هوا جو جھلڪو لڳندو هو ته چئبو هو ''واهه ڀڳوان واهه'' ''اهڙو جھلڪو ٻيو به پَٽ.''

رات جو گھر جي ڪڏ تي واڻ جي کٽولي تي ليٽي، آسمان جي پلاند ۾ ان صاحب جي بيشمار ۽ بيبها چمڪندڙ هيرن تارن جي جھرمر ۽ چنڊ کي ڏسي حيرت ۾ پرجي ويندو هوس. نه رڳو آسمان ۾ پر ڌرتيءَ تي به اُن صاحب جي عجيب جوڙ ڏٺي. چؤطرف اٿاهه ڌرتي، وڻ ٽڻ، سيتل جل، ديوتائن جي اَلڪاپوريءَ سمان باغن ۾ گلن جي هٻڪار، عجيب غريب چھڪندڙ پکين جون لاتيون، طرحين طرحين جا ميوا، توت، ڦاروان، کسيون ۽ ڪارڪان، تَن مَن کي راحت بخشيندا هئا.

گھاٽن وڻن جي مٺ-مست ڇانو، سنڌ واهه ڪناري وهندڙ پاڻيءَ جي ڌارا-اونڌهه روشني- جنم مرڻ- سردي گرمي- ڪينئن نه جڙ ۽ چيتنا سرشٽيءَ جو وستار ٿي ڪري. جڳت جي جيڪا مول پوت اڳوچر شڪتي آهي سا آهي ''پريم''. پانت پانت جي جيون ۾ ان سائينءَ جي جوڙ ڏسي انسان وسميه ۾ غلطان ٿي ٿو وڃي ته هي سڀ جنسار ڪنهن

هوڏانهن شڪارپور جو ٻيو شاعر ڪيئلداس ''فاني'' پنهنجي
يومي جي وڇوڙي ۾ وياڪل ٿي ائين لکيو:

''گذري جو ويو،
سو زمانو ياد ٿو اچي،
وسري جو ويو
سو فسانو ياد ٿو اچي،
تحقيق غلاميءَ ۾
مون آزاد گذاريو
آزاد ٿي پڃري مان،
مون پڃرو نہ وساريو،
لٽجي جو ويو،
سو خزانو ياد ٿو اچي،
پنهنجي وطن جا گيت،
مون ڳايا ٿي وطن ۾،
بلبل ٿي ڪئي چاهہ مان،
چؤنگار چمن ۾،
فانيءَ کي اُهو اَڄ،
ترانو ياد ٿو اَچي.''

ماٺهو ائين بہ چوندا آهن تہ شڪارپور جي آبهوا
آزاريندر - گرمي ۽ سردي- ڏوڏر ۽ مونجهہ. هتي پهاڙي ۽
وندي هوائن جي فرحت ۾ چو نہ رهجي. شاسترن ۾ آيل آهي.
حنني ۽ جنم يومي سرڳہ کان بہ وڌيڪ آهن.'' ايشور ماٺهوءَ
اهڙي شڪتي ڏني آهي جو هو هر حالت ۾ هري ٿو وڃي. هتي
۾ حياءُ ادب ۽ مريادا ۾ ڦيرو اچي ويو آهي. شڪارپور ۾ رهٺي
کهٺي، شادي غمي، ڏڻ وار ملهائڻ. ڪپڙا لٽا ڪنهن ٻئي نموني
هئا سائين وري مهر ڪندو پٽاڻي گهوٽ شاهہ صاحب جي دعا

■ ”جڳت ڏنو جڳديش ۾،

جڳديش ڏنو جڳ مانھ

ڳالھ چوڻ جي ناھي

چوان ڪيئن زبان سان.“

شان شوڪت واري شڪارپور ديش جي ورھاڱي ڪري برباد ٿي ويئي.

■قدرت اسان سان قھر ڪيو،

ٻارن کي ماءُ کان جدا ڪيو،

ھاڻي جيڄل بن اچي ڪيئن قرار

منڙي ۾ ڳڻن پريئہ پوميءَ کي سدائين لاءِ ڇڏڻو پيو، ظالمن شڪارپور کي اُجڙ ڪري ڇڏيو. شھر ۾ مھاجر اچي ٻاھر ٿيا، نوان ماڻھو آيا نئين سرڪار نھي نگرواسين تي ظلم ٿيڻ لڳا. تڏھن شڪارپور جي شاعر شيخ اياز جي دل مان دانھن نڪتي:

■ ”ڏيھي پرڏيھي ٿيا

پرڏيھي ڏيھي

آيا گھر ۾ اوپرا

نڪري ويا نيھين

پراوا پيھي

والاري ويا سنڌري

جاڳہ يتائي گھوٽ

سنڌري تي توکي سڏي

اچ تہ تنھنجي اوٽ

ڏاڍن کي ڏاري ڇڏيون.“

سامي : چئنراءِ ٻاچوُمل لُنڊ



سنڌ جو سرتاج ڀائي چئنراءِ جو جنم شڪارپور ۾ ڀائي ٻاچوُمل اتاراماڻيءَ جي گهر سن 1731 ۾ ٿيو. ڀائي چئنراءِ سيٺ گنگارام جي پيڍيءَ تي نوڪري ڪندو هو سيٺ گنگارام جي فرم ايران خراسان مان مال خريد ڪري پنجاب ۾ وڪڻندا هئا. ڀائي چئنراءِ ۾ ٻيا. سال اڌ ۾ مال وڪڻي سيٺ کي نفعو آڻي ڏيندا هئا. ويراڳ ورتيءَ ڪري
ميءَ جو سمورو ڌيان ساڌ سنگت ۽ ويدن جي اڀياس ۾ هوندو هو ۽
ڪنهن ستگروءَ جي ڳولها ۾ هوندا هئا. قدرت سان بهاولپور رياست جو
اهمڻ مهاتما ڀائي ميگهراج سنسڪرت وديا ۽ ڪاويہ شاسترن جو ڄاڻو
بت اچي شڪارپور رهيا تہ ساميءَ ان مهاتما کي پنهنجو گرو ڪيو ۽
ہ سال سانده ان کان شاسترن جي سکشيا ورتي گيان پرايو. چاليهن
رهين جي عمر ۾ سامي پاڻ سلوڪ ٺاهي لکڻ لڳو. گرمکي لپيءَ ۾ پني
ي ٽڪرين تي لکي مٽڪي ۾ وجهندو ويندو هو. ساميءَ جا سلوڪ
ڪارپوري گهرو ٻوليءَ ۾ ونڊڪ تتوَ- گيان سان ڀريل آهن. جن جي
هما جو پورو ورنن ڪري نٿو سگهجي. انين بہ روحاني ڳالهين جي
مجهاڻي ڏيڻ مشڪل ٿيندي آهي. ساميءَ جي سلوڪن ۾ اڌياتم وديا
ا گڙ رهسيہ سمجهايل آهن. سامي گرهستي هوندي بہ پراچين مهارشين
مان گيان ويراڳ ۽ ڀڳتيءَ جا اٿاهہ ڀنڊار پنهنجن سلوڪن ۾ ڀريا آهن.
ن ويدن جي واٽي سرل سنڌيءَ ۾ سمجهائي آهي لکي ٿو :

■ گهمي سيئي گهاٽ، آيس مت مرم ري
ڪنهن لاٿي ڪين ڪي، اَڻ هوندي اُڃ اُساٽ

لڳندي سنڌ جي برباد آشياني ۾ وري گل ٽرندا ۽ چمن ۾ بلبليون چ
ونگار ڪنديون.

■ ''سائين سدائين ڪرين،
مٺي سنڌ سڪار،
دوست مٺا دلدار،
عالم سڀ آباد ڪرين''

اها ٻہ سچائي آهي تہ پنهنجي ننڍپڻ جون ڳالهيون ياد ڪري ان زماني جا احوال، پنهنجي دل جي خوشيءَ لاءِ هي سڀ لکيو اٿم.
چو تہ ساميءَ ٻڌايو :

■ ''ڳالهين منجهہ آهن،
مٺيون ڳالهيون ڳوٺ جوُن،
ڏيئي ڏس سڄڻ جا،
ٽيون سڄڻ ملائن،
ڪوريو ڪس لائن،
سامي ڪس اندر جي''

(پرشوتم سُکيجا)

ڌرتي چڙهي آڪاش تي ڪليو دسمو دئار
اچي جاڳيو پاٽيهي لِنو لِنو اونڪار
ساڪي سرجٹهار سامي ڏسي سڀ ۾.

■ڪري ڏس ڪلپت ري سامي اَنيہَ اَيپاس
تہ چيتن چت آڪاش پرگهٽ ٿئي ئي پاٽيهي

■چار اڳڙ آڪاس تنهن ۾ درشن دوست جو
بنا انگہ آويہ جي ستيہ سڌ پرڪاش
سيني ۾ سامي چوي تنهن واشديو جو واس
اهڙو جني اپياس سي گرڪي گڏيا گودريا.

گورڪناٿ جي سڌ پدتيءَ جي ناد -
يوگہ ڏِونيءَ ۾ چت ڪي لين ڪرڻ لاءِ لکي ٿو :

■جنهين ٻڌو ناد گرو گورڪناٿ جو
لوري لڳو تن ڪي بيٺد جو بسماد
ٺحل ٿيا مهراڻ ۾ چڏي واڌُ وِ واڌُ
وجي پاڇ سواد سامي تن سڌن ڪون

■اناحد جو جهنڪار ٻڌو جنهن پانيڻ چئي
مٽيو تنهناجي من مون وڌ نِشد وهنوار
چڙهي سهاج سُمير تي ڏسي دويہ ديدار
پاتي پد اپار مشڪي ڪشڪي ڪين ڪي.

■نئنن لايو نينهن نور محل جي ناٿ سان
جتي سج نہ چنڊ ڪو نڪو رات نہ ڏينهن
بنا بادل مينهن سامي سدائين وسي.

سامي! هئين ستگروءَ لِنو سان پري لپاٽ
ڪليا وجر ڪپاٽ، پرتکيہ ڏنو پيءُ ڪي.

- ڳٽيا کھڙا ياڳہ سامي تنهن شيوڪ جا
جنهن بندي ڏني. پنهنجي ستگروءَ جي هٽ واڳہ
چڙي نانا راڳہ لڳو رهي الکہ ۾.

- محبت جي مٺائي کاڌي جنهن گرگيات سان
سامي سکہ سنسار جا تنهنکان ويا وسري
ڪلپت ڪال ديوار کون پيو پرچي پار ڪري
اچي ڪين ڦري جنم مرڻ جي دکہ ۾.

- آهن پوڄڻ جوڳہ ساڌو جن سنسار ۾
ڪيو جن اندر مون سمجھي سنسو سوڳہ
ساکي سار سروپ ٿي يوڳن يوڳہ اَيوڳہ
اَوديا ڪلپت روڳہ سامي ڪٽن سڀ جو.

- نئن ناسڪا ۾ ناپ سوڌيو جنهن گرگيات سان
سو سامي نانا پرم ۾ ڪري نہ جيءُ خراب
پاتائين پرچي ڪري انيؤ آتم لاڀ
جم جو حرف حساب واري واصل ٿي رهيو.

يوگہ ۾ ڪندا لنيءَ کي مولاڌار ڌرتي تتوَ
مان جاڳائي، ستن چڪرن مان لنگھائي دسمو دوار کولي
پرماتما سان ملائڻو آهي تنهن لاءِ لکيو اٿس:

- ماڙيءَ ست دريون سيني ۾ ڏس سوجھرو
وينو ٿي تنهن محل ۾ خانود ديرو ڌريو

■اٿي مهانگو سامي سؤدو پريم جو
جي توکي خواهش خريد جي تہ ست سر جو سانگو
پرچي پاءِ ٻاچيءَ ۾ گلا جو گهانگهو
لنگهي پئہ لانگهو تہ مطلب ٿئي من جو

■پري ڪان پري مايا محبوبن جي
ڪنهن پاتو ڪينڪي انت اٿان ڪري
ڪيس گم گيات سان گيانوان ڪري
سامي ڏسي نري پنهنجي اکين پاڻ.

■ڪري جهد جفا عاشق چڙهيا اچ تي
ڪٽيائون ڪلپت جا ڪڻ ۾ خيال خفا
سامي ڏسن صفا اندر ٻاهر آتما.

اکيون ايشور جي عجيب بخشيل نعمت آهي جيڪي ڪائنات جي نظارن ڇمرن ۽ شين کي ڏسي اندر ۾ سانڍي ٿيون رکن اهڙن نظارن جو وري وري ديدار ڪرائي سڪايلن جي سڪ مٽائي دل کي خوشيءَ جي لهرن سان ٿيون ڀرين.

■اکين منجهہ آهن اکيون عجيبن جون
جتي ڏسان نيڻ پري تتي واجهائن
مٿان پاند مهر جو لحضو نہ لاهين
درشن درد وندن کي لونءَ لونءَ لکائين
اکين منجهہ آهن اکيون عجيبن جوُن.

''سهاڳڻ سائي جنهن کي پرينءَ پنهنجو ڪيو''

سامي صاحب فرمائين ٿا تہ جنهن ناريءَ ۾ ادب ۽ آدر جا گڻ آهن

عشق مزاجيءَ سان عشق حقيقيءَ مان قدرت جو راز سمجهڻ ۾ ايندو آهي.

■ڏاڍي لاٽائين لور جاني منهنجي جيءَ کي
ستيم سڪ سنسار جا تو توُن گهوري گهوري
اٿندي ويهندي ننڊ ۾ اوريان تنهنجي اور
اچي مل چت چور سُتڙ ٿي سامي چوي.

■آهي هنن اکين کي خاصو خمار تنهنجو
وينو وٺي آهيان هت ڪامل قرار تنهنجو
آءُ ته پياريانءِ پري پيالو پريم جو
سامي هن اوسَر ۾ تن من سڀ ٺاريانءِ
دهه دِسي ڏيکاريانءِ اَنيئي پرش اکين سان.

■سڪ ري صفائي اچي نه دل درپن کي
پاڇي ڏس پريمن کون جن لِنو لائي
مورت محبوبن جي اَنيوُ ۾ آئي
سامي سدائين ماڻن دؤر درس جو. (درشن جو مزو)

■ڪڏهن ڪين ڪريپرين پاسو موکون
اکيون اکن ۾ رکي وينو ڏيان ڌري
اٿندي ويهندي ننڊ ۾ پلڪ نه ٽئي پري
ڏسي جيئڻ نري سامي سپرينءَ کي

■محبتي مگن رهن پنهنجي حال ۾
پاتو جن پريت سان گهرو گيان انجن
سامي ڏسن سرب گتپرميشور پورن
ميٽي سڀ منن مشڪن ڪشڪن ڪين ڪي.

سائين پرمانند چنگسرام ڇُگهه

سائين پرمانند جو جنم شڪارپور ۾ سن 1898 ۾ هڪ شاهوڪاري گهر ۾ ٿيو. ننڍي عمر ۾ ماتا پتا جي وڇوڙي ڪري وڏراڳه اوستا ۾ رهڻ لڳا. جيتوٽيڪ متن مائٽن جي زوربار تي شادي به ڪيائون بار ٻچا به ٿين پيسو ڏوڪر به سنڀاليندا هئا، پر سندن ورتي پنهنجو پاڻ سڃاڻڻ جي طرف هئي. 1915 ۾

ڪارپور ۾ مليريا جي بيماري ڦهلي تڏهن سائين پرمانند مائٽن
يت اچي ڪراچيءَ رهيا. اُتي سائيجن جي ملاقات هڪ مها يوگ
اؤڌوت مسترام ديو- سوامي سمرٿ ديوجن سان ٿي. سوامي سمرٿ
و جي سمجهاڻيءَ موجب نيم سان يوگه- ساڌنائون ڪرڻ ڪانپوءِ من
ي ورتي پوت آڪاش ۽ چت آڪاش کان لنگهي چيتن چد آڪاش
آييد ٿيڻ لڳندي آهي ۽ ڪندالني شڪتي جاڳرت ٿيندي آهي.
ڪرتا اَيوڳتا آتم سروپ جو پرتڪش انيو ٿيندو آهي. اهڙي ڪنن
چتر سڪيا ۽ بتايل راهه ڪي وٺي پاڻي پرمانند محنتون ڪري
ڪيلي سر رات جو چاندوڪين ۾ ڪليل تڪرين تي يوگه اڀياس
ڪندا هئا. **پوت آڪاش هن ساڪار پدارٿن واري اسٿول برهمانڊ**
ي چنجي ٿو. سوڪير چت ورتيءَ جي سهاري پوت آڪاش
رتيت ٿي رهيو آهي ۽ چت آڪاش وري چيتن چد آڪاش
ي آسري اسٿت نظر اچي رهيو آهي. گهريءَ ننڊ ۾ سپني جا
ت انهيءَ چيتن چد آڪاش ۾ وجي لئه ٿيندا آهن. جاڳرت ۾ وري
ن مان ظاهر ٿي پنهنجي پنهنجي ڪلپنائن انوسار الڳه الڳه چت

۽ جيڪا استري دل ۾ سچي سڪ رکي ساهري گهر ۾ رهي ٿي تنهن کي ني مان ۽ مرتبو پريل درجو حاصل ٿئي ٿو ۽ شاديءَ جي پوتر سنبنڌ کي قائم رکي سگهي ٿي.

■جنهن من ڏيئي پرين ريجهايو پنهنجو
سنسي ري شيوا ڪري سڪ صبوريءَ ساڻ
ڪائي ڪارائي سپ کي محبت متائي
سا سهاڳڻ پرينءَ ڳل پيئي.

■جنهن پرچايو پرينءَ کي اَرپي پنهنجو پاڻ
چڙهي سڪپت سياج تي پائي سڪ بي انت
رکي نيڻ نيڻن ۾ کيلي نت بسنت
تاريائين ٻئي سامي پيڪا ساهرا

سد پرشن لاءِ چوي ٿو

■جيڪي تون ڪندين سمجهي هن سنسار ۾
ڪٿي هن جهان مان سامي سو نيندين
ڪري وٽ ڪلپت ڪيي ٻڌندي ٻوليندي
موٽي نا ايندين هر هر اهڙي هٽ تي.

■ڪيڏي وڏيائي ڪريان سا پرش جي
سم درشٽي سيتل سدا سپ جا سکدائي
ممتا مٺل اندر ۾ رکن نہ رائي
سامي سدائين ڪن اپڪار اَچاهہ ٿي.

پائي چئنراءِ جي پٽ جو نالو گهنشيام هو. ان ئي سندس جي هٿ لکيل اکرن جو چٽکيون متڪي مان ڪيون. اٽڪل ڇهہ هزار سلوڪ سنڌيءَ ۾ آيل آهن جيڪي سندن جي پريمين ڇپايا آهن.

آتما ان رٹ تي ويٺل آهي. اها مالڪ جي مهر آهي جو جيو ڪي
يون، ڪن، زبان، هٿ ۽ پير ڏنا اٿس. ٻڌيءَ کي تيز ڪرڻ
ءِ ستسنگ، ويد شاستر ۽ سريشٽ پرشن جي صحبت تمام ضروري
ھي. سائيجن سمجهائيندا هئا ته من توهان جو دشمن ناهي پر ايشور
ھي بخشيل عجيب ڪلا آهي. من ۾ وڏي شڪتي آهي. جيڪي
عئبس سو ناهي وننډو. ڪاٻه جڳهه ڪيترو به پري هجي اک
جنپ ۾ اتي پهچي ويندو. جڏهن ڪو ڪم پوي ته من ساوڌانيءَ
سوچ ۽ ويچار سان ان کي پورو ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو. جڏهن
ن واندو هجي ته **دم جي ڏور** تي لهه چڙهه ڪرائجيس. ’ماٺهو
چوندا آهن ته من ۾ ڪام - ڪرود-لوڀ -موهه ۽ اهنڪار جا
ڪار پريل آهن. در اصل اهي وڪار ناهن پر مالڪ جون هن بندي
ني ڪلائون پرڏان ڪيل آهن نه ته ته زندگيءَ جو هڪ منٽ به
نهاري نه سگهجي. سائينجن گرميءَ جي مهنن ۾ اتراکنڊ-رشي
ڪيش کان چڙهائيءَ تي، گيانسوُ گانوءُ ۾ وڃي رهندا هئا. چوُڏاري
قدرت جا دلڪش درشيه ۽ ايڪانت- چوُماسي جي ڏينهن ۾ بادلن
جي گرجنا- ٺڏي هوا جي ٺڏي هير برسات جي بهاري، پهاڙن جي
سوپيا ۽ **ساوڪ**، پريان هماليه جي برفاني چوٽين جي سونهري
جهلڪ، انڊلٺ جو ديدار ۽ شانتيءَ جي لهرن سان پرپور وايو منڊل.
اُتي ڪي آستان ته اهڙي اوچي پهاڙن تي آهن جو ماڻهو پاڻ کي
پرٿوي منڊل تي نه، پر سرڳ لوڪ ۾ ويٺل سمجهندو آهي. سائيجن
هر سال چوُماسي ۾ ڪنهن پهاڙ تي ايڪانت واس لاءِ هليا ويندا
هئا. انهيءَ دوران سائيجن آلمورا، ڪانمنڊوُ، دارجلنگ، سملا،
نئنيتال، ڪشمير، مسوري ۽ آبو ويا هئا امرناٿ جي ياترا به ڪري
آيا هئا. درويش سچي برهمانڊ ۾ هر قسم جي سونهن ۾ انهيءَ

جا نرالا نرالا ورتاءُ ظاهر ٿيندا آهن. سائيجن واريءَ جا آسڻ - پسم آسڻ ناهي يوگ ساڌنا جا اڀياس ڪرڻ لڳا. شروعات ۾ پدم آسڻ سڌ ڪري پوءِ وايو شنان، سوريہ شنان، پسم شنان ڪرڻا پوندا هئن ان بعد گرڀ آسڻ- بنان ڪنهن آسري اسٿت ٿيٽو پوندو آهي ۽ اڱرين سان ڪنٺ ڪوپ کي دٻائي پراڻن کي روڪي رکبو آهي تہ جئن ڪندالني شڪتي جاڳرت ٿئي. جاپ - مها واڪين جا اُچار-لاڀ ونڻ جو پڪو نشاچو- لڳاتار اڀياس تڏهن من جي استرتا ۽ آتم ڀاو جهلڪ جو انڀوُ ٿيڻ لڳندو آهي. واپس شڪارپور اچي پورا ٻارهان سال خوب اڀياس ڪندا رهيا ۽ گيان پراپتيءَ لاءِ رشي ڪيش وڃي رهيا.

سائين پرمانند کي ڪن پريمين وينتي ڪئي تہ گرو مسترام ديو جي ياد ۾، هر ٻارس تي ويدانت اپديش ستسنگ جو پروگرام رکو. عام لوڪن جي ڀلي لاءِ هردوار ۽ بمبئي ڪار ۾ پرمانند ڀندار استاپت ڪيا ويا جتي گيان اُپديش جو ڪاريہ شروع ٿيو. هر سال جا چار مهنا جنوريءَ کان اپريل سائيجن بمبئيءَ ايندا هئا ۽ روز ستسنگ ٿيندو هو. سائيجن سمجهائيندا هئا تہ چيتن ستا يا برهم ستا اننت انحادي آهي. پر مايا جي ستا بہ گهٽ ناهي. برهم پرماتما جي وشال ڦهيل شڪتيءَ جو نالو آهي **"مايا"** ۽ اها پڻ برهم جيان انحادي آهي. چوڻ ۾ ايندو آهي تہ هوا جي رفتار تمام تيز ۽ ٻاٽيءَ جو وهڪرو تمام تکو آهي. پر انهن ٻنهي کون وڌيڪ تکو آهي اندرين جو مايا طرف وهڪرو-منش هڪ ڪڻ بہ پنهنجي اصل سروپ کان هٽيو تہ ان ئي ڪڻ مايا ۾ جڪڙجي ٿو پوي. انسان کي پنج گيان اندريون ۽ پنج ڪرم اندريون ايشور وٽان عطا ٿيل آهن. **"سرير- رٿ. اندريون گهوڙا آهن، من لغام آهي، ٻڌي سارٿي آهي**

پير هٿائڻ نا گهرجي.''

■ ''اڏاهڻ ۾ اوٽ
آهي جن جي آتما
تن کي لڳي ڪانڪا
چاهہ چنتا جي چوٽ
ڪٽي سٽيائون سرتا
پاپ پاڃ جي پوٽ
مؤجان ڪوٽيون ڪوٽ
پسن پرمانند ٿي.''

■ ''وڃي ٿي تو هاٿي هليو
وقت يار ويڇار جو
ٻڌُ ڪر هوشيار ٿي
ڇڏ سنگہ وشيہ - وڪار جو
ماٺهو ٿيڻ مشڪل اَدا
سو نہ ٿيندين تون سدا
جلد ميٽي ڪر مندا
درشن ڪر دلدار جو.''

پرميشور جو تجلو پسندا آهن تنهنڪري سندر پرڪرتي-جهر جهنگل-نديون-سمنڊ-برفاني پهاڙ ۽ آبشار انهن کي پاڻ ڏانهن ڪشش ڪندا آهن. **ايشور پاڻ بہ تہ هر شيء ڪمال جي ٺاهي آهي.** سائينجن هردوار ۾ هجن يا بمبئيءَ ۾، شام جو پهاڙين طرف يا سمنڊ جي ڪناري سئر ڪرڻ هليا ويندا هئا. اونده ٿيڻ کان اڳ واپس آشرم ۾ اچي دربار صاحب ۾ شري سمرٿ ديوجن جي آسيس وٺي مٿي هليا ويندا هئا. آشرم جي ڇت تي نيل گگن هيٺان چنڊ ۽ تارن جي صحبت ۾ ٽڪٽڪي لڳائي پنهنجو پاڻ ۾ ويٺا هوندا هئا.

سائينجن روز پراته ڪال ٽي بجي اٿندا هئا. پرڀات جا ٻہ ڪلاڪ پنهنجي موج مستيءَ ۾ انيئي ويچارن ۾ ويهي رهندا هئا. سائينجن جي ڳالهائڻ ۾ بلندي ۽ ڳائڻ ۾ ڏاڍو ميٺاج هو. پاڻ سلوڪ بہ ٺاهي لکندا هئا.

سلوڪ :

- ''ترت برهمچريہ ورت ويرن کي
  ڪڏهن پلائڻ نا گهرجي
- پائي نَر تنُ رتن سراسر
  خاڪ ۾ ملائڻ نا گهرجي
- هي مايا بجليءَ جو چمڪو
  چت للچائڻ نا گهرجي
- ڪرڻو جو شيِ ڪارج آج
  سو وقت وڃائڻ نا گهرجي
- پراڻايام ويام پارت جو
  اُصول وسارڻ نا گهرجي
- پرمانند کي پائڻ ڪانپوءِ

پاڳو پيون :

ڪراچيءَ جي ڪهاڻي

ڪيئن وساريان ڪراچيءَ جي ڪياماڙي ۽ ڪلفٽن
چت ۾ چُٽڪن تا اڪڙين اڳيان ڦرن ٿا.

دلفريب درشيه

وات پاڻي پاڻي ٿئي بي اختيار
ڪلفي ذائقيدار چٽٽي چشڪيدار
نس نس ۾ آ سمايل رڳ رڳ ۾ رمي ٿي
سونهن ۽ سندرتا جي وياڪاڻ
ڪيئن وساريان مان
اَباڻي ڏاڏاڻي سَرل سُپڪ ۽ سلوڻي سنڌي ٻولي
ڪيٽي - نيٽي جيٽي منهوڙي جا نرمل نظارا.

ديش جي ورهاڱي کان اول ڪراچي ساڄيءَ سنڌ ۾ خوبصورت شهر ٿي ساماڻي هئي ڪراچيءَ کي سنڌ جي راڻي ڪري سڏيندا هئا.

karachi was the glory of the east.

ڪراچي شهر رٿا سان ٺهيو هئو آمدرفت ترتيب سان هلندي هئي. ٽرام بسين سان گڏ وڪٽوريا بگيون بہ هيون .باقي موٽر ڪارون ڪن ٿورن ماڻهن وٽ هيون. هوا پاڻي صحتمند هو. ساڄي

شهيد الله بخش سومرو



هن جهڙو سياڻو اڳوان سچو ديش ڀڳت ٻيو ڪو ورلي هوندو. شڪارپور ۾ ٺيڪيداريءَ جي ڌنڌي مان ناڻو ڪمائي زميندار بڻيو. 1923 ۾ هي صاحب سياست ۾ گهڙيو ۽ جلدي ئي اڳوان ليکجڻ لڳو. 1935 ۾ سنڌ جدا پرانت بڻي ۽ 1936 ۾ سنڌ اسيمبلي قائم ٿي. هي صاحب اتحاد پارٽيءَ ۾ شامل ٿيو. اتحاد پارٽيءَ جا ميمبر گهڻائيءَ ۾ چونڊجي آيا الله بخش سنڌ وزارت جو ليڊر ۽ سنڌ جو چيف منسٽر بڻيو. هن صاحب جي ايامڪاريءَ ۾ ڪيترائي سياسي ۽ سماجڪ سڌارا ٿيا. سن 1942 ۾ سنڌو درياهہ ۾ زبردست ٻوڏ پيئي ۽ ٻوڏ جو پاڻي شڪارپور ڏانهن اچي رهيو هو. هن صاحب ٻوڏ جي پاڻيءَ کي پنهنجن ٻنين ڏي ورائي شهر کي برباد ٿيڻ کان بچايو. هن جي زمين جون جايون، پوکہ پرپانگہ ٿي ويئون پر وطن جي صدقي پنهنجو سَروَسُ قربان ڪيو. مسٽر جنها هنکي مسلم ليگہ ۾ شامل ٿيڻ لاءِ ڏاڍو زور پريو پر هن ديش جي هِتَ کي ڌيان ۾ رکي انڪار ڪيو. چوڏهان ميءِ 1943 ڏينهن ڪنهن نيڪ ڪم جي سلسلي ۾ گهران نڪتو ۽ واپس تانگي ۾ پي آيو تہ شڪارپور ۾ ڪن رهزن مسلمانن تمنچو هٿي هن کي گولين جو نشانو بڻائي ماري ڇڏيو. چاڪاڻ جو الله بخش جي هوندي سنڌ ۾ مسلم ليگہ زور نٿي وٺي سگهي ميان الله بخش شهيد ٿي امر ٿي ويو. سنو سياستدان، مدبر، اعلي انسان، سياسي رنجش ڪارڻ ڪسجي ويو. شڪارپور کي گوَرءُ آهي جو اتي اهڙا ديش ڀڳت پيدا ٿيا آهن اهڙن درلڀ گڻوان پٽن ڪريئي شڪارپور سرتاج بڻي.

يون. سنہ 1865 ۾ سنڌ جو پهريون گريجيوئيٽ چوهڙ پنجابي
مبئيءَ ۾ ايلفلسٽن ڪاليج ۾ پڙهيو هو. سنہ 1887 ۾ ديارام گدومل
ڀائيءَ چندا ڪٺا ڪري ڪراچيءَ ۾ ڊي.جي. سنڌ ڪاليج
رپا ڪيو هو. سنہ 1861 ۾ ڪراچيءَ کان ڪوٽڙيءَ تائين ريل
اڏي چالو ٿي هئي. پارٽ ۾ پهريون هوائي جهاز سنہ 1918 ۾
ڪراچيءَ لٿو هو. سنہ 1853 ۾ سڄي برٽش سلطنت ۾ پهرين
يونسپل ڪاميٽي ڪراچيءَ ۾ ٺهي هئي. ڪراچي ميونسپل
ي سنڌ جو بيسٽ ڪلين سٽي شيلڊ (Best clean city shield)حاصل
و.

ميونسپل ڪارپوريشن جي شاندار شاهي عمارت جي سامهون
سوامي نارائڻ مندر اڄ ڏينهن تائين ڪراچيءَ ۾ سنڌي هندن جي
ڪيہ رهائشي ايراضي آهي. مندر وٽ راڌا ڪرشن جو سهڻو مندر،
ڳوان شنڪر جو من موهيندڙ مندر، ۽ گردوارو آهي. جتي هندو
نڌجي پنهنجا سڀئي تيوهار امنگہ ۽ اتساھ سان ملهائيندا آهن.

ڪراچيءَ جو شهر سمنڊ جي ڪناري تي آهي. جيڪو پاسو
سمنڊ جي طرف هئو ان کي ''کارو در'' سڏڻ لڳا ۽ ٻيو پاسو جيڪو
مٺي پاڻيءَ جي 'نهر' لياري نيءَ ۽ کوهن ڏانهن هو، تنهنجو نالو پيو
''مٺو در''. انگريزي راڄ کانپوءِ ڪراچي شهر ويو وسندو ۽ نهندو
تہ کاري در ۽ مٺي در جي وچ ڄمڙائيءَ وارن هندن کي گڏ اولڊ ٽائون
ڪوٺڻ لڳا ''پراڻي ڪراچي'' جئن تہ بامبي بزار، ڪاغذي بزار،
شڪارپوري مارڪيٽ، ريشمي ڪپڙي مارڪيٽ، جوڙيا بزار،
رنڇوڙ لائينس، کوڙي باغيچو، بولٽن مارڪيٽ وغيره. اولڊ ٽائون
پرسان وڏو شاهي باغ بہ هئو. اولڊ ٽائون ۾ سنڌي هندن جون جيڪي
بہ ذاتيون رهنديون هيون هرهڪ کي پنهنجي پنهنجي الڳہ پنچايت

پارت ۾ ڪراچيءَ جهڙي صفائي ٻئي ڪنهن به شهر ۾ نه هئي. اتي روڊ پاڻيءَ سان ڌوئي صاف ڪندا هئا. ڪياماڙيءَ کان بندر روڊ شاهي رستو هو. اتي خالقڏنو هال، گرمندر، ننڍي ڪمپائونڊ ۽ ٿيا سافيڪل هال ۽ لئبرري، خاص جايون هيون بندر روڊ ايڪسٽينشن ٽڪريءَ تي سندر بستي هئي اتي عاملن ۽ پائيبندن واهه جا شاندار بنگلا نهرايا هئا. هيءَ ايراضي ڪافي ڪشادي صاف سٿري ۽ وڻندڙ هوندي هئي انهيءَ پاسي سولجر بزار، پنج مکي هنومان مندر ڀنيان جانورن جو باغ (ZOO). گانڌي گارڊن نالي سان مشهور هيو. اُتي ساڌو واسوانيءَ جو ڪرشنا ڪنج پڻ مشهور هو. گانڌي گارڊن ڀنيان سوامي وويڪانند جو آشرم هو. بولٽن مارڪيٽ کان ٽرام شروع ٿيندي هئي. هڪ پٽو صدر ڏانهن ويندو هو ۽ ٻيو گانڌي گارڊن وٽ وڃي پورو ٿيندو هو اتي هڪ پڪوڙائيءَ کان نهايت سوادي پڪوڙا ۽ گانئيا ملندا هئا. ماڻهو ٽرام جي ٽڪيٽ خرچي پڪوڙا ۽ گانئيا کائڻ ايندا هئا . گاڏي کاتو ۽ صدر بزار سندر ۽ صاف سٿري ايراضي هئي. هت رام باغ ۽ ٽڪندو پارڪ مشهور هئا. رام باغ ۾ ٻارن جي راندين لاءِ ڪافي وڏو ميدان هو. ساهتيءَ وارا ۽ سيوهاڻي عامل ۽ پائيبند اُتي رهندا هئا. برنس روڊ جي هڪ ڇيڙي تي ڊي.جي. سنڌ آرٽس ڪاليج، انجنيري ۽ سائنس ڪاليج ،شهاڻي لا ڪاليج ۽ مينارام هاسٽل هئا. شيوا ڪنج ۽ ٻيا شاندار رهائشي مڪان پڻ ان پاسي هئا.

برنس گارڊن ۾ ڪراچي ميوزئم، سرسبز گاهه، ڪلمڪ جوان ۽ خوشبودار ڦلواڙيءَ وچم خوبصورت عالماڻي سندريون ڏسبيون هيون. برنس روڊ جي پٺ واري وٽڪار سان ڊڪيل سيتل ڪاڇهري روڊ تي گورنرس هائوس، سنڌ اسيمبلي ۽ هاءِ ڪورٽ شاندار عمارتون

ريب هئا. پڙهيل مسلمان سرڪاري نوڪرين ۽ واپار وڻج ۾ رڌل
ئا. سنڌي مسلمان سانتيڪا ۽ مهمان نواز هئا. ڪراچيءَ ۾ يوُ پيءِ جا
ئيئا پڻ رهندا هئا. جي چوڪيداري، محنت مزوري ۽ پاٽيءَ جون
انڪيون هلائيندا هئا. ڪي يئيئا عاملن جي گهرن ۾ رسوئي ناهڻ
جو ڪم به باخوبي ڪندا هئا. ڪراچيءَ ۾ رام ليلائون، رامائڻ
جو پاٺ به يئيئا ڪندا هئا. سنڌ ۾ حجامت جو ڪم گجراتي
ڪندا هئا ۽ ڪراچيءَ ۾ ڀنگي پنجاب کان ايندا هئا. ڪراچي
ڪ انتر راشٽريه شهر هئو هت دنيا جي ملڪن جون قومون پڻ
رهنديون هيون عرب، چيني، اميريڪن ۽ انگريز. دنيا جي ٻي
ھاياري لڙائيءَ وقت ڪراچيءَ ۾ اميريڪن ۽ يورپين سولجرن
جي آمد به گهٽي هئي تن ڏينهن ۾ ڪراچي مختلف قومن جو
مانش گاهه ٿي پيئي هئي.

ڪراچي اسٽيشن سامهون ڪاٽن ايڪسچينج جي شاندار بلڊنگ
ئي ۽ الٽري ميدان تي پڻ سنا رهائشي مڪان نهيل هئا. گاڏي کاتي
رنس روڊ جي چيڙي تي جهوليلال مندر وارو پرسرام گاڏو جهلي
ول گيا، ڏهي پلا ۽ چاٽ رکي وڪڻندو هو. شام جي وقت پرسان
واري ڪاليجن جي ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين جي هن وٽ چڱي پيڙ
لڳندي هئي. ڏهي پلا سنا سوادي هوندا هئس. جيڪڏهن ڪلفي
ڪاٺي هجي ته آلٽري ميدان تي هوٽل پرسان واري جي سدا بهار
پستن بادامين واري ڪلفي ذائقيدار هوندي هئي ۽ سوادي دال پڪوان
بولٽن مارڪيٽ سامهون چندو حلوائيءَ وٽ ملندو هو. ڪراچيءَ
جو حلوو سچيءَ سنڌ ۾ مشهور هو مغزي تراوت وارو سيرحلوو
تڏهن ٻن رپين ۾ ملندو هو. هر روز هڪ ترين ميون سان پريل لاهور
ڪان ڪراچيءَ ايندي هئي ان گاڏيءَ ڪي عام ماڻهو ڪونيندا ني هئا

هوندي هئي. ساتا، سرائي، وانها، چاپڙو ۽ نصرپوري ذاتين جو تعداد وڌيڪ هو ۽ سندن ڳالهائڻ ٻولهائڻ جو نمونو بہ نرالو هو. مٿي در کان پريرو پاڳناڙي پاڙو هو هوُ سرائڪي ٻولي ڳالهائيندا هئا. اولہ ٽائون ۾ شري ڪرشن مندر ۽ ٻيو نندلعل جو ٽڪاڻو پڻ مشهور هو. اتي نٽئي پاٽيا، پشڪرنا براهمڻ، سارسوت برهمڻ (نصرپوري) رهندا هئا. اتي برهم ڪترين جو ڏيلو پڻ مشهور هو. نصرپوري برهمڻ سماج جو مشهور ليکڪ مهراج تياجورام روچيرام شرما ڌارمڪ ۽ سماجڪ ڪتاب لکي نالو ڪڍيو هو. هن صاحب جو ٽپڻو سنڌ ۽ هند ۾ مشهور هو. پشڪرنا براهمڻ مان وند ناڙي ۽ ٻيو وند ٺاڪرداس آيرويد جا ماهر هئا. اولہ ٽائون ۾ ٻيون سنڌي هندن جون ذاتيون هيون. لاسي، لاڙي، اترادي، پائيبند ۽ عامل. رنڇور لائينس ۾ ڪيترائي گجراتي ۽ ڪڇي رهندا هئا جن کي اناج دالين ۽ تيل جا دڪان هئا. ڪراچيءَ ۾ گهٽيئي مرهٽا نوڪريون ڪندا هئا. اسڪولن ۽ ڪاليجن ۾ ماستر ۽ پروفيسر پڻ هئا. انگريزي راڄ جي اوائلي دؤر ۾ ڪيترن پارسين کي سرڪاري نوڪريءَ جي جڳهين پرڻ لاءِ بمبئيءَ مان آندو ويو. هوُ گاڏي کاتي ۽ ڪلفٽن ايراضيءَ ۾ رهندا هئا.

ڪاري در کڏيءَ پرسان ۽ ٻيو مٿي درلياري ڪوارٽرس طرف بہ وڏا مڇي مارڪيٽ هئا. گهڻن ئي قسمن جون مڇيون اتي ملنديون هيون پامفليٽ، سرمائي، رانوس مگرو ۽ جهينگا وغيره. وڏيون مڇيون سڪائي ڏيساور تي موڪليندا هئا. مڇي مارڪيٽ کان پري ٻروچ ۽ مڪراني مال ڍوئڻ جو ڪم ڪندا هئا. پرسان پٺاڻن جا ڪٽنب وسيل هئا. پٺاڻ گهوڙي گاڏيون هڪاليندا هئا. سنڌ ٻنين ۽ پوکن جو سبز ملڪ هئو جنهن ۾ گهڻا مسلم ڪڙمي، هاري ۽ ڪاسبي

غريب جانور ۽ اڻ ڏٺل پکي. سونهن سوپيا ۾ نرالي ڪراچي تڏهن واهه جا جهلڪا پيئي ڇڏي. راءِ بهادر نارائڻداس پنجابيءَ فورڊ ۽ شِوَرليٽ ڪمپنين جون ايجنسون ورتي ڪراچيءَ ۾ نارائڻداس ائنڊ ڪمپني کولي موٽرن جي شروعات ڪئي هئي.

ڪراچيءَ ۾ ڪاڪي جا يار دوست به گهڻا هئا. اڄ جهامراءِ روڊ وارو مڪان ته سيان ڪئينس روڊ واري گهر، هڪ ڏينهن آلٽري ميدان وارو مڪان ته ٻئي ڏينهن ڪوڙي گارڊن واري گهر. ائين سڄو شهر پيا گهمندا هئاسين. خبر سو پوي ته اڄ هتي پروگرام آهي، اُتي پهچي ويندا هئاسين. خالق ڏنو هال، فريئر هال، دينسو هال گانڌي گارڊن ته ڪڏهن برنس گارڊن يا گاڏي کاتي. اتي ڪيترائي ڪلچرل پروگرام ٿيندا رهندا هئا. آزاديءَ جي هلچل سمي **شيوا دل** جا شيوڪ ۽ شيوڪائن جون سرگسون نڪرنديون هيون. تن ڏينهن ۾ سماج ۾ عجيب جنون هو. آزاديءَ جي آندولن مٿان سنڌي تن دولت ۽ پاڻ ارپڻ ڪري رهيا هئا. هرڪو آزاديءَ جو مستانو هو. سنه ١٩٤٥ ۾ ٻي مهاڀاري جنگ سماپت ٿي ته هندستان کي جلد آزادي ڏيڻ جو اعلان انگريز سرڪار ڪيو. پر ديش جي ٽڪرا ٿيڻ جو امڪان سنڌي هندن کي فڪرمند ڪري رهيو هو. ان چنتاجنڪ وايو منڊل جي باوجود ڪراچيءَ ۾ مختصر تهذيبي ۽ ميلاپي تقريرون، سنڌي مشاعرا، صوفياڻي چونڪيون، رام ليلائون ۽ سنڌي ڀڳت جا پروگرام ٿيندا رهندا هئا. جڏهن ڪتي ڪو پروگرام نه هوندو هو ته اسان هندي يا انگلش فلم ڏسڻ ڪنهن نه ڪنهن سنيما هال ۾ هليا ويندا هئاسين. جيتوڻيڪ ان وقت انگلش فلم جا ڊائلاگ سمجهه ۾ نه ايندا هئا ته به مزو ايندو هو. اُن وقت ني فقط ڪراچي شهر ۾ ڏهن ڪان به وڌيڪ سنيما هال هئا.

''فروٽ اسپيشل''. ريل گاڏيءَ ۾ ڪراچيءَ کان بامبي وڃڻ لاءِ نندي گاڏي ميٽر گيج حيدرآباد کان هلندي هئي. ان کي راجا جي گاڏي بہ چوندا هئا جو جوڌپور جي مهاراجا جي گاڏي هئي. ميرپور خاص کان ٿيندي گڊرو روڊ پار ڪري ٻاڙمير ايندي هئي. هاڻي گڊرو اسٽيشن تہ پارت ۾ آهي پر گڊرو شهر پاڪستان جي حد ۾ آهي.

اسڪول جي موڪلن ۾ اکيون ڪراچيءَ لاءِ آسائتيون هونديون هيون. کارو در، مٺو در، بولٽن مارڪيٽ ۽ ڪراچي اسٽيشن وٽ کاڌي پيتي جون سوادي سنيون شيون ملنديون هيون. تن ڏينهن ۾ ماڻهن ۾ فلمس سنيمائن ڏسڻ جو ڪريز Cr¯a`ze هوندو هو. منهنجو دوست مولچند چاٻڙيا شڪارپور کان ڪراچيءَ فقط سهراب موديءَ جي فلم ''سڪندر اعظم'' ڏسڻ لاءِ ويو هو. لائيف ۾ پهرين انگلش فلم جا هن مونکي ڏيکاري سا وسرڻ جي ناهي. فلم هئي ''بيدنگ - بيوٽي.'' چا تہ فلم هئي، ان فلم جو هيرو توڙي هيروئن ''ايسٽر وليمس'' ان وقت جي بيوٽيفل ائڪٽريس هئي. منهنجي مٽر مولچند جو Nick-Name چالو نالو هو ''ڪاڪو''. عمر ۾ مونکان پنج - ڇهہ سال وڏو هو. کاڌي پيتي، ڪپڙي لٽي ۽ گهمڻ گهتڻ جو بہ ڏاڍو شونقين هو ۽ سنڌ جا گهٽائي شهر گهميل هو. پيسي ڏوڪر جي بہ ڪمي نہ هئس. ڪراچيءَ ۾ شڪارپوري مارڪيٽ ۾ سندس مامي جو دڪان هو. مان بہ ڪاڪي ساڻ ڪراچي گهمڻ ويندو هوس. انهن ڏينهن ۾ ڪراچي بہ ڪراچي هئي شاندار عمارتون، ڪشادا رستا، صاف پاڻي، مارڪيٽ، بزاريون، بجلي، ٽيليفون، ڪاليج، عجائب گهر(Museum)ٽاور، عمدا پتلا، ريلوي، ڊاڪ يارڊ، ايئر پورٽ، بسيون، موٽرون، ٽرام، وڪٽوريا بگيون، سنيما هال، ديداري شئل گاهہ، باغ بغيچا، سرڪاري باغ ۾ عجيب

ڪراچيءَ وارو پاسو سنڌ جو پهاڙي علائقو آهي. ڪياماڙي بندر سامهون سمنڊ ۾ منهوڙو بيٽ آهي. اولهه طرف پٻ جبل جون قطارون آهن. اوير طرف ملير ۽ لانڍيءَ پاسي ٽڪريون آهن. ٻنهي ڳوٺن جي وچمان ملير نهر پيئي وهي اتي باغ ۽ کيت آهن اُتان ميوا ڀاڄيون ۽ کير ڪراچيءَ ايندو آهي. ملير پريان سرڪاري کوهه آهن جن جي پاڻيءَ تي ڪراچيءَ جو دارو مدار آهي. ملير ۾ فارم ۽ فارم هائوسز بہ گهڻا آهن. لانڍي ڳوٺ پريان سمنڊ آهي هتان ٻيڙيون ڪيٽي بندر طرف ويندڙيون آهن. هتي ماڻهو ٻيڙي ياڙي سمنڊ جو سئر سفر بہ ڪندا آهن.اُتي ماڻهو سمنڊ مان سپون ڳولهي انهن مان موتي ڪيندا آهن ۽ باقاعدي موتين جو واپار هلندو هو. ڪراچيءَ جي اتر طرف سورجاڻي جبل تي ٽاڻي بولاخان ڳوٺ ۽ ميٽنگ اسٽيشن جي آبهوا بلڪل سٺي آهي اتي نڪي گهڻي گرمي ٿئي ۽ نڪي گهڻي سردي ٿئي ۽ آبهوا اهڙي سٺي جو جيڪي کاءُ سو هضم. اتان جي ماڻهن ۾ قرب ۽ مهمانوازيءَ جو انگ جهجهو آهي. هتان جي اگدپوريءَ وانگر اتي پڻ صحت گهر ۽ يوگا سينٽر هجن تہ سٺي هل اسٽيشن ليکجڻ ۾ اچي.

ڪراچي شهر کان چار ميل پري گورکہ آمڙي وڏو شاهي تلاءُ هو. چوڌاري قدرتي ساوڪ ۽ ٽڪرين جا نظارا، ڏاڍو سهاڻو دلپذير درشيہ هو ۽ رمٽيڪ شانت آستان هو ۽ اتي ويدانتيءَ جي جڳهہ تي ستسنگ ٿيندو هو. موڪل جي ڏينهن تي ڪيترا ماڻهو اچي ينگہ گهوٽي محفل جو مزو ماڻيندا هئا. ڪراچيءَ کان ١٥ ميل پري منگهي پير وٽ سلفر جي گرم پاڻيءَ جا چشما آهن. جن ۾ سهائي سهائي سنان ڪبو تہ فرحت ايندي. ڪشتين ۾ سنان ڪرڻ سان خارش ۽ ڏڍ جي بيمارين کان ڇٽڪارو ملي ٿو. ڪشتين ۾ سنان

سامونڊي سنڌ ۾ بيچ فقط عربي ساگر ڪناري ڪراچيءَ ۾ هئي''ڪلفٽن بيچ''. بيچ تي هڪ وڏو گنبذ نهيل هو اتي ماڻهو اچي پڪنڪ ڪندا هئا. اندر چبوترڙي ۾ ويهڻ لاءِ پٿر جون نهيل بيناچون پيل هونديون هيون. اڳي گهڻو ڪري ماڻهو تولا ناهي اُٺ گاڏين ۾ چڙهي ڪلفٽن گهمڻ ويندا هئا. شام جو بيچ تي ڪافي رونق هوندي هئي. سمنڊ ۾ ساج لهڻ جو نظارو ڏاڍو دلڪش ۽ حسين ٿيندو آهي. جلڪندڙ ۽ چنچل لهرن مٿان اربين ترورا آسمان جي اوچي چادر کي افق تي ترندو ڏسي ائين لڳندو آهي ته قدرت جو چترڪار وينو تو تصوير ناهي. انهن نظارن جي ياد ڪيتري نه خوبصورت هوندي آهي.

شام ڪانپوءِ جڏهن سورج غروب ٿي ويندو آهي ته چنڊ جي چاندنيءَ ۾ نظارو وڌيڪ سهڻو ٿي پوندو آهي. ٿڌي هوا جي ٿڌي هير پيئي لڳندي آهي. تن ڏينهن ۾ ڪراچيءَ جو هوا پاڻي بلڪل صاحتمند هوندو هو. پوليوشن جو ته نالو نشان به نه هو. ايندي ۽ واپس ويندي چولين ۾ جڏهن پير پسي ٿڌا ٿي پوندا هئا ته ساجي سرير ۾ تازگي چانئاجي ويندي هئي. بيچ تي سنان گهر ۽ وشرام لاءِ بيناچ پيا هوندا هئا وندر گاهه به نهيل هئا پرسان لانديون مسواڙ تي ملنديون هيون، جتي رڌڻ پاچائڻ جون سهوليتون به ميسر هونديون هيون. چيائون ته تورو پري يورپي لوڪن لاءِ خاص بيچ پڻ آهي.

ڪلفٽن تي پپل جي وڻ هيٺان قدرتي غفا ۾ عاليشان ڀڳوان شنڪر جو اتيشور مهاديو مندر آهي. اُتي هر سال شوراتريءَ تي ميلو لڳندو هو. ڪلفٽن شهر کان پري هوندي به ماڻهن جو ساگر اچي بيچ تي پلٽبو هو. بئنڊ باجا پيا وڄندا هئا. خوب دڪان کلي ويندا هئا موڄ جو ميلو هوندو هو شوراتريءَ جو ڏينهن.

پٽرن سان زوم سان لڳي وڏا نڪاءَ پيئون ڪن ۽ اسان تي بہ ڪيترا چنبا اڏامي اچي مٿان پيا. سمنڊ جي اهڙي مؤج ڏسي مؤج پيئي اچي. ڪراچي بندر کي سمنڊ جي طوفاني هوائن ۽ ريتيءَ سان لٽجڻ جي بچاءُ ڪارڻ سنہ 1873 ۾ سرڪار اهو بريڪ واٽر جوڙائي راس ڪيو هو. اسين پوءِ منهوڙو ڏسڻ وياسين هاڻ منهوڙو چانوٽي آهي. پورٽ ٽرسٽ ڪاتي جون جايون نهيل آهن منجهس هر طرح جا سهنج ميسر ڪيا اٿن. اسڪول، لئبرري، مندر ۽ ڪاڌي پيتي جا دڪان وغيره. پورٽ ٽرسٽ جي جاين وٽ سنان ڪرڻ لاءِ تڙ نهيل هوندا هئا جتي ماڻهو اچي پڪنڪ ڪندا هئا. منهوڙي تي هر سال چيٽي چنڊ جو ميلو لڳندو هو. منهوڙي کان بيڙيءَ ۾ ڪاريءَ رستي ماريپور لوڻ ڪاڻ ويجهو ڏڪي تي پهتاسين. واٽ تي بيٽ هئا. بيٽن تي مهاڻن جا گهر هئا. ماريپور لوڻ ڪاڻ کان ڪراچيءَ تائين پڪو موٽر جو رستو نهيل آهي. ماريپور لوڻ ڪاڻ کي مواچ جو ميدان بہ ڪوٺين. پريان ڪيپ مانز ڪاري سٽائي آهي. ماريپور پريان پب جبل جون قطارون چڱو لقاءُ لڳايو بيٺيون آهن. اتي ٿوهر جا وڻ گهڻا آهن. برسات ڪانپوءِ اتي ليار، منگا، ڪنييون، ڪاوريون ۽ مريرو گهڻو ٿئي، باقي تہ جهنگ ئي جهنگ لڳو پيو آهي جو ڪيترن ميلن ۾ هليو ٿو وڃي. انهن جهنگلن ۾ روجهہ گهڻا آهن. روجهہ جابلو هرڻ آهي جنهن جا پير اَچا ٿين.

ڪراچيءَ ۾ رهندڙ اسانجو مٽر شري گوڪلداس آهوجا اميريڪن فرم ۾ نوڪري ڪندو هو. شام جي وقت ڪنهن نہ ڪنهن دوست سان گڏجي ڪياماڙي منهوڙي کان بہ پري بيڙيءَ ۾ سير ڪندو رهندو هو. هن کي ورڻ ديوتا سان ڪو اٿاهہ پيار هو جو ڪڏهن تہ اڪيلي سر بيڙيءَ کي سرهہ چاڙهي نريئہ ۽ بيپرواهہ

ڪرڻ کان اڳ حلوو کائڻ گهرجي جڏهن مغر کي تراوت اچي نہ تہ تہ گهڻو وقت سنان ڪرڻ ڪري ٿڌو ٿيڻ لڳندو آهي. منگهي پير جي مسافرخانن ۾ سنان ۽ رڌڻ پچائڻ جون سهولتيون بہ ميسر هونديون هيون. هڪ تلاءَ ۾ پاليل واڳهو آهن. ائين لوڪ ٿيا پيا هوندا آهن. پر جڏهن گوشت اچلين تہ ڪڙا تڙا ٿي وڏا وات ڦارين. برسات ڪانپوءِ منگهي پير ۾ وڏيڪ موڄ هوندي هئي. آسپاس جي ٽڪرين تي ساوڪ جو نظارو نهايت نزاڪت پريو لڳندو هو. هيٺ ماٿريءَ جي ڳوٺن ۾ايڪانت جو واتاورڻ هوندو هو. اتان جون ڪارڪون سٽيون ۽ مٽيون، ماڻهو کائي ڏءُ ڪندا هئا. شين جي وڪري لاءِ اتي دڪان پڻ هئا. موڪلن ۾ گهڻا ماڻهو اچي پڪنڪ ڪندا هئا. منگهي پير کان حب ندي چوويهہ ميل پري آهي ۽ پريان لهاراٿي لنگهہ اٿس. اڳي خراسان مان قافلا هن لنگهہ مان اچي ڪراچيءَ جي قافلي سراءِ ۾ ڪٽا ٿيندا هئا.

ترام جو سفر ڪري ڪياماڙيءَ پهچي وياسين ڪاري در کان ڪياماڙي بندر فقط چار ميل پري آهي. بندر کان پري پري نيلي آڪاس هيٺ سمنڊ ۾ سامونڊي جهاز ڏسڻ ۾ ايندا هئا. ڪياماڙيءَ کان بيڙيءَ ۾ چڙهي ماڻهو سمنڊ جو سئر ڪري منهوڙي بيٽ ويندا آهن. اڳي سمنڊ مان منهوڙي پنڌ وڃڻ جو رستو بہ هئو ان کي رام جهروڪو ڪري ڪوٺيندا هئا. تڏهن سمنڊ جي پاڻيءَ کي ڪياماڙي بندر تائين اچڻ جي وات ڪانہ هئي. پوءِ وچ وارا ٽَڪر پٽجي پُري ننڍا وڏا بيٽ ٿهي ويا تہ سمنڊ جو پاڻي ڪراچي بندر تائين اچڻ لڳو. هاڻي منهوڙي بيڙيءَ ۾ وڃبو آهي. اسان جي بيڙي هڪ ڏڪي وٽ بيٺي ۽ اسان رخ رکيو بريڪ واٽر ڏي. سمنڊ جون لهرون ٽڪريون ٽڪرجي ڳجي ۽ ڳڙ ڳاٽ ڪنديون ڪناري وارن

ڪراچيءَ کان سٺ ڪلو ميٽر پري ڀنڀور نالي ڳوٺ جي کنڊهرن جي کوٽائيءَ مان شِومندر، ٻه شؤلنگ، ڪلش ۽ پرشيا گهراڻي جي بادشاهن جا سڪا لڌا اٿن. تاريخ نويسن جي بيان موجب سنڌو نديءَ جي ڇوڙ وٽ، وقت به وقت نديءَ جي ڊارائن ۾ ڦيرگهير ٿيندي رهي آهي ۽ سنڌو نديءَ جي اڳوڻي ڇوڙ وٽ جيڪو شهر پرشيائي ۽ راءِ گهراڻي واري حڪومت ۽ عربن واري زماني ۾ ديبل نالي سان ڄاتو ويندو هو ان جي سڃاڻپ ڀنڀور جي کنڊهرن سان ڪن ٿا. ديبل جي کنڊهرن تي ساڳئي هنڌ جيڪو ٻيو شهر آباد ٿيو هو سو ڀنڀور جي نالي سان مشهور ٿيو. سنه 712ع ۾ عربن سنڌ تي حملو ڪري سيني کان پهرين جيڪو شهر فتح ڪيو سو هو ديبل بندر جو سامونڊي واپار جو مکيه شهر هو. سڄيءَ سنڌ جا واپاري ۽ ڪاريگر اتي رهندا هئا. شهر ۾ ٻڌ ڌرم وارن جون مڙهيون ۽ هندن جا من موهيندڙ مندر هئا. حملاورن جي اچڻ ڪري شهر ۾ لوٽ مار ٿيڻ لڳي. لوٽ مار جي ماحول ۾ سؤراج ۽ سداچار ڪانسواءِ واپاري ڪوبه ڌنڌو ۽ واپار ديبل بندر تان ڪري نٿي سگهيا. تڏهن سنڌ جي واپارين اتان لڏي پٻ جبل پريان ڪيپ مانز ڪاريءَ تي حب نديءَ جي ڇوڙ وٽ ڪارڪ بندر وڃي وسايو. حب ندي پٻ جبلن مان نڪري ٢٤٠ ميل پٽ پسائيندي سمنڊ پريان ڪيپ مانز ڪاريءَ ۾ ڇوڙ ڇڏيندي هئي.

سنڌ سان لڳل پرانت بلوچستان ۾ وڏا جبل پٻ جبل کير ٿل جبل ماڙهي جبلن جون قطارون آهن. حب ندي هنگول ندي ۽ اگهور ندي اتان جون مکيه نديون آهن. اسلام جي ڦهلاءُ کانپوءِ ان پاسي زبردست قومون بلوچ سردارن جي اڳوانيءَ هيٺ رهنديون هيون. انهن جي دؤلت جو ذريعو اُٺ ۽ زمينداري هئي. ديش جي ورهاڱي کان اڳه

ٿي گهٽو پري سمنڊ ۾ پيو چڪر لڳائيندو هو. ڪڏهن ته اسان ٻئي ٻه هن سان گڏ ٻيڙيءَ ۾ سمنڊ جو سير ڪري آنند جو لطف ماڻيندا هئاسين. گوڪلداس جو اڪيلي سر سمنڊ ۾ سير ڪرڻ جي لگن ۽ اتساهه ڏسي اتان جا رايل نيويءَ جا آفيسر به هن جا دوست بڻجي ويا هئا ۽ هن کي همٿايو. سفارش ڪري هن کي جهازرانيءَ جي ٽريننگ ڏياري ۽ گورنر سَر لانسي لاٽ گرهام شري گوڪلداس کي ساموندي اسڪائوٽ ڪمشنر بڻايو ۽ نيويءَ وارن ٽريننگ لاءِ هن کي پنهنجا شڪشڪ ڏنا. شڪشارٿي ٽريننگ وٺي ساموندي لشڪر ۽ واپاري جهازن جي سروس لاءِ تيار ٿيندا هئا. شري گوڪلداس آهوجا جي اُدم ۽ اورچائيءَ ڪري سرڪار هن کي راءِ صاحب جو لقب ڏيئي سندس جو شان وڌايو هو.

ديوي يا شڪتي بنسبت ڀارت اپکنڊ ۾ انيڪ تيرٿ آستان
هن. اهڙو ئي پراچين تيرٿ آستان ڪارڪ بندر پريان هنگول ندي ۽
گهور نديءَ وٽ ديوي هنگلاج ماتا جو سهڻو مندر آهي. شاسترن ۽
پراڻن جي ڪٿائن موجب ڪولي سنڌ ۽ بلوچستان جي قديم قوم
رهي آهي ۽ ماتا جا اُپاسڪ هئا. رامائڻ ڪال کان به اڳ ڪولين جي
راجا 'سرننگه' ماتا پاروتيءَ جي نِمِتِ بلوچستان جي نل نديءَ جي
ڪناري ڀاڳي تي جيڪا هنگول ندي ڪري ٿا سڏين، جبل ۾ هنگلاج
ديويءَ جو مندر اڏيو. هزارين شرڌالوُ ماتا جي درشن لاءِ ديش وديش
مان ايندا آهن. ورهاڱي کان اڳ ديويءَ جا پوڄاري چڱي تعداد ۾
تبيٽ، نيپال، ڀوتان، ڪشمير، بنگال ۽ سيلان مان ايندا هئا. هندو
هنگلاج ديوي ياترا نهايت شرڌا ڀاوَ سان ڪندا آهن. ڪراچيءَ کان
ديوي هنگلاج جا جاتي ياترا جي رستي پيدل يا اٺ گاڏين ۾ ياترا
آرنڀ ڪندا آهن. هنگلاج ياترا جو رستو منگهي پير کان آهي.
منگهي پير تي منزل هٽي، چوڏهان ميل دور حب ندي پار ڪرڻي
هوندي آهي. حب نديءَ جو ڳوٺ سرسبز ملير ڳوٺ جهڙو آهي.
حب بارائي ندي لس ٻيلي جي جهالاوان جبل مان نڪري عربي
سمنڊ ۾ چوڙ ڪري ٿي. حب نديءَ جي ڳوٺن مان کير ڀاڄيون ۽
کاجور ڪراچيءَ اچي. ستر ميل اڳتي قافلي کي لياري شهر ۾ داٻو
ڪرڻو هوندو آهي. لياريءَ ۾ هندن جا گهٽيئي ڪٽنب وسيل هوندا
هئا. اتان جا ديوي شيوڪ مهمانواز ياترين جي سک سهنج جو سٺو
بندوبست ڪندا آهن. شهر ۾ ڪٽي ڪٽي ته چوويهه ئي ڪلاڪ
داٻا چالو هوندا آهن. جتي کاڌي پيتي ۽ آرام ڪرڻ جي سهوليت
هوندي آهي. هنگلاج ياترا لاءِ برهمڻ (گائيڊ) جنهن کي ''اڳوو''
ڪوٺين جي ضرورت پوندي آهي. جيڪو هٿ ۾ ترشول کڻي
ياترين جي اڳواڻي ڪندو رهندو آهي. لياريءَ ۾ اتي جا شيوڪ

پب جبلن وٽ مسلم حاڪم ڄام صاحب جي رياست هئي. پب جبلن تي واهيون واهه ۽ نهرون به گهٽيئي آهن. وندر نهر پب جبل مان نڪري 96 ميل لتاري سونمياڻي شهر پرسان عربي سمنڊ ۾ ڇوڙ تي چڙي. پب جبل جي واهن ۽ واهين وٽ باغات پڻ گهٽي آهي. اتي ڏاڙهون، انجير، ڳاڙها ڪيلا ۽ انب جام ۽ سٺا ٿين. لَس بيلو رياست هئي ته لس بيلو شهر پڻ هو، هزارين هندو ڪتنب کوجا ۽ بلوچ اتي رهندا هئا. لس بيلي ۾ رهندڙن کي لاسي چوندا آهن. ڪارڪ بندر جو واپاري مرڪز بڻجڻ کري ڪيترائي هندو لس بيلي جي شهرن ۾ اچي رهيا.

ڪلراٺو ميدان ڏسڻ ۾ ايندو اُن کي ''چندر ڪوپ'' ڪوٺيندا آهن، جو عربي سمنڊ جي ڪناري کان رڳو ٻه ميل پريان آهي. اُتي زمين مان ڪارو پاڻي ڦوهارا ڪري پيو ٻاهر نڪري- جهڙي ڪاري گپ. پر قدرت جو ڪرشمو اهڙو جو آس پاس واري مٿاهين پَٽ تي مٽي پاڻيءَ جا کوهه آهن. جتي ياتري ويهي آرام ڪري پنهنجي پياس مٽائين انهن کوهن کي ''رامچند جا ڪوپ'' ڪري ڪوٺين، ڪوپ معنيٰ ''کوهه''. چندر ڪوپ جي منزل تي اڳوو جي اڳوانيءَ هيٺ اُڦرندڙ پاڻيءَ ۾ ياتري ناريل ييتا ڌري اُڇلائين ۽ من جون مرادون پائڻ لاءِ پرارٿنا ڪن. چندر ڪوپ کان اٽڪل ويهه ميل پري بلوچستان جي وڏي ندي هنگول ندي هاڙهي جبل تان جهرڻا تي هيٺ لهي ٿي. هاڙهي جبل جي اورين پاسي آهي. هنگول ۽ پرين پاسي هڪ ٻئي ندي آهي ''اگهور ندي''. جا ٻن جبلن جي وچمان وهي ٿي. هنگلاج جا جاتي چندر ڪوپ کان هنگول نديءَ جي ڀُوٽ ايندا آهن. ياترا جي رستي تي هنگول ندي پوتر ڪري ليکي ويندي آهي. هنگلاج جا جاتي هنگول نديءَ جي ڀُوٽ ۾ پهچي ٻه ٽي ڏينهن رهي آرام ڪندا آهن. اُتي براهمڻ ياترين کي گڏ ڪري گهٽيئي پاٺ پوڇا جون رسمون پوريون ڪرائيندو آهي جو هڪ ساڃو ڏينهن گذري ويندو آهي. ڪنئاريون ۽ شادي ڪيل زالن کانسواءِ سيني ياترين کي مٽي جا وار لاهي ڏيوٽا هوندا آهن جنهن ٻين ڪيترن هندو تيرٿ ياترائن ۾ هوندو آهي. هنگول نديءَ جي ڀُوٽ کان اگهور نديءَ تائين ياترا جو رستو سوڙهين ماترين ۽ ٽڪرين مٿان آهي. اگهور نديءَ کان مٿي وڏي چاڙهي آهي. ياتري پيرين پنڌ ديويءَ جي پرشنسا جا ڀڄن ڳائيندا وڃي مٿي پهچندا آهن. ديوي هنگلاج ماتا جو مندر هاڙهي جبل جي ٻار وٽ هڪ مٿاهين ڪشادي غار ۾ آهي جتي اَندر سوين ماڻهو ويهي سگهن.

ياترين کي اڳوي جو پرہند بہ ڪري ڏيندا آهن. ليارِيءَ ۾ ياترا جون مکيہ رسمون ارنيپ ڪرٽيون هونديون آهن. پاٺ پوجا جٽيا پائڻ وغيره پريات جو نديءَ ۾ سنان ڪرڻ بعد پوشاڪ لاهي زالين مڙسين ٻارين ٻچين بَدن تي گيڙو ڪپڙا پائي اڳتي جي ياترا ان رنگي لباس Saffron robe ۾ ڪرٽي هوندي آهي. اڳوو ياترين کي ياترا سنبنڌي ڪي خاص ضروري ڳالهيون ٻڌائيندو آهي تہ جئن اڳ تي جي ياترا جا انهنجا سهندي بہ ياترين جو منوبل مضبوط رهي.

ليارِيءَ کانپوءِ ياترا جو رستو ٽڪرين مان، سوڙهين ماترين منجهان، لاهين چاڙهين ۽ ور وڪڙن جو آهي. بربٽ ۽ اوجهڙ واري رستي تي هلندي اڳوو واٽ تي ڪنهن ڪلئي ايراضيءَ ۾ روڪي ياترين کي ناشتي پاڻيءَ لاءِ داہو ڪرائيندو آهي. ياتري ديوي سلوڪ چوندا اڳتي هلندا رهندا آهن. بريدي نالي ٽڪريءَ تان پريان سمنڊ ڏسڻ ۾ ايندو آهي اتان جو نظارو نهايت وڻندڙ آهي. نزديڪ ۾ ٿوريون ڪوهيون آهن جي ''سيتا ماتا'' ڪوهيون سڏجن ٿيون بريدي ٽڪريءَ تان هيٺ لهبو تہ وندر نالي نهر وٽ باغات آهي. اُتي انبن جا وڻ گهڻا آهن اُن هند کي ''اَنباولي'' سڏيندا آهن. وندر نهر جي ٻيءَ پَر سونمياڻي مشهور بندرگاهہ آهي سمنڊ جي نزديڪ هئڻ سبب هي شهر واپار ۾ اهڙو تہ وڌيو جو مٿس نالو ئي سونمياڻي پيو يعني ''سون جهڙي مياڻي.'' ورهاڱي کان اڳہ سونمياڻيءَ ۾ سوين گهر هندن جا هوندا هئا. سونمياڻيءَ کان ست ميل پري رڻ پٽ ريگستان آهي. ان رڻ پٽ ۾ هڪ ندي آهي ''ڦوڙندي'' جيڪا چوماسي ۾ ڦوڪجي وهندي آهي ۽ ياترين کي پار ڪرڻ ۾ ڪٺنائي پيش ايندي آهي. باقي ٻيا مهنا ندي نيءِ ٿي وهندي آهي ۽ ڪٿي ڪٿي پٽن ۽ ڊُبن ۾ پاڻي پريل هوندو آهي. ريگستان کان اڳيرو هلبو تہ هڪ

جون چاڪڙيون رکيل آهن. هاڻي ته ڪراچي منگهي پير وٽان
ڪا رستا ٺهي ويا آهن. لياريءَ کان موٽر ۾ ٻارهن ڪلاڪن
جي سفر ڪانپوءِ رڻ پٽ ڦوڙ نديءَ جي ڳوٺ پهچي باقي ياترا
جو رستو اُٺن جي سواريءَ سان ڪري سگهجي ٿو خاص تربيت
يل اٺ ماڻهن کي مال سوڌو مٿي مندر جي چاڙهيءَ آشاپور ڪاليءَ
جي آستان تائين وٺي هلندا آهن. آخري پراءُ ۾ ديويءَ جو درشن
ڪرڻ لاءِ ياتري پيرين پنڌ مٿي ڏاڪا ۽ باقي چاڙهي- چڙهي ديوي
مندر تائين پهچندا آهن.

چوندا آهن ته ڌرمي ياترائن جو لاڀ جسماني توڙي دلي شانتي ۽
پريوءَ جي آسيس انهن کي وڏيڪ ملندي آهي ۽ پاڻ کي سؤڀاڳي
ڪري سمجهندا آهن جيڪي ماڻهو پرماتما ۾ وشواس رکي شرڌا
ڀاوَ سان ياترا جون تڪليفون ۽ رڪاوٽون جهاڳي ان جي مندر
وجي پهچندا آهن.

شاهه صاحب به رمتو جوڳي هئو جوڳين جي سنگ هوُ به هنگلاج
ياترا تي ويو هو جنهن جو بيان هنن لفظن ۾ ڪيو اٿائين.

''ڪَديَم ڪا چوٽي،
وِڌُم جوڳ جَتَنَ لاءِ،
جُتِي وَل سي ڪيئن پائن،
جني پير پرين
سچا سوامي، سچ ڳالهائن،
سچو سندن پنڌ،
هوت وَسي هَرهنڌ،
پرَ هِنِ ڏٺو هنگلاج ۾.''

مندر جي نزديڪ هڪ وڏو تلاءُ آهي. تلاءُ پرسان ننديون غارون آهن جن کي ''سرن'' چوندا آهن. ياتري صبح جو تلاءُ ۾ سنان ڪري پاڻ کي ڪوري ڪپڙي ۾ ويڙهي سرن ۾ اندر گهڙي ڦيرو ڏيئي مندر اندر ديوي درشن لاءِ داخل ٿيندا آهن. سرن مان رڳو هڪ ماڻهوءَ جي لنگهڻ جي جاءِ آهي ياتري هڪ ٻئي پٺيان وڃي ائين وسهندا آهن ته اتان لنگهڻ ڪري کين مڪتي ملندي. ديوي هنگلاج مورتي سندوري آهي. سڄي بت تي سندور لڳل اٿس. ديوي درشن بعد هو ڪوڙو ڪپڙو غريبن کي دان ۾ ڏيئي وري ساڳيا گيڙو رتا ڪپڙا پائين. هنگلاج جا پوڄاري سنڌ جا لهاڻا براهمڻ آهن. هنگول ۽ اگهور ندين جي نزديڪ آشاپور نالي آستان آهي اُتي ڪاليءَ جو مندر آهي. تورو پريان گردوارو آهي هنگلاج جا ياتري انهن ٻنهي آستانن تي به وڃي متو تيڪي ايندا آهن. هاڙهي جبل جي پاڙ ۾ ڪيترائي ننديا وڏا سوراخ آهن جي بلڪل اونها آهن. انهن مان ڪي ته سمنڊ تائين ڦهليل آهن هوا لڳڻ سان انهن سوراخن مان دل ڪانڊاريندڙ سوساٽ جا آواز ايندا رهندا آهن. خاص ڪري رات جي وڳري ۾ ته گهٽن کي ڏپ وٺيو وڃي. هنگلاج پراڻ ۾ ڄاڻايل آهي ته شري رامچندر، ماتا سيتا ۽ لڇمڻ چوڏهن ورهيه بنواس جي عرصي ۾ ديوي هنگلاج درشن لاءِ آيا هئا. انهيءَ پراڻڪ ڳالهه جي تصديق اِن مان به ٿئي ٿي ته ڪراچيءَ کان ديوي مندر تائين ڪيترن هنڌن جا جهونا نالا شري رام سيتا جي نالن سان مشهور آهن. جئن ته ڪراچيءَ ۾ رام باغ، راماسر تلاءُ ۽ رام جهروڪو، ياترا جي رستي تي سيتا ماتا کوهيون ۽ چندر ڪوپ وغيره. سورهين صديءَ ۾ جڏهن گرونانڪ ديو مڪي مديني کان واپس ڪڇ ۾ لکپت بندر پهتا ته گرو مهراجن پڻ ديوي هنگلاج جي درشن لاءِ ياترا ڪئي هئي. ديوي هنگلاج مندر پرسان سکن جي گردواري ۾ گرو مهراجن

سمنڊ جي ڦرندڙ گهرندڙ حالتن ۽ طوفاني هوائن ڪري ڪارڪ
ندر ويران بڻجي ويو. ڪيپ مانز کاري ريتيءَ سان ائين لٽجي
يئي جو ٻيڙيون ۽ دنگيون ڪارڪ بندر تائين اچي نٿي سگهيون.
درت جو اهڙو قهر واپارين لاءِ مصيبت بڻجي پيو. ڳولهيندي
ولهيندي هنن جي نظر ڪراچيءَ وٽ نيءِ نار کاريءَ تي پيئي
يڪا پٻ جبل جي آڙ ۾. هوائن جي اٿائي پاسي هئي. ان وقت
ني ٿورا مهاڻن جا گهر هئا ۽ بلوچ اوٺي پڻ رهندا هئا تڏهن ڪراچي
ندر کي ماڇي مياڻي ڪوٺيندا هئا. سنه 1729 ۾ واپارين حب
يءَ وارو پاسو ڇڏي، نيءِ نار کاريءَ پرسان تلاءُ جي نزديڪ اچي
رهيا. تڏهن ان تلاءِ کي ڪلاچيءَ جو ڪُن ڪري سڏيندا هئا. پوءِ
ڪلاچي نالي جو اُچار ڦري ڪراچي ٿيو. اهو ڪراچيءَ وارو
اسو اصل سنڌ جي حاڪمن ڪلهوڙن جي هٿ ۾ هو. ڪلهوڙن
جي صاحبيءَ ۾ قلات جي خان جو ڀاءُ، ڪلهوڙن جي هٿان ماريو
و ته وڏو معاملو متو هو. خون جي عيوض ڪلهوڙن ڪراچيءَ
ارو پاسو خان کي ڏيئي تنتو ٽاري ڇڏيو. جنهن وقت ڪارڪ بندر
ان واپاري لڏي ڪراچيءَ آيا تنهن وقت اهو پاسو قلات جي نواب
جي هٿ هيو. خان جي ڏيڍ هوندي به واپارين تلاءِ پرسان پڪ سري
عالم پناهه جوڙائي ڇڏي. عالم پناهه يا ڪوٽ کي آمدرفت لاءِ به
دروازا هئا. سمنڊ پاسي واري دروازي کي نالو پيو ''کارو در'' ٻيو
دروازو جيڪو مٺي پاڻيءَ جي کوهن ۽ لياري نهر طرف هو سو ٿيو
''مٺو در''. شهرواسي سڀ قلعي ۾ رهندا هئا. جنهن جي چوڌاري
تمر ۽ ٿوهر جو جهنگ هو. رڌڻ پچائڻ ۽ پيئڻ لاءِ پاڻي لياري نهر
مان آڻيندا هئا. قلات جي خان کي انهن سيٺين مان چڱي خاصي رقم
ملندي هئي. جان ۽ مال جي سلامتي، اوکيءَ سؤکي لاءِ جيڪي
ڏيندا هئا سو سڪيارٿو ڪري سمجهندا هئا. سنه 1795 ۾ سنڌ

ڌرمي ياترا سنبنڌي ڳالھ تي ڪاجي تہ هڪ دفعي الڳ الڳ آستانن تان آيل ياترين جي وچ ۾ منش ذاتيءَ جي گڻن ۽ وڪارن بابت، ان جي اثر ۽ نتيجن تي اچي گنڀير بحث ڇڙيو. ڳالھ جي شروعات سڳنيمل ڪئي هن چيو تہ پرماتما منش کي اچا شڪتي ڏيئي سواڌين بڻائي ڇڏيو آهي. هوُ ڀين جي ڀلائي ۽ سٺا ڪرم ڪري اُن جو سد- اُپيوگہ ڪري سنسار ۾ آنند ڦهلائي سگھي ٿو. يا بُرا - ڪم ڪري ان جو در-اُپيوگہ ڪري دنيا ۾ دک جو درياھ وهائي سگھي ٿو. تڏهن ياءُ سٽير وري ٻي ڳالھ ڇئي. چيائين تہ اچا شڪتيءَ کان بہ وڌيڪ اندر جي چيتنا شڪتيءَ کي جاڳائڻ ضروري آهي. ڪام ڪروڌ جهڙا وڪار سنڪلپ ڪرڻ سان دور ٿئا ٿين. آدرشي انسان بڻجڻ لاءِ ڌرمي شاستر، گرنٿ پڙهڻ، پويتر آستانن تي وڃڻ، من ۾ سٺيون ڌارڻائون - ڀاونائون جاڳرت ڪرڻ . شڌ وايو منڊل ۾ رهڻ ۽ ساڌو سنگہ ڪرڻ سان سٺا سنسڪار پون ٿا. مطلب تہ آدميءَ جو سڀاءُ سٺو هئڻ گهرجي. تنهن تي شريچند چيو تہ سڳنيمل ماڻهن ۾ اچا شڪتيءَ بابت ڳالھ ڪئي ۽ ياءُ سٽير آدميءَ ۾ سٺن سنسڪارن جي ضرورت تي زور ڀريو. مان ڀاڇان ٿو تہ انهن اُپاون سان ماڻهوءَ جي بد لاهت جي ڪا خاطري آهي؟ ڪوروَ بہ تہ گياني ڌياني ۽ ڪرم يوگي هئا. ماڻهن کي پاپ ڪرم ڪندو ڏسي، ڌرم کي ڌوھ ڏيئي ۽ پرماتما جي ليلا ماڇي شانت رهي سگهبو؟ آدمين جي غلط ڪار - گذارين ۽ سماج ۾ ٻٽيل زهريلي وايو منڊل کي شڌ ڪرڻ لاءِ ڀڳوان شري ڪرشن پانڊون کي گيتا گيان ٻڌائي لڙائي لڙڻ لاءِ تيار ڪيو هو.

بھراڻا صاحب

جي حاڪم مير ڪرم عليءَ قلات جي خان سان جهڳڙا ۽ لڙايون ڪري ڪراچيءَ جو شهر خان کان کسيو ۽ پنهنجو نواب مقرر ڪيو.

ڀوڄومل ڪراچيءَ جو هاڪارو سيٺ ٿي گذريو آهي. ان جي آکه پاڻ کي ڀوڄواڻي سيٺيون ڪري سڏائيندا هئا. سيٺ نائونمل ڀوڄواڻي پنهنجي زماني ۾ هڪ وڏي طاقت هو. سنڌ ۾ ڪڇ ۾ ۽ ٻين ڪيترن شهرن ۾ هن جو واپاري ڪاروبار هو. مسقط، ايران، بصري، بحرين، ڪابل، قندار، هرات، قلات ۽ ڪشمير ۾ سندس گ ماشتا ڪم ڪندا هئا. بمبئيءَ جي ڪونيءَ ذريعي بنگال ۽ چين سان واپار هيس، تڏهن سنڌ جي نصرپور شهر ۾ هڪ گهٽنا گهٽي. هڪڙي مسلمان ماستر هڪ هندو ڇوڪري سان جنسياتي ڇيڙڇاڙ ڪئي. ڳالهه ايتري قدر وڌي ويئي جو سڄي شهر ۾ هندن پنهنجا دڪان مسلمانن لاءِ بند ڪري ڇڏيا ڪراچيءَ ۾ به ائين ڪيو ويو. ڪراچيءَ ۾ هندو پاڻي لياري نهر مان ڀريندا هئا. انتقام لاءِ مسلمانن لياري نهر جو پاڻي پليت ڪري ڇڏيو. ان ڳالهه تي سيٺ نائونمل جي نندي ڀاءُ جي هڪ سيد سان تون چا، تون چا ٿي پيئي. جهڳڙو اهڙو وڌيو جو هندن ۽ مسلمانن جي وچ ۾ مذهبي جوش جي باهه وڪوڙي ويئي. ان وچ ۾ سيٺ نائونمل جو ڀاءُ ڪنهن نموني سنڌ کان ٻاهر جيسلمير هليو ويو. مسلمانن هندن تي اوچتو حملو ڪري سيٺ نائونمل جي پيءُ سيٺ هوتچند کي ڀڄائي نئي جي باگاٽي ڳ وٺ ۾ سيد جي گهر وٺي ويا جو هڪ ڪٽر مسلمان هو. باگاٽيءَ ۾ مسلمانن خيال ڪيو ته سيٺ کي زوريءَ مسلمان بڻائجي پر ايڏيءَ وڏيءَ عمر واري ماڻهوءَ جو ظُهر ڪرڻ، ترسيا ته من ڪو رستو نڪري اچي. سيٺ هوتچند ڀوڄواڻي ڌرمي خيالن وارو انسان هو



چانڊوڪين ۾ ٻيڙيءَ ۾ محفل جو لطف



هوليءَ جي ڏينهن تي شڪارپور ۾ اسٽيج تي ناچ (مان پيمن آ ينگ وارو)

ڪاليج ڪئنٽين- شڪارپور

سنڌي ڀڳت



ڪٽ واري دربار (شڪارپور)

ماتا هنگلاج ديوي مندر ياترا



هنگول نديءَ وٽ ڳوٺ جو نظارو


MAP OF KARACHI
Gaadi Khato
(& Surrounding Areas)
(ByHiro Hingorani)
Moti Mahal
Ranchor Lines
Burns Road
Taj Theatre
Israni Electricals
Sahjehan Cinema
Dufferin Hospital
N.J. School
Khaliq Dino Hall
Imperial
Id Gah
Plaza
Capital
Regal
Coffee house
To Old City
Laxmi Building
Picture House
Tram Track
Ratan Talav
New Era School
Hardevi School
Sitaram.School
Star Cinema
Irani Hotel
Krishna Kunj
Ram Baug
T.C. School
FRERE
Radio Hotel
ROAD
SADDAR
SADDAR
National Talkies
Commercial Blocks
Madrasa
K.M.C.
H.M.V.
B U N D E R R O A D
Laxmi Narayan Temple
ROAD
Swedeshi Market
Sarangati
Police Post
Hindustan Press
Sunder Sahitya
Sewahni Club
BURN S
Artillary Maidan
Paradise
High Court
ROAD
FRERE
LAMBAT MARKET
Gur Sangat
Victoria Stand
C.P.W.D.
Commercial Blocks
Temple
Sind Assembly
Marwari Area
D.J. Sind College
Arts Collage
BURN S
Museum
GARDEN
Mayfair
Residential Area
Chandu Halwai
Station
Hostel
Law College
Hindu Gym Khana
Y M.C.A
St. Patrik School
Arirahn Ghari
Tennis Courts
Principal's House
ROAD
Temple
Commercial Area
Residential Area
BOAC
Muslim Gym Khana
Gujarat Mandal
Model H. School
Catholic Colony
Sind Observer
Karachi Electric House
Karachi
Railway Station
Road
Mc' LOID ROAD
ICE Factory
Mecknon Macanse
To Clifton

MAP OF KARACHI (Gaadi Khato & Surrounding Areas)



ن کي هندو ڌرم ۾ اٽوٽ وشواس ۽ شرڌا هئي سنه 1805 ڌاري هو
پنهنجي وڏن سان ديوي هنگلاج ياترا تي ويا هئا . پنهنجي ڌرم
خاطر سانده ڏهه ٻارهان ڏينهن سيٺ هوتچند بکون ڪيون فقط
چٽن ۽ درياهه جي پاڻيءَ تي گذران ڪرڻ لڳا. موت جي پرواهه نه
ڪري بي ڊپو ٿي رهڻ لڳا. حيدرآباد ۾ مير مراد عليءَ کي مسلمانن
جي اِرادن کان آگاهه ڪيو ويو. هوڏانهن ڪڇ ۽ جيسلمير جي
راجائن ان ڳالهه تي پنهنجي ڏک جو اظهار ڪيو ته مير مراد عليءَ
ٺٽي جي نواب کي حڪم ڏياري موڪليو ته سيٺ هوتچند کي
مسلمانن جي چنبي مان آزاد ڪرائي حيدرآباد موڪلي. حيدرآباد ۾
ته سيٺ جا سوين رشتيدار هئا. سيٺ نائونمل پنهنجي پيءُ هوتچند
کي سنڌ جي مسلمانن جي چنبي کان ٻاهر ڪڍي وڃڻ جو بندوبست
ڪيو. رات جي اونداهيءَ ۾ هوتچند ويس بدلائي قليلي واهه
رستي سنڌ کان ٻاهر ڪڇ ۾ لکپت بندر پهچايو ويو. لکپت کان سيٺ
هوتچند نارائڻ سرور ياترا تي ويو. واپس اچي لکپت واري ڪوٺيءَ
جي ڪاروبار جي نظرداري ڪندو رهيو. سيٺ هوتچند سان مسلمانن
اهڙيون عقوبتون ڪيون تنهن نائونمل جي دل ۾ تلخي پيدا ڪري
ڇڏي ۽ موقعي جي تلاش ۾ هو ته ڪيئن ان ڳالهه جو مسلمانن کان
بدلو وٺان ڪجهه وقت ڪانپوءِ سيٺ نائونمل جي ملاقات انگريز
آفيسر هينري پاٽنجر سان ٿي، جڏهن هو صاحب سنڌو نديءَ ۾
تجارتي جهاز هلائڻ لاءِ اجازت وٺڻ جي سلسلي ۾ حيدرآباد آيو
هو. انگريز سرڪار کي معلوم ٿيو هو ته افغانستان جو حاڪم
دوست محمد، رشيا سان دوستي ڳنڍيي هندستان تي حملي ڪرڻ جو
منصوبو ٺاهي رهيو آهي. انگريزن جي تجويز هئي ته دوست محمد
کي لڙائيءَ ۾ شڪست ڏيئي شاه شجاع کي مدد ڪري افغانستان جو

سڄو ڪوٽ ڪيرائي وڌائون ۽ شهر ۾ ڪاهي آيا. آخر صلاح ٿيو، جنهن موجب انگريزي فوج کي بنا روڪ سنڌ مان لنگهڻ جي اجازت ملي ۽ سنڌ مان اُٺ. اَناج ۽ سيڌو گڏ ڪرڻ لاءِ پڻ ميرن اجازتنامي ڏيڻ جو واعدو ڪيو. انگريزن جي هڪ وڏي فوج بمبئيءَ کان وِڪر بندرگاهه رستي سنڌو نديءَ مان شڪارپور وڃي هئي، اتان قنڌار ۽ ڪابل ڏانهن رواني ٿيڻي هئي. سر هينري پاٽنجر ان فوج جي سموري سفر ۾ رسد ۽ آسائش جو انتظام سيٺ نائونمل جي حوالي ڪيو، خط سان گڏ هنديون به ڏياري موڪليائينس ته ضرورت مطابق متائي محڪمي لاءِ رسد مهيا ڪري. نائونمل انهن هدايتن موجب اناج ،ٻيڙيون ،اُٺ ۽ اوٺي وغيره جو جوڳو بندوبست ڪرڻ لڳو.

فرنگين جي ايڏي وڏي فوج ڏسي حڪومت جا عملدار نائونمل جي ڪوشش کي ناڪام بڻائڻ جو سٽاءُ ڪندا رهيا. اجازت ڏيڻ کانپوءِ به سنڌ جا مير رڪاوٽون پيدا ڪندا رهندا هئا ۽ دوآبي ۾ اچي سامان ناس ڪرائيندا هئا. جڏهن صورتحال نازڪ ٿيڻ لڳندي هئي ته پاٽنجر کين سندن جا واعدا ورجائيندو هون اهڙي حالت ۾ به سيٺ نائونمل انگريزن جي خاصي خدمت ڪندو رهندو هو. اِهي سڀ ڳالهيون ڏيکارن ٿيون ته سيٺ نائونمل ڪيڏو نه حوصلي وارو انسان هو.

آڪٽوبر 1842 ۾ نئين گورنر جنرل لارڊ ايلنبرو سنڌ جي سياسي سفير سرجيمس آئوترام، جو 1840 کان ان عهدي تي هئو. اُن کي ريٽي، هن جي عهدي تي سرچارلس نيپئر کي سنڌ جي معاملن جون واڳون ۽ مختلف سياسي مسئلا سلجهائڻ لاءِ سنڌ جو سياسي سفير مقرر ڪيو.

حاڪم بڻائنجي. ان ڳالھ تي انگريزن جو ڌيان سنڌو نديءَ طرف ويو جيڪا عربي سمنڊ کان ڪابل جي وچ ۾ قدرتي واھڙ ھئي. سيٺ نائونمل انگريز سياسي عملدارن جي واقفيت کي غنيمت سمجھي ۽ پنھنجي واپار ۽ تجارتي ڪاروبار کي وڌائڻ لاءِ انھن سان چڱي راهُ رسائي ڪندو رھيو. سر ھينري پاٽنجر لاڙ ۾ سنڌ جو سياسي سفير مقرر ٿيو ھو. ھن صاحب سان دوستانا تعلقات وڌائڻ جي ڪوشش ۾ ھين بہ پر وارن علاقن جڙن تہ ڪڇ، قلات، پنجاب جي سياسي عملدارن سان ھن جي دوستي ٿي ويئي. سراليگزينڊر برنس، سرجان ڪِين، سَروليم مئڪناٽن، سَر جيمس آئوٽرام، ڪئپٽن ڪاريس، فوجي آفيسر مسٽر ليڪي، ڪرنل پريڊي، انھن سڀني جي لھ وچڙ ۾ رھيو.

سيٺ نائونمل کي جڏھن ني موقعو ملندو ھو تہ پنھنجي خاص ماڻھوءَ سان سلام موڪلي تازي مکڻ سان چاڙي پرائي ۽ ڊابلي ۾ سڪو ميوو رکي نذر ڪندو ھو. سيٺ نائونمل جي تجارتي ڪاروبار ڪري مسلمانن ۽ ھروچن سان چڱي راهُ رسائي ھئي ۽ ھڪ دولتمند جي حيثيت ۾ انھن کي مالي مدد بہ ڪندو ھو. سيٺ جا گھڻن ھندن تي گماشتا ھئا. ڪيترا بلوچ تہ ھن جي وڏن کان ملازم ھئا ۽ سيٺ جي اخلاقي اثر ھيٺ ھئا. انگريزن کي بہ خبر ھئي تہ سنڌ ۾ مسلم حاڪمن جي حڪومت ھوندي بہ ملڪ جو آرٿڪ ڍانچو ھندن جي ھٿ ۾ آھي. ھينري پاٽنجر کي سيٺ نائونمل ۾ پورو اعتماد ٿي ويو ھو تہ سيٺ اسانجي ڪنھن بہ ڪم کي پوريءَ جانفشانيءَ سان نباھيندو. انگريزن جو ھڪ بحري ٻيڙو ڪراچيءَ ٿي آيو تہ منھوڙي جي قلعي کان ميرن جي مڪاني عملدارن مٿس توب ڇوڙي. موٽ ۾ انگريزن جي آڙمار اُھي توبون ڇوڙيون جو

وڏي تعداد ۾ اچي شامل ٿيا ۽ حڪومت سان وفاداريءَ جو قسم کنيائون. سيٺ نائونمل اهو بہ لکيو آهي تہ جڏهن منهنجي ملاقات مير مراد علي خان جي پٽن ميرنور محمد ۽ مير نصيرخان سان ٿي تہ هنن اُٺي منهنجي جيان ڪئي هٿ هٿ ۾ ڏنائون ۽ ويهاري چيائون تہ پيءُ جي اِنتقام جو بدلو دل کولي ورتئہ. آءُ ان وقت خاموش رهيس پر مونکي اهو يقين هو تہ بابي جي قلب کي ضرور آرام رسيو هوندو.

سيٺ هوتچند پنهنجي جلا وطني پوري ڪري وڏي شان مان سان گهر واپس آيو. ان وقت هن جي مسرتن جو پيمانو ضرور لبريز ٿي چڪو هوندو.

سنڌ ۾ انگريزن جي راج قائم ٿيڻ کانپوءِ، انگريز حڪمرانن سيٺ نائونمل جي وفاداري، قابليت ۽ مدد جو قدر ڪري کيس ۽ سندس پوين کي جاگيرن، لقبن ۽ سرڪاري نوڪرين وغيره سان نوازي موٽ ڏني. سنڌ جي انگريز آفيسر سر بارٽل فريئر سيٺ نائونمل جي وفاداريءَ جو قدر ڪري هن کي بمبئي ليجسليٽو ڪائونسل تي ميمبر ڪري ٿاڦڻ جي آڇ ڪئي، پر سيٺ نائونمل اُها قبول ڪانہ ڪئي. سيٺ نائونمل هڪ پڪو واپاري هئو ملڪي ڳالهين لاءِ سياستي ڏانوَ ڪيپي. جيڪڏهن سيٺ نائونمل سنڌ جي سياست ۾ هجي ها تہ هندن لاءِ ڪاجهہ نہ ڪاجهہ ڪري سگهي ها.

خيرپور جو مير رستم انگريزن جو خير خواهہ هو. سندس ننديي ڀاءُ مير علي مراد سان اَباڻي ملڪيت جي حصي بابت اڻبڻت هئي. هن چالبازي ڪري سر چارلس نيپئر کي پنهنجي وڏي ڀاءُ جي خلاف الزام لڳائي پڪڙايو تہ هو توهان جي سنڌ ۾ سفير ٿيڻ جي مخالفت ڪرڻ وارو آهي. سرچارلس ميرعلي مراد جي ڳالهين تي وشواس ڪري مير رستم کي اهڙو تہ ڊيڄاريو جو هو حيدرآباد ڀڄي ويو. حيدرآباد جي مير شهداد ۽ ٻين ٻروچ سردارن کي مير رستم جي ڳالهہ تي اهڙو غصو آيو جو ميرن حيدرآباد ۾ انگريزن جي مقامي سفارت خاني تي اوچتو حملو ڪيو.

ميرن جي ان اڳرائيءَ ڪري مياڻيءَ ۾ انگريزن جي ميرن سان جنگ لڳي، جنهن جو نتيجو اهو نڪتو جو مير پيش پيا. ٿورن سالن کانپوءِ جڏهن انگريزن خيرپور جي علائقن جي حد بندي ڪئي، تڏهن ظاهر ٿيو تہ مير علي مراد نهايت چالاڪي ۽ جعلسازي ڪري ڪيترا ضلعا جن تي هن جو ڪو حق ئي ڪونہ هو، پنهنجي قبضي ۾ آندا آهن. اِنهيءَ تي لارڊ ڊلهالوسيءَ ميرعلي مراد جي سموري ميراث ضبط ڪئي ۽ هن کي ڏهن سالن لاءِ جلا وطن ڪيو. ساري سنڌ سواءِ خيرپور جي، برطانيہ سلطنت ۾ شامل ڪئي ويئي. اهڙيءَ طرح ميرن جي صاحبيءَ جو خاتمو ٿيو ۽ سيٺ نائونمل جي دلي مراد پوري ٿي.

سيٺ نائونمل پنهنجي ''يادگيرين'' ۾ احوال ڏيندي لکيو آهي تہ حڪومت جي تبديليءَ وقت عام رعيت جي طرفان ڪنهن بہ قسم جي بغاوت يا هنگامو ڪونہ ٿيو. سرچارلس نيپئر جلد ئي حيدرآباد ۾ هڪ سيا ڪوٺائي، سيني وڏن زميندارن ۽ جاگيردارن کان نئين حڪومت جي عيوضيءَ جي حيثيت ۾ سلامي ورتي. سڀ زميندار ۽ جاگيردار

ني جهازن (آگبوٽن) ذريعي ٿي ٿيندو هو. ۽ مال جي اچ وڃ Export
impo بہ وڏن وڏن آگبوٽن ۾ ٿيندي هئي جو هڪ جهاز هزارين ٽن
امان کڻي سگهندو. ان ڪري بہ جو 1947 تائين هوائي جهاز
رشتو شروع ڪو نہ ٿيو هو.

ڪراچي ضلع ايراضيءَ ۾ ننڍو هوندي بہ آدمشماري ۾ باقي سيني
سلعن کان وڌيڪ هو. ضلع جي اُتر ۾ هو لس بيلو (بلوچستان) اوڀر
ي ٺٽو ڏکڻ ۽ ڏکڻ اولہ پاسي عربي سمنڊ.

آبهوا: ضلع جي آب هوا تمام موافق وڻندڙ ۽ صحت لاءِ سٺي
ئي، جو نہ گهڻي ٿڌ نہ گرمي، نہ رضاين نہ گرم ڪپڙن جي ضرورت.
اقي ساڄي سنڌ جي موسم سياري ۾ تمام ٿڌ ۽ گرمين ۾ سخت گرمي ۽
ڪوسي هوا جا جهولا. ايتري قدر جو صبح جو نوين کان شام جو
ڄاجين تائين ڪانوَ جي اک پيئي نڪاوَ ڏئي. گهرن کان نڪرڻ دشوار.
مينهن تہ اُتي مشڪل پوندو هو. سال ۾ ڪو ننڍو وڏو وسڪارو،
ـ تہ اصل بس. جُهڙ ٿئي يا وڏ ڦرو وسي تہ سڪول وغيره بند تہ
وجي گهمو ڦرو ۽ مينهن ۾ موَج مستي ڪريو.

شهر جي رٿا: پراڻو شهر، منو در، کارو در ۽ پورو اولڊ ٽائون،
ينا ڪنهن نوس ۽ طوَر طريقي ۽ بي ڊول نموني ٺهيل هو. نہ صحت
۽ صفائي، نہ رستا گهٽيون سهوليت وار-مڙيئي هڪي ٽڪي ٽي،
گهرن ۾ نہ پوري روشني، نہ اُس نہ هوا جي اچڻ وڃڻ لاءِ ڪرڪيون.
گهٽيون اهڙيون تہ سوڙهيون جو هڪ ماڻهو هڪ وقت لنگهي سگهي.
پر جيئن ئي انگريزي حڪومت شروع ٿي ۽ انهن آهستي آهستي
پنهنجا پير پختا ڪيا تہ هر هڪ سرشتي-سياسي،مالي، علمي،
پنگتي، سماجڪ، صحت ۽ واهڻ وغيره ۾ سڌار ۽ اُنتي آڻڻ شروع
ڪئي. ان ڪري جو انگريز نہ صرف ورهين کان آزاد قوم هئي ۽ هو

ڪراچي جيئن موُن ڏٺي

هيرو هنڱوراڻي

تمام ٿورا سنڌي هوندا جي ڪراچيءَ ۾ رهيا ۽ اڃان حيات آهن. خاص ڪري اُهي جي ورهاڱي وقت ڏهن سالن جا. يا اُن کان وڏا هئا (جو اُنهن کان ننڍن کي ڪراچيءَ جي يادگيري گهٽ يا پڪي نہ هوندي) مطلب تہ اُهي جي هينئر ستر سالن جا يا اُن کان وڌيڪ عمر جا، جن جي صحت ۽ يادداشت پوري سالم آهي. اُهي آڱرين تي ڳڻڻ جهڙا بہ مس هوندا. اُنهن ۾ مان، هڪڙو ضرور آهيان جو ٨٥ سالن جو هوندي بہ، ڀڳوان جي مهر ڪري، اڃان بہ چُست، ڦُرت ۽ سئين ڪنڌي آهيان ۽ جيئن تہ ورهاڱي وقت مان ٢١ سالن جو ڀيرو جوان هوس ۽ اِهي پورا ٢١ سال مون ڪراچيءَ ۾ ئي گذاريا، اِن ڪري ڪراچيءَ جي هر هڪ ڪنڊُ ڪڙڇ، گهٽيون ۽ رستا محل ۽ ماڙيون مندر مڙهيون، سنيمائون ٿئيٽر ۽ حال، ڌرمشالائون، اِسپتالون، تعليمي سڪول ۽ ڪاليج، باغ بوُستان، چڙيا گهر ۽ ميوزم، سيرُ گهمڻ گهتڻ ۽ سير سپاٽي جا استان، هر قسم جا واهڻ، سياسي، فلمي، مالي، عملي، پنگتي ۽ سماجڪ حالتون، ڪئٽ اِنڊيا موومينٽ، گيت سنگيت، هندو مسلم رشتا، ٻي مهاڀاري ورلڊ وار، رومانس ۽ پيار، صفائي ۽ صحت، ڏوهہ گناهہ ۽ سنڌين جو سڀاءُ، هلت چلت، کاڌو پيتو، پهراڻ ۽ فئشن وغيرہ وغيرہ. مطلب تہ هر پهلو، مونکي سڀ ڪجهہ صاف، چٽو ۽ پڪو ياد آهي.

جاگرافي: ڪراچي نہ رڳو هڪ وڏو ۽ ڦهليل ضلع هو پر سنڌ جو هڪ ئي زبردست وڻج واپار، ڪاروباري مرڪز ۽ سمنڊري بندر هو. خاص ان ڪري جو هندستان کان ٻين ملڪن ۾ اچڻ وڃڻ، پاڻيءَ

اُن کان پوءِ پهريون قدم هو شهر جي ميونسپالٽي، جا بندر روڊ تي
امرشاهي ڇهه ماڙا بلڊنگ، نئين آرڪيٽيڪچر ۽ ڊرائين سان ٺاهي
يئي، 1935 ۾ صحت ۽ صفائي اهڙي جو نه مٽي، نه گند، نه پاڻي جا
، نه ڪڏا کوٻا. ان ڪري پردوشن ۽ مڇر به نا موءجود. اهو پتو تڏهن
بو جڏهن ورهاڱي کان پوءِ اسان ڀارت جا ٻيا شهر جهڙوڪ بامبي،
هلي، لکنو، ڪلڪتو، احمدآباد وغيره ڏٺا، جتي گندگي مڇر ٽڪر
ڪر تي جُهگيون جهوپڙيون، گندا نالا ۽ ماٺهو.

شهر جي رٿا: انگريزن سنڌ 1843 ۾ فتح ڪئي. خيرپورميرس
ي ڇڏي باقي سڄي سنڌ سندن هٿ هيٺ هئي. 25-30 سالن ۾ ئي
نگريزن هر وڏي ۽ ننڍي شهر کي بدليو ۽ بهتر ڪيو جو اُتي
يونسپالٽيون، لوڪل بورڊ ۽ خاص ڪاميٽيون ٺاهي هر پهلوءَ ۾
سدارا آندا.

ڪراچي بندر، سنڌ جي ڏکڻ ۾، عربي سمنڊ جي لڳه هو ۽ اتان هي
تر طرف وڌندو رهيو. شروعات تي ڪياماڙي بندر کان جتان 100
فوٽ ويڪرو پڪو ڏامر جو رستو، ٽرام جي پٽي سان، ڇهه ميل
ستو ئي سڌو، بندر روڊ جي نالي سان وڃي ڪراچي ڪينٽونمينٽ
تي ختم ٿي ٿيو.

ڪياماڙي کان اڳتي هلندي پراڻو شهر، ميري ويدر ٽاور، لڪشمي
ڪامرشل بلڊنگ (اٺ ماڙ جي جنهن جي ڪُڏ تي 12 فوٽ اوچو
لڪشميءِ جو بتُ، ڪنول جي گل ۾ ٺهيل هو.) اُن کان اڳيان ٻنهي
پاسي وڏيون آفيسون، ڪمپنيون ۽ ڌنڌي ڌاريءَ جهڙوڪ ڪپڙو،
ڪاغذ، ڪيمائي، صابڻ، فرنيچر، سڪوميوو، شيشا، بلڊنگ مٽريل
وغيره جا ٿوڪ جا وڏا دڪان ۽ گُدام وغيره هئا.

بندر روڊ تي ٻيا شاهي مقام هئا ڪراچي ميونسپل K.M.C

هر سرشتي ۾ قانوني علم، وديا، حڪمت، وگيان ۽ سائنٽيفڪ طريقن ۾ ڀارت کان سوين سال اڳتي ۽ پر هئا. هو تمام پڙهيل، سڌريل صفائيءَ قاعدي، انتظام جا ڪوڏيا هئا. خاص ڪري پوليس، C.I.D ۽ ملٽري سرشتن ۾ ته زبردست ظابطو ۽ ڪنٽرول هون. انڪري ته پوري دنيا، لڳ ڀڳ نه صرف فتح ڪيائون پر پوري صفائي سُٺائي ۽ انتظام سان هلايائون.مان ته سمجهان ٿو ته جي انگريزي حڪومت اجا به 100 سال هجي ها، ته نه صرف هو اسان لاءِ گهڻو ڪجهه ڪن ها پر اسين به انهن مان گهڻوڪجهه سکون ۽ پرايون ها!

هنن اچڻ سان ئي Town Planning شروع ڪئي. پهرين شهر جي هر ايراضيءَ جا خاڪا ۽ نقشا تيار ڪيا ۽ پوءِ هر پرڪار جي گُهرجن-واهڻ، رستا، گهٽيون، هوا، مينهن، اُس ۽ روشنيءَ جو ضرورتون، رهڻ لاءِ جايون (هرهڪ طبقي لاءِ) وڻج واپار لاءِ وڏيون جايون ۽ گودام، تعليم لاءِ اسڪول ۽ ڪاليج-صحت لاءِ اسپتالون، ملٽريءَ لاءِ بئرڪس، ٽرينگ ۽ پرئڪٽس لاءِ کليل Grounds، (ان ڪري هر وڏي شهر ۾ ڪئنٽونمينٽ هئي). باغ ۽ پارڪ، مارڪيٽ سمندري بندر (ڪياماڙي) ۽ ايروڊروم (ڊرگ روڊ)، ٽرئنسپورٽ لاءِ ڪشادا ۽ کليل رستا ۽ واهڻ-بس، ٽرام، وڪٽوريا، ٽئڪسي ۽ پيڙيون وغيره ۽ منورجن لاءِ سنيمائون، ڊراما حال، ميوزم ۽ چريا گهر وغيره.

هر هڪ سرشتي لاءِ الڳ کاتوDepartment آفيسر ۽ سٽاف جي بلڪل ايمانداري ۽ نيڪ طريقي سان ڪاروبار هلائيندا هئا. اهڙو نيڪ ۽ طريقي سان جو ڪڏهن به ڪنهن کي ڪا خاص شڪايت نه ٿيندي هئي.

سڀ کان اول هنن شهرن جي رٿا سائنس ۽ وگيان سان سوچي ۽ سمجهي شروع ڪئي. ان ڪري مٿيان سڀ سرشتا به گهرجن موجب، ٺيڪ ايراضين ۾ نهڪي ويا.

وري گاڏيون بيٺيون رهنديون هيون. ڪراچيءَ ۾ ٽانگا يا رڪسيا ڪو
هئا. موٽر ڪارس بہ تمام ٿوريون ۽ ڳاڻ ڳٽيون. گر سنگت جي ٻئي
سي ·ينعيڙ (پنجورستو) اڌ ڪلوميٽر ڪن وڃي برنس روڊ ۾ پوندو
.

ڇهون رستو ٿلهي جي پاسي پوليس ٽاڻي سرناگتي بلڊنگ کان
روع ٿي، ڪرشنا ڪنج هاسٽل، ايراني هوٽل، ٽي.ڊي راني ٽيلرس
ن ٿيندو بندر روڊ ۽ ٽرام جو پٽو ڪراس ڪري (ڪنڊ تي مشهور
Allies Sto ڪتابن ۽ اسٽيشنري جو هڪ هي مشهور دڪان، اين
ي هاءِ اسڪول جو (1947 ۾ M.B.B.S ڪاليج ڪيو ويو) کان پوءِ
بي ڊفرن هاسپيٽل ۽ موتي محل سنيما تي وڃي ختم ٿيو

انهن ڇهن رستن، جتي ڪاليج، اسڪول، اسپتالون، ڏنداڏاري
يسون ۽ خانگي گهر هئا (جي 1940 تائين نهيل هئا). خاص طور
ڏي ڪاتو چوندا هئا.

نئشنل ٽاڪيز کان پوءِ بندر روڊ تي هلندي ڏائي پاسي هئي وڏي
ڪشمي ولاس ريسٽارنٽ. شاهي حال سان جنهن ۾ 100 ماڻهو هڪ
قت ويهي سگهن، گجراتي گانٺيا، ڍوڪلا، پوريون ، پڪورا ۽ چانه
روقت ملندي هئي. اُن سان لڳو لڳ هو پڪچر هائوس سنيما. اڳتي
ئا اين جي هاءِ اسڪول ۽ خالقڏنو حال ۽ بہ سنيمائون ڏائي کان
پيريل ٽاڪيز ۽ ساڄي کان سٽار سنيما (جا پوءِ رنجيت سٽوڊيوز
مبئي وارن خريد ڪري نالو بہ رنجيت ٽاڪيز رکيو).

بندر روڊ جي ساڄي ڏانهن ڦرڻ کان اڳ ۾ ٽرام جي پٽن جي ٻنهي
اسي هئا منسک ايسراٽي اديوگپتيءَ جو وڏو شاپ ايسٽرن
ليڪٽرڪس ۽ ڏائي پاسي پلازا سنيما جتي انگلش فلمس هلنديون
يون. اُن جي پٺيان هئي ٻي انگلش سنيما ڪئپيٽال. ساڄي کان ڦرندي

ڪارپوريشن جي شاندار معماري عمارت سامهون هو. (اڃان بہ آهي) مشهور لڪشمي نارائڻ مندر.

ميونسپالٽي آفيس کان پوءِ وڏو کليل نالو، مينهن جي پاڻيءَ جي نيڪال لاءِ. اُن سان لڳو لڳ نئشنل ٽاڪيز ۽ اُن جي سامهون رستو ويو ٿي سنڌو ڪاليج گرائونڊ کان ساڄي مُڙي، لورس برج (Lovers bridge) ڪراس ڪري وڃي ڪلفٽن تي ختم ٿيو.

انهي روڊ جي وچ تي هو لامبٽ مارڪيٽ جتي ڀاڄيون، ميوا ۽ گوشت ماڇي وغيره وڪڻبا هئا. جيئن تہ هيءُ مارڪيٽ سٺ سال پراڻو هو ان ڪري اُهو 1940 ڌاري ڊاهي پٽ ڪيائون ۽ هڪڙو شاهي بيضي جي شڪل جو ٿلهو ٺاهيائون، جو هو 6 رستن جو سينٽر. هڪ ويو ٿي نئشنل ٽاڪيز ڏانهن، ٻيو اڙرهان گهري ۽ پنجابي، چندو حلوائي جي دڪان کان ٿيندو سڌو مئڪلاڊ روڊ ۾ پئي ساڄي مُڙي ڪراچي سٽيشن ڏي هو، جتي ڪاٽن ايڪسچيج، مئڪنان مئڪنيزي ۽ سنڌ آبزرور (سنڌ جي هڪڙي ئي انگلش ڊيلي) جي آفيس. ٽيون ڊي.جي سنڌ ڪاليج جي اعليٰ عمارت ۽ هاسٽل، ٽينس ڪورٽس کي ڇهندو، برنس گارڊن، شهاڻي لا ڪاليج کان پوءِ اليڪٽرڪ پاور هائوس، برف ڪارخانو پار ڪري، هندو ۽ مسلم جم خانا کان پوءِ لالجي مهروترا (وڏو ڪانگريس ڪاريہ ڪرتا) جي 3 ماڙين واري ڪوٺيءَ تي پورو ٿي ٿيو.

چوٿون رستو گُر سنگت ۽ ڪاليج جي پٺئين پاسي جتي انجنيرنگ انسٽيٽيوٽ بہ هئي، ۽ آرٽس ڪاليج کان اڳيان، برنس گارڊن سان لڳو لڳ هلندو وڃي هندو جمخانا ۽ سينٽ پئٽرڪ ڪانوينٽ سڪول کان ٿيندو وڃي صدر ۾ پوندو هو.

گُر سنگت، K.M.C جو وڪتوريا گاڏين جو اسٽئنڊ هو جتي ان ڏه

سچي بندر روڊ تي، جو 100 فوٽ ويڪرو هو، ترام هلندي هئي-ترام هڪ سستي ۽ تيز واهڻ هئي. ٻنهي پاسن کان ڪليل ۽ ٽڪيٽ صرف ٽڪو ۽ آنو (هڪ رپئي ۾ 32 ٽڪا يا 16 آنا هئا) ٽڪريءَ تي سنڌ جي وڏن سيٺين، زميندارن ۽ شاهوڪارن جا خاص ناهيل بنگلا هئا. ١٩٤٠ ڌاري بس به شروع ٿي جا پراڻي شهر کان هلندي وڃي ٽڪريءَ تي پوري ٿيندي هئي.

تعليمي ڪيتر - ڪراچيءَ ۾ وديا پرائڻ ۽ پڙهڻ لاءِ تمام سٺيون ۽ صفت واريون سهوليتون هيون. ٻاراڻا سڪول (يعني پهرئين کان ۴ سنڌيءَ ٿائين) ڳاڏي ڪاتي ۾ هئا. هڪڙو ڳُر سنگت جي پنيان، ٻيو ميونسپل جو T.C. سڪول، رام باغ جي اُتر پاسي، ٻيا ڪي صدر ۽ ملي ۽ ڪاري در وٽ.

هاءِ اسڪول يعني انگريزي ۾ (پهرئين کان ستين يعني مئٽرڪ تائين) چڱا خاصا هئا. رتن تلاءِ تي پريمئير هاءِ اسڪول، (پرنسيپال شري آسودومل ڪيولراماڻي)، N.J. هاءِ اسڪول (خالق ڏني حال سان لڳو لڳ) جيڪو پوءِ ١٩٤٦ ۾ ميڊيڪل ڪاليج ناهيو ويو ۽ شهاڻي ماڊل هاءِ اسڪول. صدر ۾ St . Patrick هڪڙو ئي ڪانوينٽ اسڪول هو (جتي اسانجو اڳيون ڊپٽي پرڌان منتري شري رامڪرشن آڏواڻي پڙهيو).

(ڇوڪرين لاءِ هئا نيو ايرا، انڊين گرلس هاءِ اسڪول ۽ سيتارام ۽ هرديوي اسڪول.

ڪاليج ۽ يونيورسٽي :-سنڌ ۾ پهريون ڪاليج شري ديارام ڇيتمل جي اڻ ٿڪ ڪوشش ۽ محنت سان ١٩٢٠ ڌاري ڪراچيءَ جي ڳاڏي ڪاتي ۾ نهيل آهي. ميٽائي رنگ جي گوٿڪ آرڪيٽيڪچر ۽ رومن ڊزائين جي ٿنين ۽ ٢٥ ڏاڪن واري ڏاڪڻ سان تڏهن هڪ ئي دل

بندر روڊ وچي ڪراچي ڪئنٽونمينٽ ۾ پورو ٿيو.

ڪراچي اليڪٽرڪ هائوس وارو رستو اڳيان وڃنڌي، ڪاليج گرائونڊ پار ڪري ساڄي ڏي مُڙي، لورس برج پار ڪري وڃي ڪلفٽن تي پورو ٿي ٿيو.

ڪلفٽن جهڙو مئيلن ۾ ڦهليل، تمام صاف ۽ پوري رنگ جي واريءَ تي چور ڪندي چولين سان ساگر ڪنارو، پارٽ ۾ ٻئي هنڌ ڪو نہ آهي

آرتوار ڏينهن يا موڪلن ۾ ماڻهو خاص اٺ گاڏين ۾ چڙهي اتي ساڄو ڏينهن پڪنڪ ڪندا هئا . شام جو شاهوڪار فئمليون موٽرن ۾ ۽ وڪٽوريا گاڏين ۾ ڪليل ۽ صاف واتاورڻ ۾ هواخوري ۽ ڇهڙ ٻهر لاءِ ايندا هئا!

(پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ تہ هينئر ساڄو ڪلفٽن شاهي بنگلن، ماڙين ۽ سوسائٽين سان سٽاڄي ويو آهي)

فريئر روڊ برنس روڊ لتاري آرٽلري ميدان، چار خاص رستا (جتي ۱۹۴۰ کان پوءِ چئن ماڙين ۽ ڏهن فليٽس، بالڪنين سان ، هڪ ئي قسم جون نهيل بلڊنگس، لڳو لڳ چئني رستن تي نهيل هيون) ۽ هاءِ ڪورٽ جي شاندار عمارت ۽ نئون ڪليل انڊيا ڪافي هائوس لتاري ساڄي ڏانهن مُڙي وڃي صدر جو هڪ ميل ڊگهو، ٻنهي پاسي وڏا وڏا ڪامرشل ۽ بزنيس سينٽر مان گذرندو وڃي فريئر حال تي ختم ٿيو.

فريئر حال هڪ تمام معماري ۽ گوٿڪ آرڪيٽيڪچر ۽ سٽائيل ۾ نهيل حال هو. چوڌاري پارڪ ۽ گهاٽا وڏا وڻ ۽ ۽ سائي گاہ جا لانس هئڻ ڪري سير سپاٽي لاءِ ڪافي ماڻهو ويندا هئا.

بندر روڊ ڪياماڙي کان شروع ٿي وڃي ٽڪريءَ (بندر روڊ ايڪسٽينشن) تي ختم ٿي ٿيو.

عامل. ننديا فراڪ، باب هيئر (وار) ۽ فُل ميڪ اپ ١٩٤٢ ڌاري پنجابي ڊريس جو فئشن شروع ٿيو.

ڪاڌي جا شونقين، نيرن تي مکڻ ڦلڪو، سيون پٽاٽا، پيهيون، منو لولو، پرانو ۽ بيدو وغير، منجهند ۽ رات جو الڳہ الڳہ ڀاڄيون خاص ڪري سائي ڀاڄي، توريون، دال پينڊيون، بيهہ پٽاٽا سئيل ۽ چانور دال پيا، ڀڳل يا سُرهجيري سان ترڪو ڏنل. ان کان سواءِ گوشت، مڇيون جهينگا جيرانڊي، ڪيمو ۽ مغز وغيره. سنڌي ويشنو تمام ٿورا هئا.

هلت چلت ۾ سونهارا، شاندار، فراغ دل ۽ فضيلت وارا هئا. نہ جهڳڙو نہ لڙائي. هندو مسلم فساد بہ بلڪل نہ جي برابر. روشن ڏؤل ۾ وٽندڙ ۽ ڳالهائڻ ۽ سياءُ ۾ شانت. شڪارپوري ۽ نارو شاهہ وارا تہ شروع ڪن 'دلبر' منا، سُهڻا، پيارا ۽ 'جاني' جهڙن اکرن سان.

سڀ کان وڏي ڳالهہ تہ سنڌين ۾ ڻي ذات پات بلڪل ڪو نہ هئي .

سنڌي ڌرمي خيالن جا هئا ۽ گهڻو ڪري گرونانڪ کي مڃيندڙ هئا. ان ڪري گُرمکي ڪيترين زالن کي ايندي هئي ۽ اُهي ٽڪاڻي ۾ گرو گرنٿ صاحب پڙهنديون ۽ گهرن ۾ 'وچن' بہ ڪنديون هيون. باقي گهرن ۾ خير ڪو گرنٿ يا گرن جا فوٽا وغيره رکندا هئا.

ڀارت ۾ اچي تہ سنڌين سيني کي شرڊي سائين بابا، وئشنو ديوي، گڻيش، ڪرشن، شِو، جهوليلال، سڌي ونايڪ، ستيہ سائين بابا، تروپتي بالاجي، درگا ۽ ڪالي ما وغيره وغيره کي پوڄڻ شروع ڪيو آهي.

دان پُڄ ۽ پر اُپڪار :- سنڌي دان ۽ پر اُپڪار ۾ سڀ کان اڳرا هئا ۽ هينئر بہ آهن اسپتالون، ٽڪاڻا ۽ مندر، ڌرمشالائون، ۽ تعليمي ڪيترن لاءِ دل کولي پئسا ڏيندا هئا. نياڻين جي ڪارجن ۽

چڪيندر عمارت هئي ۽ ڊي.جي سنڌ ڪاليج جي نالي سان پرسڌ هو، جتي آرٽس ۽ سائنس ۾ گرئجوئيشن ڪري سگهبي هئي. پٺواري ۾ انجنرينگ ۾ ڊپلوما جو ڪورس به شروع ٿيو.

١٩٢٥ ڌاري برنس روڊ ڪراس ڪري آرٽس ڪاليج نئين بلڊنگ ۾ الڳ هلايو ويو. پوءِ جلد ئي برنس گارڊن جي ڪنڊ وٽ شهاڻي لا ڪاليج به کليو.

بندر روڊ جي N.J. هاءِ اسڪول کي ميڊيڪل ڪاليج ۾ تبديل ڪيو ويو.

سڄي سنڌ ۽ سڄي گجرات بامبئي يونيورسٽي جي هٿ هيٺ هيون. ١٩٢٥ ۾ جڏهن سنڌ بامبئي کان الڳ ٿي ته الڳ يونيورسٽيءَ لاءِ ڪوشش ڪرڻ تي ١٩٤٦ ۾ سنڌ يونيورسٽي شروع ٿي.

پوشاڪ، کاڌو ۽ هلت چلت :- ڪراچي پوري سنڌ جي ماڻهن سان ڀريل هئي خاص ڪري شڪارپور، سکر، لاڙڪاڻو، نوابشاه، ۽ حيدراباد مان ، چاڪاڻ سرڪاري ۽ خانگي نوڪريون گهٽيون هيون ۽ تجارت ۽ واپار به سڄو ڪراچيءَ ۾ ٿيندو هو. ان ڪري گهڻو تڻو رهندڙ ماڇيءَ مانيءَ وارا هئا.

ان کان سواءِ گجراتي ۽ ڪڇي گهٽي تعداد ۾ هئا ۽ ڪجهه ڪجهه مارواڙي، يو.پي، بهاري، نيپالي ۽ مڪراني به هئا.

سنڌي شان مان وارا ۽ دل کليل ميزبان هئا. هر ڳالهه ۾ شوقين ڪپڙو، کاڌو، گهمڻ ڦرڻ فيشن وغيره.

نوڪرين وارا انگريزي لباس-پئنٽ، خميس، ڪوٽ، نيڪ ٽاءِ ۽ بوٽ. ڪاليجي جوان اڇي شرٽ پينٽ. زالون ساڙهي، ڪنواريون ڇوڪريون خوب نٽ شٽ ڪنديون هيون خاص ڪري حيدرآبادي

ڪانگريس ليڊر :- ائين تہ سڄي سنڌ ۾ ڪانگريس جا
ڪم ڪندڙ الاهي هئا. ڪراچيءَ ڪيتر جا هئا-سرو شري جيرامداس
دولت رام، چوئٿ رام گدوائڻي، آچاريہ ڪرپالاڻي، پروفيسر
گهنشيام، ڇيتمل پرسرام، لالچي مهروترا، ڄيٺي سپاهملاڻي ۽ منگهارام
ٽڏاڻي، وڏا ليڊر جي ڪراچيءَ آيا، مهاتما گانڌي، جواهر لال نهرو،
سردار پٽيل ۽ ارڻنا آسف علي ۽ سباش چندر بوس.

H.M.V. جا رڪارڊ :- گرئموفون رڪارڊن جي وڏي ڪمپني
هئي. H.M.V يعنيٰ هز ماسٽرس وائس' ۽ سنڌي ڳائيندڙ هئا ڀڳت ڪنوررام
صاحب، ماسٽر چندر، جيوٽي ٻائي ۽ ڀڳت موتڻ.

سنيما، ٿيئٽر ۽ حال :- منورنڄن لاءِ اُتي سڀ کان اول نمبر ۾
عام ڪي وٽندڙ هئي سنيما. خاص ڪري ١٩٢٢ کان جڏهن 'بولتي' فلمن
جو نرماڻ ٿيو. هندي ٿيئٽر هئا. نئشنل ٽاڪيز پڪچر هائوس، امپيريل،
سٽار ۽ موتي محل سنيما، انگلش لاءِ پلازا، ڪئپٽال ۽ پئليس ٿيئٽر.
١٩٤٤ ٻيا بہ ٿيئٽر ٺهيا پريات، راما ۽ بسنت ٽاڪيز (اولڊ ٽائون) ۽ تاج
محل ۽ شاه جهان بندر روڊ تي. پئراڊائيز پرن A-C ٿيئٽر ٺهيو انگلش
فلمس لاءِ. ۽ هڪ ئي اوپن ايئر حال ٺهيو May Fair.

خاص حال هئا- خالق ڏنو حال، فريئر ۽ ڊينسو حال-جتي ڇڻ ڇہ
ماهي ڪي ڊراما ٿيندا هئا. خالق ڏنو حال تہ سياستي ميٽنگس لاءِ ئي
هو. پريات گاجراتي ٿيئٽر هو جتي مراٺي ۽ هندي ناٽڪ بہ ٿيندا هئا پر
فلمن جي اچڻ سان بند ٿي ويو ۽ پوءِ ڪولهاپور جي پريات اسٽوڊيو
وارن خريد ڪري پريات سنيما ۾ تبديل ڪيو.

ڏوه فساد گناه :- ڪراچي سنڌ جو شاهي ۽ شاهوڪار
مرڪز هوندي بہ شانت شهر هو. ڌرم مذهب جو فساد ڪو ايڪر
ٻيڪر، چوريون، خون، بلاتڪار نہ جي برابر. ١٩٤٧ تائين جيڪي

غريب غربن کان سواءِ انڊين نئشنل ڪانگريس کي بہ وڏي مدد ڪندا هئا. مردن کانسواءِ زالون بہ جڏهن مهاتما گانڌي يا نهرو جي ميٽنگن ۾ وينديون هيون تہ چورا ڦليون (سونيون) اُتيئي لاهي ڏينديون هيون.

چنڊ ڏينهن ڀراٽا :- هر مهني چنڊ تي سنڌي جوان چنڊ جو ڀراٽو مٿي تي کڻي نڪرندا هئا اٺ ڏه جوان، اڇي ڪرتي، ۽ ڌوتي ۽ ٽوپي سان بہ بہ لڪريون کڻي جا ڏڪر جي تال تي چيڄ ڪندا هئا سا ڏسڻ وٽان هئي. پوءِ هٽ پرسادي ورهائيندا هئا.

رام پنجواڻي جي چوُنڪي :- رام پنجواڻي آرٽس ڪاليج ۾ سنڌيءَ جو پروفيسر هو. ڳالهائڻ ۾ چتر، سنڌيءَ ۾ قابل، عقل ۾ تيز فهم، شڪل ۽ بيهڪ ۾ ٺاهوڪو هميشه سفيد بش شرٽ ۽ پينٽ ۾ ملبوس، هڪ دل ڇڪيندڙ شخصيت هو. گلي ۾ رس ۽ صوفي ڪلامن تي ماهريت ڪري محفلن ۾ خوب رنگ جمائيندو هو. پاڙهيندو بہ شاه جا ڪلام پنهنجي ڊؤل ۾ ڳائي. ڪراچيءَ ۾ هُن آرٽلري ميدان جي روڊ نمبر چوٿين تي هڪ ننڍو فلئٽ ۾ هر جمع تي ۱۹۴۴ کان صوفياڻي چوئنڪي شروع ڪئي. جتي متڪو وڄائيندو هو محمد تيلر. نون نون ڳائيندڙن کي همٿائيندو هو. اِها چونڪي ورهاڱي کان پوءِ مهيم ۾ بہ آخر تائين هلايائين.

اخبارون ۽ ڪتاب :- ڪراچيءَ ۾ روزانيون بہ اخبارون انگريزيءَ ۾ بہ سنڌيءَ ۾ ڇپبيون هيون.

Karachi Daily , Sind observer ۽ هندو ۽ سنسار سماچار.

ڪهاڻين جا ڪتاب سندر ساهتيہ ڪتاب گهر پاران شري ميلارام منگترام ڇپائيندو هو گهڻو ڪري ترجما مهان ليکڪن جهڙوڪ پريمچند، ٽئگور ۽ سرت چندر جا.

(هنن جو پيار ۱۴ سال هليو) رامچندر وانگر ساوتريءَ بہ ۱۴ سال پوڳيو
پر انتظار جو ڦل متو مليس!

وڏا ڏينهن ۽ ڏڻ :- سڄي ديش وانگر ڏياري، دسهرو، هولي ۽ شوراتري زور شور سان ملهائيندا هئا. دسهري تي ۲۰ فوٽ ڊگهو ڪارو راوڻ، ڦٽاڪن سان سٽيل،رام باغ ۾ جلايو ويندو هو. ڏياري تي شڪارپور ۽ ڪپڙا بزارين ۾ هزارين بتين جي جهر مر، لائوڊ اسپيڪرس تي گانا ۽ هلندر چلندر کلونا سڄي شهر کي ڇڪي آڻيندا هئا. يوپيءَ جا ڀئيا رام ليلا پڻ ڪندا هئا. هوليءَ تي رنگ ۽ گلال ۽ گيهر. شوراتريءَ جا ميلا منهوڙي ۽ ڪلفٽن ۽ شو جي مندرن ۾ لڳندا هئا.

ٺوري ۾ تہ ڪراچيءَ جهڙو شهر سنڌين کي دنيا ڀر ۾ مشڪل ملندو. رٿا موجب ٺاهيل وڏا رستا، کليل ميدان باغ ۽ ساوڪ، پاڻي ۽ بجلي ۲۴ ڪلاڪ،ننڍو شهر هوندي بہ ٽرام، بس ۽ وڪٽوريا گاڏين جون سهولتيون، تعليمي سنسٿائون ۽ سرشتو اوچ ڪوٽيءَ جا. نہ رشوت نہ پردوشن نہ جهڳڙو ، نہ مڇر مکيون ۽ بيماريون ۽ آب هوا موافق ۽ فرحتي!

سڀ ڪان وڌيڪ تہ سنڌي ماڻهو شانائتا، شونقين ۽ شانت. هر ڪم، ڌنڌي ۽ ڪاروبار ۽ نوڪرين ۾ اُستاد ۽ پربيڻ.

تڏهن تہ ورهاڱي جي راڱن ڪري هڪ وکي ۾ ڀارت ۾ اچي، ڪئمپن ۾ رهي بہ وري اٿيا ۽ اهڙو تہ اُڀريا جو دنيا ڀر ۾، هر ديش ۾ پنهنجي فتحيابيءَ جو جهنڊو بلند ڪيو اٿائون !

ممبئي 9-9-2010

Mob. 9833147761 هيرو هنگوراڻي

وڏا ڏوهن جا ڪيس هليا سي هئا.

١. حُرن جو لاهور ميل کي ڪيرائي ماڻهن کي مارڻ ۽ لٽڻ- مسلمانن جي پير پاڳاري جي حرڪت.

٢. آنند-اباسي خون- ڊاڪٽر اباسي جو سهڻي جوان آنند سان اجوڳہ رستو هو. اباسيءَ جي خوبصورت پيڻ زينا جو پيار آنند سان ٿيو تہ عباسيءَ آنند کي زهر ڏيئي ماريو ۽ ڏيکاريو تہ ڪار ائڪسيڊنٽ ۾ موئت ٿيل آهي. پر پڪڙجي پيو.

٣. خوجا ريپ ڪيس- ڪاري در تي خوجو هڪ تمام شاهوڪار اُديوگپتي هو پر هڪ سنڌي نينگر ٧ سالن جي جا سندس وٽ پاٺي پيڻڻ لاءِ ويئي تہ انُجو بلاتڪار ڪيائين.

٤. مولو ميرچنداڻي- زال جي هتيا-مولي تازو شادي ڪري زال کي ٥٠ هزارن جو ويمو ڪرائي ڪلفٽن پاسي وڏيءَ ٽڪريءَ تان ڌڪو ڏنو ۽ هوءَ مري ويئي.

مٿيان ٤ ڪيس اجا ڪورٽن ۾ هئا جو ورهاڱو ٿيو.

پيار ۽ شاديون :- ائين تہ ڇوڪرن ڇوڪرين لاءِ ڪراچيءَ جو واتاورڻ ڪليل ۽ آزاد هو. ڪاليجن ۾ Co-education هئي سنيما فلمون عام جام ڏسبيون هيون. تہ بہ پيار جون شاديون يا سلسلا تمام گهٽ ٿيا.

پهريون لوَ مئيريا‎ج هئي ريوو پوڇواڻي ۽ وديا جي، مرچو پوڇواڻي ۽ رڪي، ڪاليج ۾ ليڪچرار واسواڻي ۽ مس آڏواڻي (ليڪچرار باڻلاجي)

١٩٤٥ ۾ تلسيو واڌوا ۽ سرلا ڇيتملاڻي. گُل ڪرپالاڻيءَ جي الاه بخش سومري سان. ساوتري پريم چنداڻي جي نول ڪرناڻيءَ سان

وشال ڀارت واري سنڌين جي سنڌ

جنهن سنڌ کي اسين سنڌي ياد ڪندا ٿا رهون، سا وشال ڀارت واري سنڌين جي سنڌ هئي. سال جا ٻارهان ئي مهنا سنڌو پاڻيءَ سان ٽمٽار، پرجوش سان سنڌ مان لنگهي وڃي سنڌو ساگر سان ملندي هئي ۽ پنهنجي نرمل جل سان سنڌ کي سبز ۽ آباد ڪندي هوا ۾ سڳنڌ ڦهلائي ويندي هئي. تڏهن ته سنڌ جو اناج ۽ سنڌ جا ميوا خاص آهن. قدرت سنڌ کي چشما، ڍنڍون ۽ نهرون ڏيئي سينگاري رکيو آهي. سنڌي ماڻهو جهوليلال ورڻ ديوتا درياهه شاهه جا پوڄاري، سنڌو سڀيتا جا وارث، ڏڻ وار رچائي خوشيون ملهائيندا محنت ڪري جيون ۾ خوشحالي آڻيندا ۽ دور دراز ديشن ۾ وڃي مال ۽ ملڪيت آڻي پاڻ ۽ سنڌ جا شهر پيا سنواريندا هئا. سنڌ ۽ هند جي ماڻهن جو زميني سنٻنڌ ته ساڳيو آهي باقي ملڪي ۽ سياسي حدون ۽ سرحدون سمي سمي پيئون بدلجنديون رهنديون. اسان سڀني کي گهرجي ته ڪوشش ڪري سنڌيءَ ۾ ڳالهايون، خاص ڪري گهر ۾ ڙالن کي سنڌيءَ ۾ ئي ڳالهائڻ کپي. جيڪو سنڌي لکي پڙهي نٿو ڄاڻي پاڻ کي سنڌي ادب کان محروم ٿو رکي ۽ جيڪو سنڌيءَ ۾ نٿو ڳالهائي سو سنڌي سماج کان الڳ ڌار ٿيندو ٿو رهي. جيڪڏهن سنڌين پنهنجي سڀيتا ۽ اباڻي ٻولي وساري ڇڏي ته باقي ٻيون ڳالهيون شان شوڪت جو ڪو مطلب نه رهندو. اسان جا سنڌي نوجوان جن سنڌ ته ڏٺي ناهي پر سندن سنڌ جي سموري ڄاڻ انهن کي هجي ۽ پنهنجي اباڻي وطن سنڌ ديش جيڪو

Beautiful -Sweet & Lovable mother Land of Sindhis.

ڪري ڪوٺيو ويندو آهي. تنهن کي ڪين وسارين. سنڌي سنسڪرتي ساهتيه جي ڄاڻ سان نوجوانن ۾ سنڌيت لاءِ عزت پيدا ٿيندي. سنڌي ٻولي ڳالهائڻ ۾ فخر ۽ پنهنجاپ محسوس ڪندا.

ڀاڱو ٽيون :

سنڌو نديءَ لکپت بندر (ڪڇ)

اَڍائي سَوَ سال اڳ سنڌو ندي ڪڇ مان لنگھي لکپت پرسان ساگر ۾ ڇوڙ ڪندي هئي.

ٻيڙين رستي آمدرفت ۽ واپار ٿيندو هئو سن ١٧٦٢ ۾ سنڌ جي حاڪم غلام شاه ڪلهوڙي ڪڇ مٿان حملو ڪيو جهارا ۾ ڀينڪر جنگ لڳي ۽ ڪلهوڙن جي هار ٿي ته ساڙ وچان ڪلهوڙن سنڌ ۾ ارڙ بند جوڙائي ڪڇ طرف سنڌو نديءَ جو وهڪرو بند ڪري ڇڏيو لکپت بندر ايراضيءَ جي سرسبز ساوڪ ۽ اُپَج ناس ٿي ويئي انگريزن جي حڪومت وقت سنڌوءَ جو وهڪرو ڪڇ طرف ڪرڻ لاءِ سروي ڪئي ويئي وري ديش جي ورهاڱي ڪانپوءِ گانڌيڌام ۽ ڪنڊلا بندر جي نرماڻ وقت ڀائي پرتاب هند ۽ سنڌ سرڪار کي عرض ڪيو ته ڦليلي ڪئنال رستي ڪڇ کي سنڌوءَ جو پاڻي ملڻ گھرجي نئين سر سروي ڪرائي نقشا به جوڙايا ويا پر سياسي سببن ڪري ڪنهن به يوجنا تي عمل نه ٿي سگھيو آهي ۽ ڪڇ سنڌوءَ جي نير کان وانجھيل رهجي ويو آهي.

هوُند : وچايل سنڌو نديءَ جو اڄ ڪڇ ۾ اسان وٽ تهذيبي مرڪز ۽ پوتر استان ميسر ٿي سگھيو هجي ها.

مذاقي پيشڪش

ستر اسي سال اڳ پيار ڪرڻ پاپ سمجهيو ويندو هو ته به لڪي ڇپي ڪبو هو. جن ڪيو سي چوندا هئا پيار ڪو حساب ڏوروئي آهي جو نوٽبڪ ڪٽي پينسل سان ڪبو، پاٽيهي تي ويندو آهي. وڏي ڳالهه ته ڦهريون پيار ڪڍهن پراٽو نه ٽئي پل پراٽي پوڙهو ٿي وڃي. اسان جي ڪلاس ۾ به ڀمي ۽ ڀُٽليءَ جي پيار جو پياچ پڪو پختو ٿي ويو. اهُي ڏينهن اهُي شينهن، ڪلي ڪلي واهه جي موڄ ماڇندي هئي جڏهن چوندا هئاسين.

ڀما! منهنجا ڀمن

تنهنجي ڀُٽليءَ سان پريم جي آڪاٽي ڪٽان ڪٽي ته لڳندي ماٺ ماٺهين ڪي ۽ پٺهين پوندءِ ڏري.

ته هيو چوندس نه نه.

ايندءِ آنند امڙ ڪي ۽ بابا پوندءِ نري.

هاٽي اسان به آهيون جيون جي پوئين پاني تي، پر جيسين ساهه سرير ۾ تيسين اهُي مزا مور نه وسرندا.

هيءُ چرچو هندواسيءَ ۾ پرنسيپال موتيلعل بٽاني جي 'چرچائي چوٽيون' تان کنيل آهي.

سنڌ ۾ روز مره جي زندگي

سنڌ ۾ روزي روٽي سستي هئي ماڻهو به محنتي ۽ سچار هئا. زالون سڄو ڏينهن گهرو ڪمن ۾ مشغول رهنديون هيون ڏڌ مان مکڻ ڪڍن جنڊ هلائي اٽو ڏاهن. ڪتنب جا ڀاتي به گهڻا هوندا هئا تن جي سنڀال ۽ ڪاڏو ڏاهين، اهي سڀ ڪم زالون گڏجي شونق سان ڪنديون هيون. مرد به پنهنجي ڌنڌي ۾ سڄو ڏينهن مشغول رهندا هئا. ٻاهر بازار ۾ شيون خالص ۽ سوادي ملنديون هيون. سنڌ ۾ ماڻهو بدن جا ڊولائتا سهڻا هوندا هئا، هتان وانگر ڦيڦا ۽ بدن جا ٿلها نه هئا، هتي ته ڪاڌو ئي اَڻنگو ٿا کائين.

''هوءَ جا بکن تي مڙهي مُنڊُ ٿي،
اَڄ به اَسُر جو اُٿي جوٽي جنڊ ٿي،
ان سهاڳڻ کي مان ڪيئن نه سجدو ڪيان.''

تاجل

ڪ ۾ ڻاپر پيو تہ واپس ايندا سين. جيڪي ڪجھہ ساڻ هجي تہ
ستيشن تي عملدار کسيو وٺن چي ”ڪاڇ بہ ڪٽي وڃڻو ناهي.“ مال
لڪيت سان ڀريا گهر ڇڏي سموري سنڌ مان ماٺهو لڏڻ لڳا تڏهن
استر چندر ائين لکيو تہ :-

سنڌي ديش پنهنجو ڇڏيندا وڃن ٿا، لڏيندا وڃن ٿا

پکي باغ پنهنجو ڇڏيندا وڃن ٿا،ڇڏيندا وڃن ٿا

ڇڏي سکر ساڌ ٻيلو سنڌوءَ جا ڪنارا،

وطن ڪان جدا ٿي وڃن ٿا وڃن ٿا

هاءِ هاءِ پکا پراڻا، هاءِ هاءِ سهٹا وٹاٹا

هاءِ هاءِ مٹا اباٹا.

ديش جو ورهاڱو

پاڪستان ٺهڻ جي اعلان ڪانپوءِ ٻاهر پڊرتي سوين مسلمان گڏ ٿيا. لائوڊ اسپيڪر لڳايا ويا. وڻ جي ٽڙ وٽ محمد علي جناح جو وڏو فريم ٿيل فوٽو لڳايو ويو. ڪن ڪٽر مسلمانن تقريرون ڪيون.

خدا تعليٰ : جناح کي وڏي عمر بخشي جنهن اسان جو وڏو خواب پورو ڪيو آهي. هندن کي ياد رکڻ گهرجي ته هنن جو ملڪ سنڌ ڪونهي هندستان آهي.

سيٺي چئو

''هس هس ڪي ليئا هئه پاڪستان، لڙ لڙ ڪي لينگي هندستان.''

مسلمانن جي حڪومت شروع ٿيندي ئي مسلمان هندن جون جايون مال ملڪيت ڦٻائڻ جا منصوبا رٿڻ لڳا. ٿورن ئي ڏينهن ۾ ڪوئيٽا ۾ قرلت ڪري هندن جي گهرن کي باهه ڏني ويئي ڪيترائي سِکه ۽ هندو ماريا ويا. هوڏانهن ڪراچيءَ ۾ بم ڦاٽا ۽ هندو- مسلم فساد ٿيا. سنڌ جي ٻين شهرن ۾ به اهڙي نموني هندن مٿان ظلم ۽ قرلت ٿيندي رهي، ڏينهون پوءِ ڏينهن حالتيون بگڙجنديون رهيون. اهي سڀ ڳالهيون ياد ڪري ڪروڌت ٿي شڪارپور جي شاعر فانيءَ لکيو.

''دل ٿي چوي ته باهه لڳايان بهار کي،
گلرن جي بجاءِ آءُ چمان خار خار کي،
برباد جڏهن آشيانو ياد ٿو اچي.''

پنهنجي ڪٽنب پريوار جي سلامتيءَ لاءِ سيني ائين ئي مناسب سمجهيو ته هاڻي هتان نڪرڻ گهرجي، پوءِ ڏٺو ويندو وري جڏهن

جو لکيل گيت ميگھہ ملھار راڳہ ڳائڻ لڳو:

''بادل آيو بھار ميان،
ڪرڪا وسڻ جي يار ميان،
گل گلابي ڪنوز ڪوماٽا،
توڙي چمن چؤڌار ميان،
ڪري وسڪارو پر تون ٻاريون،
کڙن گل گلزار ميان،
وڻ سڪا سپ ساوا ڪر تون،
ٿين اَن انبار ميان،
پوچل ڪي نت آس جا آهي.
سھٹا لھندي سار ميان.''

ڏُن ۾ پيڳت ڳائيندو رهيو ۽ اکين مان آنسون بہ وهائيندو رهيو.
مڪ ڪلاڪ نبري ويو. پيڳت پنھنجيءَ مستيءَ ۾ ڳائيندو رهيو.
ڏسن تہ آڪاش ۾ ڪارا ڪارا بادل ڪنا ٿيڻ لڳا گويا ڪنھن جادوءَ
جي لڪڙي ڦهلائي ڇڏي هجي. ڏيري ڏيري برکا بوند شروع ٿي.
پيڳت جئن جئن سڪ ۽ سوز سان ڳائيندو رهيو مينھن بہ تئن تئن تيز
وسڻ لڳو پيڳت جي جڻ جنڪار ڪندا زالون، مرد ۽ ٻار پاڳل ٿي
ناچڻ لڳا. ماٹھن ۾ آنند ۽ خوشيءَ جي لھر ڇانئجي ويئي. پيڳت
جي پيرن تي ڪري خوشيءَ ۾ زارون زار روئڻ لڳا. پيڳت ڳوٺاٹن
کي گذارش ڪئي تہ من ۾ وشواس رکي، سچيءَ دل سان پرماتما کي
پرارٿنا ڪندا تہ توهان جا ڪارج ضرور سد ٿيندا.

''عشق جو آواز سچڻ نتائي ڪين ڪي.''

احساس:-

''مينھن هر پراٹيءَلاءِ معنيٰ ٿو رکي.
وج جوين جوان ٿي ڪارن ڪکرن کي چڪڻ لڳي.

ڪنور! تون سنڌ هئين

هڪڙي سال شڪارپور ضلعي جي اُتر پاسي خاص ڪري سلطان ڪوٽ تحصيل ۾ سخت ڏڪار پيو. نديون نارا ڍنڍيون ڍورا سڀ سُڪي ويا، زمين ٿوٽ پوري ٿي پيئي، چوڌاري پاڻيءَ ڪاڻ هاهاڪار مچي ويو. ڏهن ڏهن ميلن جي مفاصلي تان اونهن کوهن مان پاڻيءَ جون پکالون پري ڏاند گاڏين ۾ ڍوئي ماڻهو بستين ۾ پهچائڻ لڳا. هن پاسي اونهاري ۾ پارو ۴۵ ڊگريون پار ڪري وڃي. جڏهن ڳوٺ ۾ اُڃ ۽ آفت جو سنڪٽ سر مٿان چڙهي آيو تڏهن ڳوٺ جي ڏاهن فيصلو ڪيو ته ٻيلي ڪنهن اَلله لوڪ کي گهرائي رحمت جو ڪلام ڳارائجي، ستسنگ ڪرائجي ته ڀڳت ڪنوررام کي ڳوٺ جڙوارن ڏي نياپو مُڪو ويو ته اچي پلؤ پائي، ڳوٺ جي مسڪينن جي خبرچار لهي. خلق جي خدمت جو سنديش پائي ڌر تتيءَ جو ڀڳت ڪنوررام ڳوٺ ۾ اچي وارد ٿيو. هزارين ڪنا ٿيل مسڪينن جا مرجهايل چهرا ڏسي ڀڳت جون اکيون آشڪبار ٿي ويون. من ئي من ۾ مالڪ کي منٿ ڪرڻ لڳو. **اي مالڪ! هنن مسڪينن ڪان چو تو ٻري رهين جل پري ميٺ لهه، هنن اُجايلن جي تڙڦ مٽاءِ،** ڀڳت چوطرف نظر ڦهلائي ڏسي ته ڳوٺاٽا شاهي پرارٿنا ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ پنهنجا ڏار ڏار يقيني نشان کڻي آيا هئا. ڪن جي هٿن ۾ مالائون هيون ته ڪن کي پپر جا پن يا جهنگلي ڦل، ڪن وٽ قران شريف هو ته ڪن جي هٿن ۾ جپ صاحب، وَر وَر ڪري آڪاس ڏانهن نهارن ته مٿان مالڪ جي مهر ٿئي. ڀڳت به مٿي آسمان ۾ ڏٺو ته ٽڙيل پکڙيل بادل بيٺا هئا، تڏهن ڀڳت ٻئي هٿ مٿي آسمان ڏي ڪنيا ۽ روئندي روئندي نيڻن مان نير وهائيندي پوڇل

جھوليلال آھي ورڻ ديوتا درياھہ شاھہ جو روپ

اٽڪل ھزار سال اڳہ سنڌ ۾ سنڌوءَ جي ڪناري سيپئي ھندو ڪنا ٿي ورڻ ديوتا درياھہ شاہ کي پڪار ڪئي تہ مسلمان حاڪم ھندن مٿان ظلم ڪري کين زبردستيءَ مسلمان ٿا بڻائن، توھان اچي اسان جي رڪشيا ڪريو. تڏھن آڪاشواڻي ٿي تہ مان جلد سنڌ جي شھر نصرپور ۾ راءِ رتن ٺڪر جي گھر جنم وٺي اڏرمنين کي ناس ڪندس. سچ پچ ٿيو بہ ائين ورڻ ديوتا جھوليلال جو روپ ڌاري سنڌ ۾ آيو ۽ ھندن جو ڪلياڻ ڪرڻ لڳو. سنڌين جو اشٽ ديو بڻيو. تنھن کانپوءِ سنڌي جوتين واري درياھہ شاھہ لعل سائينءَ جي شرڌا سان پوڄا ڪرڻ لڳا. شڪارپور ۾ سنڌ واھہ، سيوھڻ ۾ اڙل، سکر ۾ سنڌو درياھہ، لاڙڪاڻي ۾ گھاڙ واھہ، حيدرآباد ۾ ڦليلي، ساھتيءَ ۾ براج، ميلن جا مرڪز ھئا.

’جھوليلال - بيڙائي پار‘ جا نعرا ھئا. درياھہ شاہ تي ماٿو ايندا ھئا اَکا پائڻ تہ سيني جو ٿئي سک، سھاڳڻيون آسيس گ ھرنديون ھيون تہ سندن جي سھاڳہ جي سفر ۾ ڏينھن نہ ٿئي ڏنگو، ڪک نہ پوين اک، وار بہ نہ ٿئين ونگو. ھاڻ سڀ ڪاجھہ آھي بناوٽي. ڪيترن سنڌين ٻوليءَ جو ڪيو آھي- شراڌ تہ ڪن مارڪو. سنڌي ساھتيہ روئي پيئي چوي تہ -

جنھين ڪاڻ مئاسين
ڪانڌي مٺيءَ جا ڪين ٿيا.“

سماپت

بادل لمندا نچندا آيا،
چوهہ مان هوا چڻڪي
وڻن جو کھڙو وستار ڪجي.
گلن بہ عطر چڻڪايو،
برپٽ ۾ برڪا آئي،
ساري ڪائنات خوشيءَ ۾ کيلڻ لڳي،
ڌرتي بہ پاڻي پي ٺنڍي ٺار ٿي.''

هيءُ ليکہ هندواسيءَ ۾ جواهر بنيجا جي مضمون ''ڀڳت ڪنوررام جي ميگهہ ملهار راڳ جي ڪرامت'' جي آڌار تي لکيل آهي.

ڪتابن، رسالن ۽ مئگزنس جي فهرست جيڪي مون پڙهيا.هن ڪتاب لکڻ ۾ اُنهن مان خاص ڳالهيون ۽ دلڪش حوالا ڪنيا اٿم.

۱ .منهنجو شهر منهنجا ماڻهو (شڪارپور). لوڪرام ڏوڏيجا 1976

۲ . شاهاڻو شهر شڪارپور. ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي 1985

۲ . لطيفي سٽر ڇاپو ٻيو . پيرومل مهرچند. 1983

۴. ڪڇ ۽ سنڌ جا قديمي ناتا. جينت ريلواڻي. 2003

۵. ڪهاڻي هڪ ڪامل جي. ڀڳوان. 1980

(سائين پرمانند)

٦ . سيٺ نائونمل هوتچند ڀوڄواڻي. لعل پشپ. 2002

۷. جيئه ڪيدارناٿ. ايم سڳن ۽ فتن پرسواڻي. 1996

۸ .سترمٽڪا . پاروچاولا. 2000

۹ . آڪيرا آڪاس ۾. رام ٻخشاڻي. 2005

۱۰ . سي سپ سانديم ساهه سين. موتي پرڪاش. 1987

۱۱ . سنڌي شعر ۾ استريءَ جو چٽُ ڊاڪٽر موتي پرڪاش 1988

۱۲ . پوان شل قبول. جگديش لڇاڻي. 2008

۱۲ . سڪ جي سوغات ڇاپو ٻيو. رام پرتابراءِ پنجواڻي. 2000

۱۴ . شري جهو ليلعل چاليسا ڪيولراماڻي ڪمل پياسي. 2006

۱۵ . هندواسي اخبارون، سپون ۽ اسين سنڌي مئگزنس ۾ آيل ليک.

شڪارپور سنڌ جا نظارا...

نَئُ-ورني ڪنئار

شڪارپوري سيٽ

ڳوٺ جو نظارو

بهراٹو صاحب

اڪري مُهري ۽ ڇَڄ

998

مادري وطن سنڌ جي دا

شڪارپور ۽ ڪراچيءَ جي ڪهاڻي

ڏياريءَ جي ڏينهن شڪارپور جي هڪ مندر جو نظارو

مانڌاڻي

جنڊ

شاديءَ تي شادمانا - لاڏا

MADRE VATAN SINDH JI DASTAAN

SHIKARPUR AIN KARACHI JI KAHANI